# سُوْرَةُ مَرْيَم

سورة مريم مڪي سورت آهي، جنهن ۾ حضرت عيسىٰ عليه السلام جي ولادت ۽ سندس والده حضرت مريم عليها السلام جو واقعو تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. انهيءَ نسبت سان هن جو نالو سورة مريم رکيو ويو آهي. حضرت مريم عليها السلام جو نالو قرآن شريف ۾ 30 دفعا آيو آهي. حضرت مريم عليها السلام کان سواءِ ڪنهن به ٻئي عورت جو نالو قرآن ۾ نه آهي. امرات نوح، امرات لوط امرات فرعون آيو آهي، پر نالو نه آيو آهي. (التحريم: 66) هن سورت جو نزول هجرت حبشه کان اڳ جو آهي، ترتيب جي لحاظ سان قرآن پاڪ جي 19 سورت آهي، پر نزول سورت جي لحاظ سان هن جو نمبر 58 آهي. يعني مڪي مڪرم ۾ هن کان اڳ 57 سورتون نازل ٿي چڪيون هيون، هن سورت کان بعد مڪي مڪرم ۾ 32 سورتون نازل ٿيون. اهڙي طرح مڪي سورتن جو انگ 90 ڪن آهي، باقي 24 سورتون مدني آهن. هي سورة سڳوري هجرت حبشه جو پيش خيمه هئي. جڏهن مڪي مڪرم ۾ مسلمانن تي ظلم جا پهاڙ ڪيرايا ويا ۽ ڪين طرح طرح جي اذيتن ۽ عذابن مان گذرڻو پيو، خاص طرح سان مسڪين ۽ غلام مسلمانن جي زندگي ته زهر ٻڻجي وئي هئي. حضرت بلال، حضرت عمار بن ياسر، حضرت خباب رضي الله تعالى عنهم ۽ ٻين جي جسم مبارڪ تي گرم لوهه رکي گرم ريت تي ليٽائي عذاب ڏنو ويندو هيو، هن کان اڳ به زباني مسخري، چٽر ۽ ٺوڪون ڪري مسلمان کي تنگ ڪندا هئا، پر هاڻي ڪين جسماني عذاب ڏئي، دين اسلام جي اطاعت ۽ حضور خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وسلم جي اتباع کان روڪڻ لاءِ حملا ڪندا رهيا. جنهن سبب ڪجهه مسلمان هجرت حبشه ڪري ويا، ڪافرن ڪين اتي به سڪون سان رهڻ نه ڏنو ۽ هڪ سفارتي وفد عمرو بن العاص (جيڪو ان وقت مسلمان نه ٿيو هيو) حبشه جي بادشاهه ڏانهن موڪليو ته هي باغي آهن، هنن کي پناهه نه ڏني وڃي، جنهن تي حبشه جي بادشاهه مسلمانن کان حقيقت معلوم ڪئي ۽ مسلمانن کي بي قصور سمجهي پاڻ وٽ پناهه ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. ڪافرن جو هي حربو ناڪام وڃڻ بعد وري بادشاهه کي چيو ته

هنن جو حضرت عيسىٰ ۽ حضرت مريم ﷩ بابت نهايت غلط عقيدو آهي. هي ان عقيدي کي حبشہ ۾ عام ڪري اوهان جي دين عيسوي ۾ خلل وجهندا. جنهن تي حبشہ جي بادشاهہ مسلمانن کي وري گهرائي حضرت عيسىٰ ۽ حضرت مريم ﷩ بابت عقيدو معلوم ڪيو، جنهن تي حضرت جعفر طيار بن ابي طالب ﷛ سورة مريم جو اهو پورو رڪوع قرآن شريف مان تلاوت ڪيو. حبشہ جي بادشاهہ چيو تہ حضرت عيسىٰ ﷺ جي حقيقت اها ئي آهي، جيڪا قرآن ۾ آهي. هن ڪان وار برابر بہ گهٽ وڌ ناهي. هي مسلمان هت امن سان رهندا ۽ ڪافر ڪٽي پهاڙ برابر سون بہ ڏيو تہ بہ هنن کي اوهان جي حوالي نہ ڪندس. روايت آهي تہ حبشہ جو بادشاهہ قرآن ٻڌندو رهيو ۽ رئندو رهيو، ڳوڙها سندس ڏاڙهيءَ مان زارو زار ٽپڪي رهيا هئا. هن سورة ۾ چند انبياءِ ڪرام ۽ صلحاءِ عظام جو ذڪر آهي، جن جي پڙهڻ سان ايمان کي تقويت ملي ٿي تہ الله تعالىٰ لاحساب قدرت ۽ طاقت جو مالڪ آهي. اهو مسلمانن جي ڪاميابي ۽ ڪامرانيءَ جو ضامن آهي ۽ ڪافرن کي سخت عذاب ڏيڻ وارو آهي. ان ڪري امت محمديہ ﷺ کي بہ يقين هئڻ گهرجي تہ الله هنن کي ضرور ڪاميابيون نصيب ڪندو ۽ ڪافرن کي ذلت آميز شڪست ۽ ناڪامي ڏسڻي پوندي ۽ حضور ﷺ جو اهو قول مبارڪ سچ ثابت ٿيندو تہ صنعا ڪان حضرت موت تائين ماڻهو بناڪنهن سفر ڪندا ۽ الله کانسواءِ ڪين ڪنهن جو بہ ڊپ ڊاءُ نہ هوندو.

———— ••• ————

آيتون ٩٨ | سُوْرَةُ مَرْيَمَ (مكي سورت) | رکوع ٦

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

كٓهٰيٰعٓصٓ ۚ ﴿١﴾ ذِكْرُ رَحْمَتِ رَبِّكَ عَبْدَهٗ زَكَرِيَّا ۚ ﴿٢﴾ اِذْ نَادٰى رَبَّهٗ نِدَآءً
خَفِيًّا ﴿٣﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّىْ وَهَنَ الْعَظْمُ مِنِّىْ وَاشْتَعَلَ الرَّاْسُ شَيْبًا وَّلَمْ
اَكُنْۢ بِدُعَآئِكَ رَبِّ شَقِيًّا ﴿٤﴾ وَاِنِّىْ خِفْتُ الْمَوَالِىَ مِنْ وَّرَآءِىْ وَكَانَتِ
امْرَاَتِىْ عَاقِرًا فَهَبْ لِىْ مِنْ لَّدُنْكَ وَلِيًّا ۙ ﴿٥﴾ يَّرِثُنِىْ وَيَرِثُ مِنْ اٰلِ
يَعْقُوْبَ ۖ وَاجْعَلْهُ رَبِّ رَضِيًّا ﴿٦﴾ يٰزَكَرِيَّآ اِنَّا نُبَشِّرُكَ بِغُلٰمِ ۨاسْمُهٗ يَحْيٰى ۙ
لَمْ نَجْعَلْ لَّهٗ مِنْ قَبْلُ سَمِيًّا ﴿٧﴾ قَالَ رَبِّ اَنّٰى يَكُوْنُ لِىْ غُلٰمٌ وَّكَانَتِ
امْرَاَتِىْ عَاقِرًا وَّقَدْ بَلَغْتُ مِنَ الْكِبَرِ عِتِيًّا ﴿٨﴾ قَالَ كَذٰلِكَ ۚ قَالَ رَبُّكَ
هُوَ عَلَىَّ هَيِّنٌ وَّقَدْ خَلَقْتُكَ مِنْ قَبْلُ وَلَمْ تَكُ شَيْـًٔا ﴿٩﴾

الله جي نالي سان شروع جو نهايت وڏو مهربان ۽ هميشہ رحم ڪرڻ وارو آهي.

ڪ ھ ي ع ص: مون الله الڪريم الهادي العليم البصير جو هيءُ فرمان آهي. (1) هت ان رحمت نوازش ۽ لطف بي پايان جو ذڪر ٿي رهيو آهي، جيڪو تنهنجي پروردگار پاران پنهنجي ٻانهي زڪريا تي ٿيو.(2) جڏهن هن پنهنجي رب کي پوري توجه سان هتي پڪاريو تہ اي منهنجا پروردگار! منهنجا هڏا

ڪمزور ٿي چڪا آهن، پيريءَ سبب منهنجو مٿو اڇو ٿي ويو آهي ۽ توکي
ٻاڏائڻ ڪان ڪڏهن محروم نہ ٿيو آهيان.(3) مون کان پوءِ مون کي منهنجي
برادري تي ڊپ لڳي ٿو.(4) منهنجي زال بہ سُنڍ آهي، تون مون کي پنهنجي
پاران وارث ولي عطا ڪر(5) جيڪو منهنجو ۽ آل يعقوب جو وارث ٿئي.(6) ۽
هن کي منهنجا پروردگار! پسنديده شخصيت ڪر. اي زڪريا! اسان توکي
اهڙي ٻار جي بشارت ڏيون ٿا، جنهن جو نالو يحيٰ هوندو، هن کان اڳ انهيءَ
نالي سان ڪو نہ آيو آهي.(7) هن (زڪريا) چيو تہ منهنجا پروردگار! مون کي
چوڪرو (پٽ) ڪيئن ٿيندو، منهنجي زال سنڍ آهي ۽ مان پيريءَ جي انتها کي
پهچي چڪو آهيان.(8) (الله طرفان) حڪم آيو تہ ائين ئي ٿيندو، مون لاءِ اهو
آسان آهي ۽ هن کان اڳ مان توکي پيدا ڪري چڪو آهيان، جڏهن تون ڪا بہ
شيءِ نہ هئين(9)

---

ڪٓهٰيٰعٓصٓ ۾ پنج حرفن وارا حروف معطعات آهن، جنهن جو ٻنهي طرح سان شرح بيان ڪيو ويو آهي، جنهن موجب الله ۽ ان جي رسول مقبول خَاتَمُ النَّبِيِّين صلی اللہ علیہ وسلم کي ان جو مفهوم معلوم آهي، جيڪو فيض رسالت مآب سان اوليا الله تائين پهچي ٿو ۽ ان اسرار کي بہ بيان ڪيو ويو آهي تہ هي حقيقت جيڪا سراپا رحمت ۽ بخشش آهي الله الاهي الڪريم الهادي العليم ۽ البصير طرفان پنهنجي نيڪ ۽ صالح ٻانهي زڪريا علیہ السلام تي ٿي رهي آهي. اهو الله جيڪو پنهنجي هن انهن صفاتي نالن سان موسوم آهي، ان جي هر صفت مبارڪ جو ان نعمت ۾ اظهار آهي. ڪٓهٰيٰعٓصٓ ۾ گڏ پنج حرف آيا آهن، جيڪي ٻي سورة ۾ ناهن. سورة الشوریٰ ۾ ”حٰمٓ عٓسٓقٓ“ ٻن ۽ ٽن حرفن ۾ موجود آهن. حضرت ابن عباس رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان روايت آهي تہ ”ڪٓ“ مان ڪافي، ”ھٰ“ مان هادي، ”يٰ“ مان حڪيم ”ع“ مان عليم ۽ ”صٓ“ مان صادق مراد آهي. حضرت علي کرم اللہ وجہہ دعا گهرندي چوندو هيو: ”يَا كٓهٰيٰعٓصٓ اِغْفِرْ لِيْ“ يعني ان صفات عظيمه جا مالڪ! مون کي بخش ڪر. معلوم ٿيو تہ ڪٓهٰيٰعٓصٓ اسماءَ حسنیٰ مان آهي. هت الله جي اهڙي رحمت ۽ عطا جو ذڪر آهي، جيڪو الله جي ذات اقدس ڪانسواءِ

ٻيو ڪير بہ ڪري نٿو سگھي. الله جي هن قدرت جو اظهار حضور خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم لاءِ ۽ سندس مؤمنن جي جماعت لاءِ تسليءَ جو سامان آهي تہ الله تعالىٰ پنهنجي ٻانهن جي اهڙي طرح تہ غيبي مدد ڪندو آهي، جو ان جو ڪنهن کي وهم و گمان بہ نٿو سگھي. هت بہ عبد جي نسبت ”عَبْدَهٗ“ چئي، حضرت زڪريا عَلَيْهِ السَّلَامُ جي عزت ۽ شرف جو اظهار آهي. جڏهن حضرت زڪريا عَلَيْهِ السَّلَامُ عبادتگاهہ جي هڪ ڪنڊ ۾ نهايت رقت قلب سان الله تعالىٰ کي پڪاري رابطو قائم ڪيو ۽ نهايت عاجزانہ ۽ دردمندانہ اپيل ڪري عرض ڪيو ۽ سندس عرض جو اندازو تہ ڏسو سڀ کان اول رب جي رحمت جو ذڪر ڪيو، جيڪا خدا جي رحمت هر شيءِ تي محيط آهي. پنهنجي عجز ۽ انڪساريءَ جو اقرار ڪري ٿو تہ مان جهور پوڙهو ٿي ويو آهيان، ان وقت سندس عمر 120 سال کن هئي. منهنجي زال سنڍ آهي. اولاد ڄڻڻ جي صلاحيت نٿي رکي. مون کي پنهنجي برادريءَ ۾ بہ ڪو اهڙو معتمد ماڻهو نظر نٿو اچي، جيڪو هيڪل سليمانيءَ جون ذميداريون ادا ڪري سگھي. هن صورت حال ۾ مان نهايت افسرده آهيان تہ مون کان پوءِ هن دعوت کي ڪير جاري رکي سگھندو ۽ جيڪو پنهنجي صلاحيتن سان منهنجون ۽ آل يعقوب جي حوالي هجڻ جون ذميواريون نڀائي سگھي. اهڙين بلڪل سازگار حالتن ۾ صرف ذات باري تعالىٰ جي رحمت ۽ شفقت ۾ اميد آهي تہ مون کي نرينا اولاد (غلام) ٿئي تہ اهو منهنجي درد جي دوا ڪري سگھي. منهنجا رب! مان ڪڏهن بہ تنهنجي عطا ۽ بخشش کان نا اميد نہ رهيو آهيان. ۽ جڏهن بہ توکان ڪا بہ شيءِ طلب ڪئي آهي تہ محروم نہ ٿيو آهيان، هينئر بہ پروردگار! تنهنجي ان رحمتِ بي پايان کي دل جي گھراين سان توکي پڪاري رهيو آهيان. (آل عمران 3/8) منهنجي هن جهيڻي آواز کي اجابت عطا فرمائي منهنجي تذبذب جو علاج ڪر، مون کي منهنجو ۽ آل يعقوب جي والي وارث سان نواز ۽ هن ذات کي پسنديده ڪري ڇڏ. هو تنهنجو بہ پسنديده هجي ۽ بني اسرائيل لاءِ بہ قابل قبول شخصيت هجي. هن جووڏيڪ ذڪر سورت آل عمران: 28/3 ۾ آيو آهي.

ياد رهي تہ الله جا نيڪ صالح نبي پنهنجي پروردگار کان هميشه راضي رهندا آهن. رَضِيَ فعيل جي وزن تي راضي ۽ مرضي جنهن کي راضي ڪيو وڃي ٻنهي مفهومن ۾ اچي ٿو، جهڙيءَ طرح البينه: 8/98 ۾ آهي: ”رَضِيَ اللهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ“ اهڙي طرح سورة

الفجر: 89/ 28 ۾ آهي: ”ارۡجِعِيٓ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرۡضِيَّةً“ حضرت زڪريا علیہ السلام جنهن پٽ جي گهر ڪري ٿو، اهو سندس مال و دولت جو وارث نہ هوندو، پر اهو نبوت واري فريضہ سان نوازيو ويندو. جنهن لاءِ ارشاد رباني آهي: ”ثُمَّ اَوۡرَثۡنَا الۡكِتٰبَ الَّذِيۡنَ اصۡطَفَيۡنَا مِنۡ عِبَادِنَا“ (فاطر: 32/35) يعني پنهنجي جن خاص ٻانهن جو انتخاب ڪيو، انهن کي ڪتاب جو وارث بنايو. ٻئي هنڌ آهي: ”فَخَلَفَ مِنۡۢ بَعۡدِهِمۡ خَلۡفٌ وَّرِثُوا الۡكِتٰبَ“ (الاعراف: 169/7) ان ڪانپوءِ سندن جانشين ڪتاب جا وارث ٿيا. ”اِنَّ الَّذِيۡنَ اُوۡرِثُوا الۡكِتٰبَ“ (الشورىٰ: 14/42) يعني اهي ماڻهو جو ان ڪانپوءِ ڪتاب جا وارث ٿيا، انبياءِ ڪرام حسن ازل جي جلون ۾ مستغرق رهندا آهن. دنيا جي عجيب ڪان عجيب ۽ نفيس ڪان نفيس ڪا بہ شيءِ ڪين پاڻ طرف مائل نٿي ڪري سگهي. يعني وراثت مال و دولت نہ، پر علم و حڪمت جي وراثت مراد آهي.

بے حساب و بے کتاب و بے ادب
عاشقاں را حق کند درسِ نصیب

———— * * * ————

عارف ۽ مشتاق پسڻ گهرن پرينءَ جو
جنت جا مشتاق اجان اواهان ٿيا

طالبِ دنيا، طالب آخرت ۽ طالب المولیٰ جو الڳ الڳ مقام آهي. هي الله جي توفيق ۽ عنايت آهي، جو هو ڪنهن بہ وهبي عنايتن سان نوازي.

الف اسان خون يار پڙهايا
بي دي بانس نہ پون

(بلهي شاهہ رحمۃ اللہ علیہ)

اکيون سي ئي ڏار جن سان پسين پرين کي
ٻئي ڏانهن ڪين نهار گهڻو ريسارا سپرين

(شاهہ لطيف رحمۃ اللہ علیہ: سر آسا)

اسان هن جي دردمندانہ دعا قبول ڪري ورتي ۽ ڪيس غيبي آواز آيو تہ جيڪا

شيءِ توکي ناممکن نظر اچي رهي آهي، اها الله لاءِ آسان آهي. اسان توکي به پيدا ڪيو آهي ۽ تون به پيدائش کان اڳ ڪجهه به نه هئين. سو اسان زڪريا ﷺ کي چيو ته توکي پٽ جي بشارت ڏيون ٿا، جنهن جو نالو يحيٰ (يَعيشُ يُعَمَّرُ) رکيو آهي. هي انوکو نالو به الله جو انتخاب آهي، جيڪو رڳو هن فرزند ارجمند جو نالو آهي ۽ بئي ڪنهن کي به ان نالي سان سڏيو نه ويو آهي. زڪريا ﷺ سوچڻ لڳو ته منهنجي هن ڪراڙپ ۽ زال جي عدم صلاحيت باوجود پٽ جو اولاد ڪيئن ٿيندو.(آل عمران: 40/3) ۽ جيڪڏهن ٿيندو ته مون کي ڪهڙي طرح معلوم ٿيندو ته مون کي پٽ ڄمڻ وارو آهي ۽ الله جي بشارت وجود جي صورت اختيار ڪري ورتو آهي.

قَالَ رَبِّ اجْعَلْ لِّيْٓ اٰيَةً ۭ قَالَ اٰيَتُكَ اَلَّا تُكَلِّمَ النَّاسَ ثَلٰثَ لَيَالٍ
سَوِيًّا ﴿١٠﴾ فَخَرَجَ عَلٰي قَوْمِهٖ مِنَ الْمِحْرَابِ فَاَوْحٰٓى اِلَيْهِمْ اَنْ سَبِّحُوْا بُكْرَةً وَّ
عَشِيًّا ﴿١١﴾ يٰيَحْيٰى خُذِ الْكِتٰبَ بِقُوَّةٍ ۭ وَاٰتَيْنٰهُ الْحُكْمَ صَبِيًّا ﴿١٢﴾ وَّحَنَانًا مِّنْ
لَّدُنَّا وَزَكٰوةً ۭ وَكَانَ تَقِيًّا ﴿١٣﴾ وَّبَرًّۢا بِوَالِدَيْهِ وَلَمْ يَكُنْ جَبَّارًا
عَصِيًّا ﴿١٤﴾ وَسَلٰمٌ عَلَيْهِ يَوْمَ وُلِدَ وَيَوْمَ يَمُوْتُ وَيَوْمَ يُبْعَثُ حَيًّا ﴿١٥﴾ ع ١٥ وقف لازم

عرض ڪيائين اي منهنجا پروردگار! مون لاءِ ڪا نشاني مقرر ڪرڻ فرماءِ. فرمايائين ته تو لاءِ نشاني اها آهي ته تون ماڻهن سان لڳاتار ٽي راتيون (۽ ڏينهن) گفتگو ڪري ڪونه سگهندين (10) پوءِ هو (زڪريا ﷺ) پنهنجي محراب يعني عبادت واري حجري کان پنهنجي قوم ڏانهن آيو ۽ ڪين اشارن سان چوڻ لڳو ته توهان الله جي صبح و شام تسبيح ۽ تحميد ڪريو. (هن محراب کان باهر اچي ماڻهن کي اشارن ذريعي چيو ته توهان صبح شام الله جي تسبيح ۾ مشغول رهو). (11) اي يحيٰ! تون پاڻ الڪتاب (تورات) کي

مضبوطيءَ سان قائم رک. اسان هن کي ٻاراڻپي ۾ ئي حڪمت ۽ دانائي عطا ڪئي هئي. (12) ۽ اسان طرفان ڪيس سوزوگداز واري محبت ۽ پاڪيزگي عطا ڪئي وئي، هو نهايت متقي انسان هو.(13) هو پنهنجي والدين سان حسن سلوڪ ڪرڻ وارو هيو ۽ سخت مزاج ۽ نافرمان نه هيو. (14) هن تي سلام جنهن ڏينهن ڄائو، جنهن ڏينهن هو موت ۾ ويو ۽ جنهن ڏينهن ڪيس (قيامت ۾) وري زنده ڪيو ويندو.(15)

---

الله تعالىٰ طرفان ارشاد ٿيو ته تون ڪامل صحت هجڻ جي باوجود ٽن ڏينهن تائين لڳاتار ماڻهن سان ڪلام نه ڪري سگهندين، پر خدا جي تسبيح ۽ تحميد ڪري سگهندين پر ماڻهن سان رڳو اشارن سان پنهنجو مطلب ظاهر ڪري سگهندين. (آل عمران 41/3، مريم: 26/19) ته پوءِ سمجهي وڃ ته حمل قرار تي چڪو آهي. (الانبياء: 90/21) ۽ تنهنجي زال اولاد هئڻ جي صلاحيت سان نوازي وئي آهي، جڏهن تنهنجي زبان عوام سان گفتگو ڪرڻ ڪان رڪجي وڃي. (مريم: 26/19) ته پوءِ تون الله جي احسان جي شڪرگذاري لاءِ خدا جي تسبيح ۽ تحميد ۾ مشغول ٿي وڃ. استغفار، نماز ۽ تسبيح جو ذڪر جاري رک ۽ پنهنجو شب و روز الله جي عبادت لاءِ مخصوص ڪري ڇڏ. حضرت يحىٰ عليه السلام جي پيدائش جهڙي طرح حضرت زڪريا عليه السلام لاءِ خوشخبري هئي ته اهڙي طرح بني اسرائيل لاءِ به وڏي بشارت هئي ته زڪريا عليه السلام جو صحيح جانشين ۽ علم و حڪمت جو وارث اچي رهيو هو، جنهن جي خواهش سيني جي دل ۾ موجود هئي. پوءِ زڪريا عليه السلام پنهنجي عبادتگاهه (محراب) ڪان ٻاهر آيو. لفظ ”مِحْرَابِ“ حَرْبُ جو اسم ظرف آهي، يعني جنگ ۽ جدوجهد جو مقام. امام جي خطبي واري گوشي کي ”محراب“ يعني جنگ جو هنڌ ان ڪري چئجي ٿو ته امام نفس ۽ شيطان خلاف توڙي شيطاني قوتن خلاف جنگ جو مرڪزي مقام آهي، ان ڪري ڪيس لٺ هٿيار جي نشاني طور موجود آهي. نبين جو اهو سلسلو شروع ڪان ئي نفس، هوا، شيطاني وسوسن ۽ طاغوتي قوتن خلاف جنگ آهي. بني اسرائيل کي اشارن ئي اشارن ۾ چيو ته الله تعالىٰ جي صبح شام تسبيح ڪريو. پوءِ

جڏهن يحىٰ ﷺ کي نبوت جي منصب تي فائز ڪيو ويو تہ هن الڪتاب (توريت) تي پوري تندهي سان عمل ڪرڻ جي تلقين ڪئي. ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي حڪم خداوندي جي تعميل جو حق ادا ڪيو. ماڻهن کي حق جو پيغام ٻڌايو. حضرت يحىٰ ﷺ تورات جي تعليم کي وري زندهہ ڪيو، جنهن کي الله تعالىٰ ٻاراڻي اوستا ۾ ئي لهو و لعب ۽ فضول ڳالهين کان محفوظ رکيو هو. هت حضرت يحىٰ ﷺ جون خوبيون ۽ خصلتون بيان ٿي رهيون آهن تہ حق تعالىٰ طرفان هو ٻچپن ۾ ئي توريت جي شريعت جو حامل، فهم ودانش ۽ علم و حڪمت جو ڏٺي، ڪتاب الاهي جي دعوت جو عام ڪندڙ هوندو هو. خداوند ڪريم ڪيس رقت قلب، ذوق و شوق رحمت ۽ شفقت، محبت ۽ محبوبيت جي اوصاف اعلىٰ سان نوازيو آهي. ماڻهو سندس پرسوز ۽ تاثير واري تبليغ جي برڪت سان راهہ حق تي اچي ويا. فسق و فجور ۽ لهو و لعب جي زندگي کي ترڪ ڪيو. زهد و تقوىٰ اختيار ڪيو. هو پاڻ بہ صاف پاڪ متقي ۽ پرهيز گار هيو. وقت جو بادشاهہ ان ڪري ناراض هيو تہ هن کي هن تنقيد جو نشانو بنايو هيو، جنهن يحىٰ ﷺ کي قيد ۾ رکيو ۽ هڪ رقاصہ جي چوڻ تي سندس سر قلم ڪيو. هو پنهنجي والدين جو خدمت گذار ۽ فرمانبردار هيو. هو نياز ۽ نوڙت جو پيڪر، هٺ ۽ سرڪشي کان دور هيو. خدا وٽ سندس مقبوليت ۽ محبوبيت جو اهو مقام هيو تہ الله تعالىٰ جو ارشاد مبارڪ ٿيو تہ توکي الله طرفان سلام ۽ سلامتي هجي. جنهن ڏينهن کان تنهنجي پيدائش ٿي جنهن ۾ ڪو بہ خلل يا نقص نہ آيو، توڙي پيري جو اولاد هيو ۽ جنهن ڏينهن واصل بالله ٿيندين ۽ وري قيامت ۾ زندهہ ڪري اٿاريو ويندين، هر حال ۾ هر هنڌ خير ۽ سلامتي هوندي. مطلب تہ تنهنجي زندگي جو لمحو ۽ ان بعد وصال جو مرحلو ۽ قيامت ڏينهن زندهہ ٿيڻ جو سلسلو سڀ الله جي رحمت ۽ سلامتيءَ سان گذرندو.

وَاذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ مَرْيَمَ ۘ اِذِ انْتَبَذَتْ مِنْ اَهْلِهَا مَكَانًا شَرْقِيًّا ﴿١٦﴾
فَاتَّخَذَتْ مِنْ دُوْنِهِمْ حِجَابًا ۖ فَاَرْسَلْنَآ اِلَيْهَا رُوْحَنَا فَتَمَثَّلَ لَهَا بَشَرًا
سَوِيًّا ﴿١٧﴾ قَالَتْ اِنِّيْٓ اَعُوْذُ بِالرَّحْمٰنِ مِنْكَ اِنْ كُنْتَ تَقِيًّا ﴿١٨﴾ قَالَ اِنَّمَآ اَنَا

رَسُوْلُ رَبِّكِ ۖ لِاَهَبَ لَكِ غُلٰمًا زَكِيًّا ﴿۱۹﴾ قَالَتْ اَنّٰى يَكُوْنُ لِىْ غُلٰمٌ وَّ لَمْ
يَمْسَسْنِىْ بَشَرٌ وَّ لَمْ اَكُ بَغِيًّا ﴿۲۰﴾ قَالَ كَذٰلِكِ ۚ قَالَ رَبُّكِ هُوَ عَلَىَّ هَيِّنٌ ۚ
وَ لِنَجْعَلَهٗۤ اٰيَةً لِّلنَّاسِ وَ رَحْمَةً مِّنَّا ۚ وَ كَانَ اَمْرًا مَّقْضِيًّا ﴿۲۱﴾ فَحَمَلَتْهُ
فَانْتَبَذَتْ بِهٖ مَكَانًا قَصِيًّا ﴿۲۲﴾ فَاَجَآءَهَا الْمَخَاضُ اِلٰى جِذْعِ النَّخْلَةِ ۚ
قَالَتْ يٰلَيْتَنِىْ مِتُّ قَبْلَ هٰذَا وَ كُنْتُ نَسْيًا مَّنْسِيًّا ﴿۲۳﴾ فَنَادٰىهَا مِنْ
تَحْتِهَاۤ اَلَّا تَحْزَنِىْ قَدْ جَعَلَ رَبُّكِ تَحْتَكِ سَرِيًّا ﴿۲۴﴾ وَ هُزِّىْۤ اِلَيْكِ بِجِذْعِ
النَّخْلَةِ تُسٰقِطْ عَلَيْكِ رُطَبًا جَنِيًّا ﴿۲۵﴾ فَكُلِىْ وَ اشْرَبِىْ وَ قَرِّىْ عَيْنًا ۚ فَاِمَّا
تَرَيِنَّ مِنَ الْبَشَرِ اَحَدًا ۙ فَقُوْلِىْۤ اِنِّىْ نَذَرْتُ لِلرَّحْمٰنِ صَوْمًا فَلَنْ اُكَلِّمَ
الْيَوْمَ اِنْسِيًّا ﴿۲۶﴾ ۚ

۽ هاڻي هن ڪتاب (قرآن) ۾ مريم عليها السلام جو ذڪر ڪريو، جڏهن هوءَ پنهنجي گهر وارن کان الڳ ٿي بيت المقدس جي مشرقي حصي ۾ گوشہ نشين ٿي وئي.(16) تہ هن پاڻ کي انهن کان پردي ۾ ڪيو. پوءِ اسان هن طرف پنهنجو فرشتو موڪليو، جيڪو ان سامهون هڪ مڪمل انسان جي صورت ۾ آيو. (17) مريم چيو تہ مان رحمٰن جي پناھ گهران ٿي جيڪڏهن توکي خدا جو خوف آهي.(18) ان (فرشتي) چيو تہ مان تہ تنهنجي رب جو موڪليل فرشتو (رسول) آهيان ۽ توکي هڪ پاڪيزه پٽ عطا ڪريان. (19) مريم عليها السلام چيو مون کي پٽ ڪيئن ٿيندو، جڏهن مون کي ڪنهن بشر ڇهيو بہ ناهي ۽ نہ وري مان بدچلن آهيان.(20) فرشتي چيو تہ ائين ئي ٿيندو، تنهنجي رب جو فرمان

آهي تہ ائين ڪرڻ مون لاءِ آسان آهي تہ هن امر کي هڪ آيت (نشاني) بڻايون ۽ رحمت ڪيون، منهنجي طرف کان هي هڪ طئہ شده امر آهي.(21) تہ ٻار (پٽ) جو حمل جاءِ گزين ٿي چڪو آهي ۽ هوءَ هڪ پري واري هنڌ هلي وئي.(22) پوءِ هن کي ٻار جي ڄمڻ وارو سور کجيءَ جي ٿڙ هيٺ وٺي آيو. اهڙي ڪيفيت ۾ هن (مريم عليها السلام) چيو تہ ڪاش! مان هن کان اڳ مري وڃان ها ۽ منهنجي کهاڻي دنيا کان وسري وڃي ها.(23) تہ هن (فرشتي يا پٽ) ڪيس هن جي دامن کان آواز ڏنو تہ تون ڪو بہ غم نہ ڪر، تنهنجي رب تنهنجي قدمن مان هڪ چشمو جاري ڪري ڇڏيو آهي.(24) ۽ تون کجور جي ان ٿڙ کي لوڏو ڏي تہ تو ڏانهن پڪي کجور ڪري پوندي.(25) پوءِ تون اهو کاءُ ۽ پاڻي پيءُ ۽ پنهنجون اکيون ٿڌيون ڪر، جيڪڏهن ڪو بہ ماڻهو توکان هن ٻار جو پڇي تہ تون ڪيس (اشارن ۾) چؤ تہ آءٌ روزي سان آهيان، ان ڪري ڪنهن بہ انسان سان گفتگو نہ ڪري سگهنديس. (26)

گذريل آيت ۾ حضرت يحيٰ عليه السلام جي پيدائش جو ذڪر هيو، جنهن ۾ الله تبارڪ و تعالىٰ جي قدرت جون عجيب نشانيون موجود هيون، ڪهڙي طرح زڪريا عليه السلام پنهنجي جهور پوڙهي ٿي وڃڻ ۽ زال جي سنڍ هجڻ سبب وڏي عمر ۾ اولاد جو ٿيڻ هڪ معجزو هيو ۽ پوءِ بہ الله جي رحمت کان نااميد نہ هيو ۽ ڪيس پٽ جو اولاد حضرت يحيٰ عليه السلام جي صورت ۾ نصيب ٿيو. هاڻي حضرت مريم عليها السلام کي پٽ حضرت عيسىٰ عليه السلام جي بشارت آهي، جيڪا پوئين واقعي کان وڌيڪ حيرت انگيز ۽ عقل و هوش ربا آهي. زڪريا عليه السلام ۽ سندس زال موجود هئا، انهن کي اولاد جي صلاحيت ملڻ کان وڌيڪ هي ڪرشمو آهي تہ حضرت مريم عليها السلام کي بنا مڙس ۽ بنا ڪنهن انسان جي ڇهڻ ۽ هٿ لائڻ يا جنسي ميلاپ جي پٽ جو اولاد ٿيو. (آل عمران: 3/28-19) جيڪو مهد يعني پينگهي ۾ ننڍڙي عمر ۾ پنهنجي ماءُ جي پاڪدامنيءَ جي شهادت ڏئي رهيو هيو تہ مان الله جو نبي آهيان. ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏيڻ آيو آهيان. ياد رهي تہ ڪجھ مفسرين يوسف نالي

شخص کي بيبي مريم جو مڙس ۽ حضرت عيسىٰ عليه السلام جو والد ڄاڻايو آهي. رئيس المفسرين ابو الڪلام آزاد به يوسف نامي شخص سان مڱڻو ڏيکاريو آهي، پر سندن جنسي ميلاپ نه ٿيو آهي. قرآن جي هن موضوع تي آيتن کي گڏي پڙهبو ته عيسىٰ عليه السلام جي ولادت الله جي قدرت جو ڪرشمو آهي، جنهن کي اهڙي اهتمام ۽ اعجازي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. جيئن آيت 32 ۾ ”وَالِدَتِيْ“ آيو آهي، والدين نه آيو آهي.

ياد رهي ته انساني توليد ۽ تخليق جو سلسلو شروع کان جاري آهي. هڪ اهڙو طريقو جنهن ۾ مرد ۽ عورت جي ميلاپ سان اولاد ٿئي، ٻيو بغير مرد ۽ عورت جي تخليق (پيدائش) ٿئي جهڙو حضرت آدم عليه السلام ٽيون طريقو جنهن ۾ عورت کان سواءِ پيدائش ٿئي، جيئن بيبي حوا جو پيدا ٿيڻ، چوٿون بغير والد جي صرف پاڪيزه ماءُ جي بطن مان پٽ پيدا ٿئي، جهڙي طرح حضرت عيسىٰ عليه السلام آهي. الله تعالىٰ هر طرح سان انسان جي پيدائش ڏيکاري پنهنجي قدرت ڪامله ظاهر ڪري ٿو ته ڪيس علت ۽ معلول جي ضرورت ناهي. هو مروجه طريقي سان به پيدائش ڪري ٿو ۽ غير مروجه طريقي سان به پيدا ڪري ٿو. حضرت زڪريا عليه السلام جي ڏينهن ۾ هڪ پارسا عابد زاهد عمران هيو، جنهن جي زال حُنّه هئي، جيڪا حضرت يحىٰ عليه السلام جي والده جي ڀيڻ هئي ۽ اهو اولاد سندس دعائن جي نتيجي ۾ پروردگار ڪيس عطا ڪيو آهي. ان ڪري هن منت مڃي ته مون کي جيڪو حمل ۾ اولاد آهي، اهو هيڪل سليماني جي خدمت لاءِ وقف ڪريان ٿي ۽ اهڙي طرح خدا جي هن نعمت جو شڪريو ادا ڪريان ٿي. واضح حمل بعد پتو پيو ته حمل وارو ٻار پٽ نه پر ڌيءَ آهي، جنهن جو نالو هن مريم رکيو ۽ زڪريا عليه السلام جي نگرانيءَ ۾ هيڪل سليماني جي اوپر واري حصي ۾ جتي عورتن جي لاءِ عبادت گاهه مقرر هئي، اتي هڪ ڪنڊ ۾ عبادتگاهه ناهي ڏنو. حضرت مريم هيڪل سليماني ۾ ڏينهن پر عبادت ۾ مشغول رهندي هئي ۽ رات جو حضرت زڪريا عليه السلام جي گهر پنهنجي سڳي ماسي وٽ گذاريندي هئي. هڪ ڏينهن ماڻهن کان پردو ڪري اوپر طرف (غسل لاءِ) وئي ۽ صاف پاڪ ٿي واپس آئي ته الله تعالىٰ ان ڏانهن پنهنجي فرشتي کي هڪ ڪامل مڪمل خوبصورت انسان جي شڪل ۾ موڪليو. حضرت مريم هڪ غير انسان کي ڏسندي گهٻرائجي وئي ۽ پنهنجي حفاظت جو سوچڻ لڳي ۽ فرشتي کي چيائين ته مان پاڻ کي

الله جي پناهہ ۾ ڏيان ٿي. توکي ذرا پر بہ خدا جو خوف آهي تہ مون کان پري وڃ. هت "اِنۡ كُنۡتَ تَقِيًّا" ۾ "اِنۡ" شرطيه بہ ٿي سگهي ٿو تہ "اِنۡ" نافيہ بہ ٿي سگهي ٿو. توکي دل ۾ خوف خدا آهي يا نہ آهي. هر حال ۾ مان پناهہ گهران ٿي. جنهن تي کيس فرشتي چيو تہ تون گهٻراءِ نہ، پنهنجي دل مان هر قسم جو خوف ڪڍ، مان الله جو موڪليل فرشتو آهيان ۽ ان لاءِ آيو آهيان تہ توکي پٽ جي بشارت ڏيان. مريم ﷺ هن کي فرشتو تہ تسليم ڪيو، پر چيائين مون کي اولاد ڪيئن ٿي سگهي ٿو، جڏهن مون کي ڪنهن بني بشر هٿ بہ نہ لاتو آهي، نہ مون کان ڪا بدڪاري ٿي آهي. (آل عمران: 47/3، مريم: 28/19) فرشتي چيو تہ اهو سڀ ڪجهہ الله لاءِ آسان آهي. هي فيصلو ٿي چڪو آهي. الله تعالىٰ هن طرح حضرت عيسىٰ ﷺ جي پيدائش کي خداوند ڪريم جي عظيم رحمت ۽ دنيا وارن لاءِ قدرت جي نشاني چيو آهي. توکي الله جي قدرت ۽ حڪمت سان اهڙو فرزند ارجمند عطا ٿيندو، جيڪو پاڪ، معصوم، صالح ۽ خير و صلاح ۾ ڏينهون ڏينهن وڌا وڌ هوندو، جو تہ جنهن جي اڄ ساڳي ڪالهہ جهڙي آهي ۽ ڪو اضافو ترقي ناهي تہ اهو ماڻهو خساري ۾ آهي. هو هو هڪ ڪرشمہ ساز قدرت جي نشاني هوندو ۽ هن جي ظهور سان تمام پيغام نوع انساني لاءِ رحمت ۽ محبت جو پيغام هوندو. هي هن جي حياتيءَ جو پورو نقش هوندو تہ "اٰيَةً لِّلنَّاسِ وَرَحۡمَةً مِّنَّا".

فرشتي جي بشارت سان حضرت مريم ﷺ حامله ٿي وئي. هاڻي جڏهن حمل جا نشان نمايان ٿيڻ لڳا، ماڻهن جي طعنہ زني کان بچڻ لاءِ پري واري هنڌ تي گوشہ نشين ٿي وئي. جڏهن وضع حمل (اولاد ڄڻڻ) جو وقت آيو ۽ پيڙاءَ شروع ٿيا تہ هڪ کجي جي ٿڙ هينان اچي وئي، جتي هڪ جاري چشمو هيو. هڪ طرف درد زه جي تڪليف هئي ۽ ولادت لاءِ موجود ڪو بہ مناسب سامان ڪو نہ هيو، ٻئي طرف ڪيس ماڻهن جي طعنن جو فڪر دامن گير هيو، ان ڪري چوڻ لڳي تہ ڪاش هن ڏينهن اچڻ کان اڳ مري وڃان ها ۽ ماڻهو مون کي وساري ويهن ها.

مرا اے کاشکے مادر نہ زادے
اگر می زاد تا شیرم نہ دادے

(يوسف زليخا)

كاش مون كي امان جنم ئي نہ ڏئي ها، پر جي جنم ڏنائين تہ كير نہ پياري ها.

پوءِ اچانڪ حضرت مريم عَلَيْهَا السَّلَامُ کي فرشتي طرفان يا نوزائد مولود طرفان آواز آيو تہ غمگين ۽ پريشان نہ ٿيءُ. الله طرفان پورو انتظام ٿي چڪو آهي. تنهنجي دامن ۾ پاڻيءَ جو چشمو جاري آهي، جيڪو پيئڻ لاءِ آهي ۽ هن کجيءَ جي ٿڙ کي لوڏ تہ پڪل کجور کائڻ لاءِ موجود هونديون، جن سان اکيون ٿڌيون کر. الله سڀ مشڪلاتون دور ڪرڻ وارو آهي. حضرت مريم عَلَيْهَا السَّلَامُ کي چشمي جي ڦٽڻ، کجور جو موجود هجڻ ۽ ننڍڙي ٻار طرفان تسليءَ جا جملا ٻڌڻ بعد يقين ٿي ويو تہ سڀ معاملا صاف ٿي ويندا. جيڪڏهن ڪو بہ ماڻهو توکان هن ٻار جو پڇي تہ تون ڪيس اشارن ۾ جواب ڏي ۽ ظاهر ڪر تہ تون روزي سان آهين، گفتگو ڪري نٿي سگهين، ان ڪري ڪنهن بہ انسان سان گفتگو نہ ٿيندي. "لَا تَحْزَنِيْ" ڪو بہ فڪر ۽ پريشاني نہ ڪر. فرشتي جو آواز بہ ٿي سگهي ٿو ۽ نوزائيد عيسىٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ جو ڪلام بہ آهي تہ امان جان! ڪو فڪر نہ ڪر. يعني خداوند ڪريم حضرت مريم عَلَيْهَا السَّلَامُ جي واتان سندس پاڪدامني، پرهيز گاري، زهد و تقوىٰ جي علامت ٻڌائڻ نٿو گهري، مگر اهڙو نادر ۽ بي مثل نمونو پيش ڪري ٿو، جنهن سان ماڻهن جي ڏندن ۾ آڱريون اچي ويون. اهو آهي هڪ معصوم ننڍڙي ٻار جو ڪلام ڪرڻ. جڏهن هن ٻار هنجهہ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو تہ حضرت مريم عَلَيْهَا السَّلَامُ کي بہ همت ٿي تہ اُن ڏانهن ماڻهن کي اشارو ڪري تہ هن ٻار کان معلوم ڪريو تہ اصل حقيقت ڇا آهي.

---

فَاَتَتْ بِهٖ قَوْمَهَا تَحْمِلُهٗ ؕ قَالُوْا يٰمَرْيَمُ لَقَدْ جِئْتِ شَيْـًٔا فَرِيًّا ۝٢٧ يٰۤاُخْتَ
هٰرُوْنَ مَا كَانَ اَبُوْكِ امْرَاَ سَوْءٍ وَّ مَا كَانَتْ اُمُّكِ بَغِيًّا ۝٢٨ ۚۖ فَاَشَارَتْ اِلَيْهِ ؕ
قَالُوْا كَيْفَ نُكَلِّمُ مَنْ كَانَ فِي الْمَهْدِ صَبِيًّا ۝٢٩ قَالَ اِنِّيْ عَبْدُ اللّٰهِ ۣ
اٰتٰىنِيَ الْكِتٰبَ وَ جَعَلَنِيْ نَبِيًّا ۝٣٠ ۙ وَّ جَعَلَنِيْ مُبٰرَكًا اَيْنَ مَا كُنْتُ ۪
وَ اَوْصٰنِيْ بِالصَّلٰوةِ وَ الزَّكٰوةِ مَا دُمْتُ حَيًّا ۝٣١ ۖ وَّ بَرًّۢا بِوَالِدَتِيْ ۫ وَ لَمْ

يَجْعَلْنِيْ جَبَّارًا شَقِيًّا ﴿٣٢﴾ وَ السَّلٰمُ عَلَيَّ يَوْمَ وُلِدْتُّ وَ يَوْمَ اَمُوْتُ وَ
يَوْمَ اُبْعَثُ حَيًّا ﴿٣٣﴾

پوءِ هوءَ پنهنجي ٻار کي کڻي ماڻهن ڏانهن آئي. ماڻهن کيس چيو تہ اي مريم! تو هي نهايت سنگين حرڪت ڪئي آهي(ملامت جو طوفان کڙو ڪري ڇڏيو آهي) (27) اي هارون جي ڀيڻ! نہ تنهنجو والد برو ماڻهو هيو ۽ نہ تنهنجي والده بدڪار هئي. (28) اهو ٻڌي هن (مريم) هن ٻار ڏانهن اشارو ڪيو، ان تي ماڻهن چيو اسان هن نئين ڇاول ٻار کان ڇا پڇون جيڪو اجان گود ۾ پيل آهي. (29) ان بعد ان ٻار (حضرت عيسىٰ عليه السلام) چيو تہ مان الله جو ٻانهو آهيان، هن مون کي ڪتاب عطا ڪيو آهي ۽ مون کي نبوت عطا ڪئي آهي.(30) ۽ مون کي برڪت ڀريو بڻايو آهي، آءٌ جتي بہ هجان ۽ هن مون کي نماز ۽ زڪوات جي تاڪيد ڪئي آهي. جيستائين مان زنده آهيان.(31) ۽ پنهنجي والده سان حسن سلوڪ ڪرڻ وارو آهيان ۽ هن مون کي سخت مزاج بدبخت نہ بڻايو آهي (32) ۽ سلام آهي مون تي جنهن ڏينهن منهنجي ولادت ٿي، جنهن ڏينهن مري ويندس ۽ جنهن ڏينهن وري زنده ڪيو ويندس.(33)

حضرت مريم عليها السلام الله طرفان روشن دليل ڏسي يقين ڪيو تہ هي سڀ ڪجهہ خدا طرفان آهي، جنهن هڪ ڪلئي ميدان ۾ پاڻي جو چشمو ۽ کجور جو تيار درخت مهيا ڪيو ۽ معصوم ٻار زبانِ حال سان گواهي ڏئي رهيو آهي تہ ننڍپڻ ۾ گفتگو ڪري سگهي ٿو ۽ ڪيس پنهنجي پاڪدامنيءَ تي بہ ڪو شڪ ڪو نہ هيو، سو آخرڪار پنهنجي ٻار کي گود ۾ کڻي هيڪل سليماني جي ان حصي ۾ آئي، جتي ماڻهن جي ڀيڙ هئي، مريم عليها السلام غير شادي شده هئي، جنهن جي سيني کي خبر هئي. جڏهن ماڻهن سندس گود ۾ ٻار ڏٺو تہ حيران ٿي ويا ۽ چوڻ لڳا اي مريم! تو هي ڪهڙو خراب ڪم ڪري وڌو آهي. تنهنجو تہ گهراڻو اهڙو نہ هيو، تنهنجو والد پارسا ۽ پرهيزگار هيو، تنهنجي امڙ بہ بدڪاريءَ جي هر

علامت کان پاڪ صاف هئي. اهڙي پاڪ گھراڻي ۾ تو هي کهڙو بدناميءَ جو داغ لڳايو آهي. حضرت مريم عليها السلام ماڻهن کي پنهنجي پاڪيزگي، عصمت ۽ عزت بيان ڪرڻ بدران ڪين اشارن ۾ چيو ته هن ٻار کان معلوم ڪريو. ماڻهن کي مريم عليها السلام جو اهو انداز وضاحت نهايت برو لڳو ۽ چوڻ لڳا مريم هڪ ته تو نهايت برو ڪم ڪيو آهي، ٻيو وري ان جي وضاحت گھرون ٿا ته تون ڪو جواب نٿي ڏئين، پر الٽو هن ٻالڪ ڏانهن اشارو ٿي ڪرين ته هن کان معلوم ڪيو. هي ڪهڙو نه پوندو مذاق آهي، اسان تنهنجي پارسائيءَ جي گواهي هن ڪير پياڪ معصوم ٻار کان پڇون. وڌيڪ وضاحت لاءِ ڏسو آل عمران: 46/3 هت ٻار جي شاهديءَ ۾ حضرت مريم عليها السلام جي پاڪيزگي ۽ حضرت عيسىٰ عليه السلام جي نبوت جي تصديق آهي. ماڻهن جا اهو بي جا اعتراض ٻڌي حضرت عيسىٰ عليه السلام ماءُ جي گود ۾ ئي پڪاري چيو مان الله جو ٻانهون آهيان، جنهن الله مون کي ڪتاب عطا ڪيو آهي ۽ مون کي پنهنجو نبي بڻائي اوهان ڏانهن موڪليو آهي ته مان اوهان کي الله طرف سڌي رستي تي ونئي هلان ۽ اوهان کي فسق و فجور ۽ فتني فساد واري زندگي کان راهه راست تي آڻيان. ان ڪري منهنجي انوکي ولادت کي غلط رنگ نه ڏجو، نه وري زنا سمجهو، منهنجي امان پاڪيزه ڪردار جي حامل آهي. مون کي انهيءَ الله اوهان لاءِ برڪت ۽ هدايت جو ذريعو بڻايو آهي. مون کان خلق خدا کي دين حق بابت نفعو نصيب ٿيندو. هن مون کي حڪم ڏنو آهي ته مان قيام صلٰوة جو اهتمام ڪريان ۽ عوام جي فلاح بهبود لاءِ زڪوات جو نظام رائج ڪريان ته جيئن اوهان حقوق الله ۽ حقوق العباد جا پوريءَ طرح سر انجام ڏيندڙ ٿيو. جيستائين منهنجي سري ۾ ساهه آهي، مان اهو فريضو ضرور ادا ڪندو رهندس. هن مون کي پنهنجي امڙ جو فرمانبردار ڪيو آهي. مان خود سر ۽ بدخُو نه آهيان، جو پنهنجي ماءُ جي نافرماني ڪريان. هن سان حسن سلوڪ منهنجو شيوه آهي. هن ماءُ جو ذڪر ان ڪري به ڪيو جو هو ماءُ جي پيٽان بنا پيءُ جي پيدا ٿيو هو. جيڪڏهن هن جو والد نجار هجي ها ته پوءِ هڪ نبي پنهنجي والدين بدران رڳو ”والده“ جو لفظ نه چوي ها. الله طرفان منهنجي پيدائش به امن ۽ سلامتي واري هئي، جنهن ۾ ڪا به تڪليف ۽ زحمت نه آئي، اهڙي طرح منهنجو موت به سلامتيءَ وارو هوندو (يعني نه صليب هوندو نه ڦاسي) ۽ وري منهنجو ٻيهر اڃڻ به سلامتي وارو هوندو. حضرت عيسىٰ

ﷺ پاڻ لاءِ ۽ پنهنجي جماعت لاءِ سلامتي جي نويد ڏني تہ گويا مخالفن لاءِ مصيبت ۽ مشڪلات جو مفهوم ظاهر ٿيو. هن جو ڪجهہ چيو، ان وقت ماءَ جي گود ۾ هيو، جنهن سان حضرت مريم عليها السلام جي عصمت جو صريح ذڪر هيو. ”خدا جو ٻانهو“ چئي پاڻ کي خدا جي مخلوق سڏيو، ان ڪري سندس اعجازي ولادت کي وڏائي چڙهائي الله جو پٽ يا الله جو حلول چوڻ غلط آهي ۽ عيسائين جي اهڙي گمراهہ عقيدي جو جواب آهي. حضرت مريم عليها السلام کيس پنهنجي گود ۾ کڻي آئي چو تہ ننڍڙو کير پياڪ ٻار هيو.

هت حضرت عيسىٰ عليه السلام پنهنجي ذات بابت اٺ صفتون بيان ڪيون آهن: (1) هڪ تہ مان الله جو عبد ٻانهو آهيان، الله يا الله جو فرزند نہ آهيان، نہ ولدالزنا آهيان، پر خدا جي رحمت ۽ برڪت جو ڀرپور اظها رآهيان. (2) ٻيو هي تہ الله مون کي الڪتاب انجيل عطا ڪيو آهي، جيڪو منهنجي نبوت جو دليل هوندو. (3) ٽيون هي تہ الله تعالىٰ مون کي پنهنجو نبي ۽ رسول ڪري موڪليو آهي، ان ڪري ان جي عبادت ڪريو. اهو ئي سڌو رستو آهي. (آل عمران: 51/3) (4) هي تہ مون کي برڪت وارو بڻايو آهي، مان جتي بہ هجان تہ خيروبرڪت مون سان گڏ هوندي. (5) پنجون هي تہ مون کي الله نماز ۽ زڪوات جو حڪم ڏنو آهي. (6) هي تہ الله تعالىٰ مون کي والده جو فرمانبردار بڻايو آهي. (7) هي تہ هن مون کي بدخُو، سخت دل ۽ سرڪش نہ ڪيو آهي. (8) هي تہ مون کي الله پنهنجي سلامتي ۽ امن سان نوازيو آهي. جمڻ وقت مرڻ وقت ۽ وري زنده ٿيڻ وقت هر حال ۾ مان الله جي سلامتيءَ ۾ هوندس. جڏهن ماڻهن هڪ نوزائيد ٻار واتان اهڙو حڪيماڻو ۽ معجزاڻو ڪلام ٻڌو تہ سڀ حيران ٿي ويا. ڪين يقين ٿي ويو تہ حضرت مريم عليها السلام جو دامن پاڪ آهي. هي خدا جي رحمت ۽ قدرت جو مظهر ۽ نشاني آهي. هن قصي جي عوام الناس ۾ شهرت ۽ مقبوليت وڏي وئي، جنهن سبب تہ ڪجهہ حواري (ساٿي) صحيح ۽ راسخ عقيدي تي قائم رهيا، پر ڪيترائي گمراهي جي ور چڙهي ويا ۽ هن اعجازي ولادت کي الوهيت جو درجو ڏنو.

ذٰلِكَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ ۚ قَوْلَ الْحَقِّ الَّذِيْ فِيْهِ يَمْتَرُوْنَ ﴿٣٤﴾ مَا كَانَ لِلّٰهِ اَنْ يَّتَّخِذَ مِنْ وَّلَدٍ ۙ سُبْحٰنَهٗ ۭ اِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ

فَيَكُوۡنُ ؕ﴿۳۵﴾ وَ اِنَّ اللّٰهَ رَبِّیۡ وَ رَبُّکُمۡ فَاعۡبُدُوۡهُ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسۡتَقِیۡمٌ ﴿۳۶﴾
فَاخۡتَلَفَ الۡاَحۡزَابُ مِنۡۢ بَیۡنِهِمۡ ۚ فَوَیۡلٌ لِّلَّذِیۡنَ کَفَرُوۡا مِنۡ مَّشۡهَدِ یَوۡمٍ
عَظِیۡمٍ ﴿۳۷﴾ اَسۡمِعۡ بِهِمۡ وَ اَبۡصِرۡ ۙ یَوۡمَ یَاۡتُوۡنَنَا لٰکِنِ الظّٰلِمُوۡنَ الۡیَوۡمَ فِیۡ
ضَلٰلٍ مُّبِیۡنٍ ﴿۳۸﴾ وَ اَنۡذِرۡهُمۡ یَوۡمَ الۡحَسۡرَةِ اِذۡ قُضِیَ الۡاَمۡرُ ۘ وَ هُمۡ فِیۡ غَفۡلَةٍ
وَّ هُمۡ لَا یُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۳۹﴾ اِنَّا نَحۡنُ نَرِثُ الۡاَرۡضَ وَ مَنۡ عَلَیۡهَا وَ اِلَیۡنَا یُرۡجَعُوۡنَ ﴿۴۰﴾ ع

وقف لازم ۔ ع ۲۵ ۵ ۲

هي عيسىٰ ۽ مريم عليهما السلام جي اها ئي حق جي ڳالھ آهي، جنهن بابت هي ماڻهو شرڪ ڪن ٿا.(34) هي الله جي شايان شان نه آهي ته هو ڪنهن کي پنهنجو پٽ بڻائي. هو هن (عيب)کان پاڪ آهي، جڏهن هو ڪنهن ڪم ڪرڻ جو فيصلو ڪري ٿو ته ان کي چوي ٿو ”ڪُنۡ“ (ٿي وڃ) ته پوءِ اهو وقوع پذير ٿي وڃي ٿو. (35) ۽ يقينًا الله ئي اسان جو رب آهي، اوهان ان جي ئي بندگي ڪريو. اهو ئي سڌو رستو آهي.(36) پوءِ مختلف گروهن پاڻ ۾ اختلاف ڪيو ته پوءِ انهن ڪافرن لاءِ بربادي ان وڏي ڏينهن واري پيشيءَ وقت (يعني قيامت ۾) (37) ڪيترو نه سنو هو ٻڌي رهيا هوندا ۽ ڪيترو نه سنو هو ڏسي رهيا هوندا، جنهن ڏينهن هو اسان وٽ ايندا پر اڄ هي ظالم کلي گمراهيءَ ۾ آهن(38) اي نبي محترم خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم! تون هنن کي ان حسرت ۽ افسوس واري ڏينهن کان خبردار ڪري ڇڏ، جڏهن هر معاملي جو فيصلو ڪيو ويندو. پر هي ماڻهو غفلت ۽ گمراهي ۾ مبتلا آهن، ان ڪري ايمان نه آڻيندا (39) يقينًا اسان ئي زمين جا وارث هونداسون ۽ جو ڪجھ ان ۾ موجود آهي ۽ هي سڀ ماڻهو آخرڪار اسان طرف ئي موٽايا ويندا.(40)

پوين آيتن ۾ حضرت عيسىٰ ۽ حضرت مريم عليهما السلام جو سچو سچو قصو بيان
ڪيو ويو آهي، جيڪو سراپا حق ۽ سچ آهي. هاڻي هت انهن غلط عقيدن جو بيان ٿي
رهيو آهي، جنهن ۾ عيسائي افراط (حد کان وڌيڪ) ۾ اچي ڪيس نعوذ بالله الله يا الله جو
فرزند چوڻ لڳا. اهو عقيدو بہ بلڪل غلط ۽ گمراهيءَ تي مبني هيو. خدا جو شان آهي:
قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ○ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ○ لَمۡ يَلِدۡ ○ وَلَمۡ يُوۡلَدۡ ○ وَلَمۡ يَكُنۡ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ○ اهو يڪتا ۽ وحده
لاشريڪ رب آهي، جو هن پوري ڪائنات جو اڪيلو ’احد‘ مختارِ ڪل ۽ فرمانروا آهي،
جيڪو ڪنهن جي بہ مدد جو محتاج ناهي، هر شيءِ کان بي نياز بااختيار آهي. نہ سندس
والد آهي نہ وري ڪوئي حد مقابل يا برابريءَ جو درجو رکڻ وارو آهي. اهڙي پروردگار کي
پٽ يا ٻئي مددگار جي ڪا ضرورت ناهي. ٻئي طرف کان وري يهودي حضرت عيسىٰ
عليه السلام کي ولد الزنا يا يوسف نجار جو پٽ سڏي، سندس عزت ۽ احترام کي مٽيءَ ۾ ملائڻ
جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ حضرت مريم عليها السلام جهڙي پاڪدامن پرهيزگار زهد و تقوىٰ جي
پيڪر کي نعوذ بالله تهمت هڻي بدڪردار سڏڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هنن غلط تهمتن،
الزامن ۽ بي جا تعريفن کي غلط قرار ڏنو آهي ۽ الله جي وحدانيت جو بيان آهي تہ الله
کي پنهنجو پٽ بنائڻ جي ڪا ضرورت ناهي. هو هنن سمورين ڪمزورين کان پاڪ صاف
آهي. هن ڪائنات جو پورو نظام نهايت عدل ۽ توازن سان هن جي اختيار سان هلي رهيو
آهي. هو هر شيءِ جو خالق آهي ۽ جنهن شيءِ جي هجڻ جو ارادو ڪري ٿو تہ پوءِ ”كُنۡ“ چوڻ
سان اها شيءِ وجود ۾ اچي وڃي ٿي. حضور خاتم النبيين ﷺ کي چيو ٿو وڃي تہ هنن ٻنهي ڌرين
کي ٻڌائي ڇڏ تہ حضرت عيسىٰ ۽ حضرت مريم عليهما السلام جي اصل حقيقت قرآن پيش ڪئي
آهي، ان ڪري پنهنجي غلط عقيدن کي ڇڏي ڇئو تہ الله منهنجو ۽ توهان جو معبود ۽
رب آهي. رڳو ان هڪ الله جي اطاعت ۽ عبادت ڪريو. توحيد خالص ئي سڌو رستو آهي،
(آل عمران: 51/3) جنهن ۾ ڪو بہ ور وڪڙ ناهي، پر ماڻهن جدا جدا عقيدا ۽ مسلڪ بنائي
ڇڏيا آهن ۽ پاڻ ۾ اختلاف ڪري ٽولا ٽولا ٿي ويا آهن. هنن ڪافرن لاءِ هڪ وڏي ڏينهن
جي ظهور جي وڏي خرابي درپيش آهي، جتي ڪين پورو پورو حساب ڏيڻو پوندو ۽ ان
مطابق بدلو وصول ڪرڻو هوندو.(البقره: 254/2، 123 2، آل عمران: 106/3، طٰهٰ: 109/20،
الانبياء: 21/ 38 کان 40 تائين، لقمان: 33/31، فاطر: 18/35، الحاقه: 69/ 28-22، عبس: 33/80

ڪان 42) جنهن ڏينهن هو اسان جي حضور پيش ٿيندا، ان ڏينهن هنن جا ڪن ڪيترا تہ ٻڌڻ وارا هوندا ۽ سندن اکيون ڪيترو نہ ڏسڻ واريون هونديون، پر هن وقتن ظالمن جو کهڙو برو حال آهي، جو غفلت ۽ گمراهي ۾ گم آهن. (ق: 50/23-22) ۽ حق ڳالهہ ٻڌڻ کان ٻوڙا ۽ حق جي حقيقت جي بصيرت کان محروم آهن، ان ڪري قيامت ۾ پڇتائڻ مان ڪو فائدو نہ هوندو. اي نبي محترم ﷺ! هنن کي ان اچڻ واري ڏينهن کان بہ خبردار ڪر، جيڪو وڏي حسرت ۽ پڇتاءَ وارو ڏينهن هوندو، جڏهن ساري معاملي جو فيصلو ٿي ويندو ۽ باقي ڪو آسرو اميد نہ رهندي. هن وقت تہ هي ماڻهو غفلت ۾ پيل آهن ۽ پنهنجي ظاهري اسباب ۽ حالات جي ڪري يقين ڪرڻ وارا ٿي نہ آهن. عنقريب اهو ڪجهہ ٿيڻ وارو آهي، جنهن ۾ هنن جي اقتدار ۽ اختيار جو سج لهڻ وارو آهي.

ياد رهي تہ هن کان اڳ ”مَشۡهَدِ يَوۡمٍ عَظِيۡمٍ“ يوم عظيم ۽ ”يَوۡمَ يَاۡتُوۡنَنَا“ آيو آهي. ”يَوۡمٍ مَشۡهَد“ يعني جنهن ڏينهن جزا سزا ۽ پورو حساب ظاهر هوندو ۽ عمل فلم وانگر پروجيڪٽر تي ڏيکاريا ويندا، هتي ”يَوۡمٍ“ مان مراد يومِ آخرت ورتل آهي، پر ”يَوۡمُ الۡحَسۡرَةِ“ کي رئيس المفسرين مولانا ابوالڪلام آزاد قيامت جو ڏينهن نہ سڏيو آهي. هي حسرت جو ڏينهن عنقريب سندن زندگي ۾ ئي اچڻ وارو آهي، جنهن جون علامتون ظاهر ٿي رهيون آهن ۽ اندازاً هن سورت جي نزول کان 35 سال پوءِ عيسائين کي اهو ٻڌي زمين سندن پيرن هيٺان نڪري وئي تہ مسيحيت جو صدر مقام، قبلو ۽ مرڪز اچانڪ هنن جي هٿان نڪري هڪ نئين قوم (مسلمانن) جي هٿن ۾ اچي ويو آهي. هن توهين آميز واقعي جي هو توقع ڪونہ ڪري رهيا هئا. اچانڪ هي عالمگير انقلاب آيو، جنهن ۾ نہ رڳو بيت المقدس عيسائين جي هٿن کان نڪري ويو، پر ايشا ۽ آفريقا ۾ بہ سندن حڪمراني جو خاتمو آيو، هرڪل هيري ڪلسن جهاز جي تختي تي بيهي لبنان جي پهاڙن جون بلند چوٽيون ڏسي چوڻ لڳو: ”الوداع سر زمين شام الوداع هميشہ لاءِ الوداع“. ذرا غور ڪيو تہ هي ڏهاڙو پنهنجي همہ گير معنىٰ ۾ مسيحيت لاءِ هن زندگي ۾ ئي يوم حسرت نہ آهي؟ هن بعد آهي: ”وَهُمۡ فِيۡ غَفۡلَةٍ وَّهُمۡ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ“ اي پيغمبر حق ﷺ! هن وقت هي ڪافر پنهنجن وقتي ڪامرانين سبب غفلت ۾ غرق آهن ۽ حقيقت جي ڄاڻ نٿا رکن. يوم حسرت انهيءَ غفلت جو نتيجو هوندو نہ رڳو ايترو پر اجان اڳتي پڙهو: ”اِنَّا نَحۡنُ نَرِثُ الۡاَرۡضَ وَمَنۡ عَلَيۡهَا“ آيت

مذڪوره بالا تشريح ڪي کهڙي طرح آشڪار ڪري رهي آهي. هي زمين ۽ ڪائنات اسان جي ولايت آهي، جنهن ڪي اسان گهرون عطا ڪيون ٿا ۽ جنهن ڪان گهرون واپس وٺون. اها عطا ۽ محرومي قانون مڪافات جي جهلڪ آهي، جيڪا رو پذير ٿيندي رهي ٿي. (الانبياء: 105/21) سمورا معاملا، ڪاروبار انهيءَ قانون جي گرد گهمن ٿا. اهڙي طرح حڪومت ۽ سلطنت ٻه انهيءَ قانون جي روشني ۾ ملي ٿي ۽ ڪسجي ٿي. (آل عمران: 10/3-126)

وَ اذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ اِبْرٰهِيْمَ ۬ؕ اِنَّهٗ كَانَ صِدِّيْقًا نَّبِيًّا ﴿۴۱﴾ اِذْ قَالَ لِاَبِيْهِ
يٰۤاَبَتِ لِمَ تَعْبُدُ مَا لَا يَسْمَعُ وَ لَا يُبْصِرُ وَ لَا يُغْنِيْ عَنْكَ شَيْـًٔا ﴿۴۲﴾ يٰۤاَبَتِ
اِنِّيْ قَدْ جَآءَنِيْ مِنَ الْعِلْمِ مَا لَمْ يَاْتِكَ فَاتَّبِعْنِيْۤ اَهْدِكَ صِرَاطًا
سَوِيًّا ﴿۴۳﴾ يٰۤاَبَتِ لَا تَعْبُدِ الشَّيْطٰنَ ؕ اِنَّ الشَّيْطٰنَ كَانَ لِلرَّحْمٰنِ عَصِيًّا ﴿۴۴﴾
يٰۤاَبَتِ اِنِّيْۤ اَخَافُ اَنْ يَّمَسَّكَ عَذَابٌ مِّنَ الرَّحْمٰنِ فَتَكُوْنَ لِلشَّيْطٰنِ
وَلِيًّا ﴿۴۵﴾ قَالَ اَرَاغِبٌ اَنْتَ عَنْ اٰلِهَتِيْ يٰۤاِبْرٰهِيْمُ ۚ لَئِنْ لَّمْ تَنْتَهِ
لَاَرْجُمَنَّكَ وَ اهْجُرْنِيْ مَلِيًّا ﴿۴۶﴾ قَالَ سَلٰمٌ عَلَيْكَ ۚ سَاَسْتَغْفِرُ لَكَ رَبِّيْ ؕ
اِنَّهٗ كَانَ بِيْ حَفِيًّا ﴿۴۷﴾ وَ اَعْتَزِلُكُمْ وَ مَا تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَ اَدْعُوْا
رَبِّيْ ۫ۖ عَسٰۤى اَلَّاۤ اَكُوْنَ بِدُعَآءِ رَبِّيْ شَقِيًّا ﴿۴۸﴾ فَلَمَّا اعْتَزَلَهُمْ وَ مَا
يَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۙ وَهَبْنَا لَهٗۤ اِسْحٰقَ وَ يَعْقُوْبَ ؕ وَ كُلًّا جَعَلْنَا
نَبِيًّا ﴿۴۹﴾ وَ وَهَبْنَا لَهُمْ مِّنْ رَّحْمَتِنَا وَ جَعَلْنَا لَهُمْ لِسَانَ صِدْقٍ عَلِيًّا ﴿۵۰﴾ ع ۳ ۱۰ ۲

۽ هن ڪتاب (القرآن) ۾ ابراهيم ﷺ جو ذڪر ڪريو يقينًا هو نهايت سچار
نبي هيو. (41) جڏهن هن پنهنجي والد کي چيو ته بابا سائين! تون اهڙين شين
جي بندگي ڇو ٿو ڪرين جيڪي نه ٻڌي سگهن ٿا، نه ڏسي سگهن ٿا ۽ نه وري
تنهنجي ڪنهن ڪم اچي سگهن ٿا.(42) ابا جان! مون وٽ اهو علم آيو آهي
جيڪو تو وٽ ناهي، ان ڪري منهنجي پيروي ڪريو ته جيئن مان اوهان کي
سڌي رستي تي هلائيندس.(43) ابا جان! شيطان جي بندگي نه ڪريو، ان ۾
ڪو شڪ ناهي ته شيطان، خداءِ رحمان جو وڏو نافرمان آهي.(44) بابا سائين!
مون کي انديشو آهي ته الله طرفان اوهان کي ڪو عذاب اچي نه پڪڙي ۽ پوءِ
توهان شيطان جا ساٿي بڻجي وڃو. (45) جنهن تي هن (والد) وراڻيو ته اي
ابراهيم ﷺ! تون منهنجي معبودن کان ڦري ويو آهين، جيڪڏهن تون هن
(عقيدي) کان باز نه آئين ته مان توکي سنگسار ڪندس ۽ تون مون کان هڪ
وڏو عرصو پري ٿي وڃ. (46) ابراهيم ﷺ چيو ته چڱو توکي سلام آهي آءٌ
تنهنجي لاءِ الله کان استغفار گهرندس، هو (الله) مون تي نهايت مهربان آهي.
(47) مان ڪناره ڪشي ڪيان ٿو توکان ۽ جن جي اوهان الله کانسواءِ بندگي
ڪيو ٿا، مان ته پنهنجي رب کي ئي پڪاريندس. مون کي يقين آهي ته مان
پنهنجي رب کي پڪاري نامراد نه ٿيندس.(48) پوءِ جڏهن ابراهيم ﷺ انهن
سمورن کان ڪناره ڪشي ڪئي ۽ انهن کان جن جي هو بندگي ڪن ٿا، پوءِ
اسان کيس اسحاق ﷺ جهڙو پٽ ۽ يعقوب ﷺ جهڙو پوٽو ڏنو ۽ ڪين نبي
بنايو.(49) ۽ اسان هنن سيني کي پنهنجي خاص نعمت سان نوازيو ۽ سندن
اعلىٰ درجي جي سچي ۽ پائدار نيڪ نامي عطا فرمائي.(50)

هن کان اڳ حضرت مسيح ﷺ جي حوالي سان عيسائين کي اصل حقيقت
حال کان آگاهه ڪيو ويو آهي ۽ کين سندن غلط عقيدي ۽ شرڪ کان روڪيو ويو آهي.

هاڻي هڪ ٻئي عظيم المرتبه نبي حضرت ابراهيم عليه السلام جي خالص توحيد واري تعليم سان ان بيان جي وڌيڪ پنيرائي ۽ تصديق ڪئي وڃي ٿي. حضرت ابراهيم عليه السلام نبوت جي هن گهراڻي جو امام آهي. سندس هن سرگزشت جو بيان سندس والد سان گفتگو سان شروع ٿئي ٿو. ياد رهي ته ابراهيم عليه السلام سموري عرب جو جد اعلىٰ هيو، سمورا عرب سندس عظمت ۽ اعلىٰ مرتبي جا قائل هئا ۽ پنهنجي عقيدي کي دين ابراهيم سان منسوب ڪندا هئا، پر عملي طور شرڪ ۽ بت پرستي جا پوئلڳ هئا. سندن هن دوغلي پاليسي کي ابراهيم عليه السلام جي قصي سان چٽو ڪيو ويو آهي ته جيڪڏهن اوهان پنهنجي اسلاف جي طريقي کي پنهنجو دين سمجهو ٿا ته پوءِ حضرت ابراهيم عليه السلام به اوهان جو جد امجد آهي، ان جي ڏنل طريقي کي ڇو نٿا قبول ڪيو يا ائين چئو ٿا ته اسان جا ابا ڏاڏا وڏا عقل وارا هئا. اسان هنن جي دين کي ڪهڙي ريت ڇڏي ڏيون. ڪين ٻڌايو ٿو وڃي ته ابراهيم عليه السلام اسلاف جي عقيدن کان انڪار ڪيو ۽ ان جي شروعات پنهنجي گهر کان يعني والد سان شروع ڪئي. اي رسول خدا خاتم النبيين ﷺ هن قوم کي ٻڌاءِ ته حضرت ابراهيم عليه السلام هڪ صادق نبي هيو. صادق يعني اهڙو راست باز ۽ پاڪ وجود، جنهن جي قلب ۾ سچ چوڻ جي اعلىٰ استعداد موجود هجي، جيڪو حق ڳالهه ٻڌندي ئي ان جي زبان، دل ۽ عمل ذريعي تصديق ڪري، شڪ ۽ تردد جي ذرا به گنجائش نه هجي. صديقت جي هن اعلىٰ مقام سان نبوت ملڻ خدا جو وڏو احسان آهي. يعني ابراهيم عليه السلام نبوت ۽ صداقت جو اعلىٰ معيار هو. سورة النساءِ: 69/4 ۾ خدا جي نعمتن سان نوازيل نبين، صديقين، شهداء، صالحين جو ذڪر آهي. اهڙي طرح "ثُلَّةٌ مِّنَ الْاَوَّلِيْنَ ○ وَ قَلِيْلٌ مِّنَ الْاٰخِرِيْنَ○" (الواقعة: 13-14/56) ۾ اهي هستيون مراد آهن. حضرت ابراهيم عليه السلام ڏٺو ته سندس قوم بت پرستي ۽ ستاره پرستي ۾ ايترو ته محو ۽ مشغول آهي، جو هو خدا جي احديت واري توحيد ۽ بي نياز هجڻ کا بلڪل پري آهي. ان ڪري هن پنهنجي قوم جي اصلاح جو پختو ارادو ڪيو. ان سلسلي ۾ هن پنهنجي والد کي چيو ته بابا جان! هي بت جن جي اوهان پوڄا ڪيو ٿا، نه ڪجهه ٻڌي سگهن ٿا نه ڏسي سگهن ٿا ۽ نه نفعو نقصان ڏئي سگهن ٿا. هي بي بس، بي حس بت عبادت لائق ٿي نٿا سگهن. عبادت لائق اهو آهي جيڪو قادر مطلق هجي ۽ ٻاڏائيندڙ جي دعا ٻڌي سگهي ۽ قبوليت عطا ڪري، جنهن کان

هي بت جيڪي مجبور ۽ محتاج آهن، بلڪل محروم آهن. اڳتي ابراهيم ؑ چوي ٿو بابا مون کي الله طرفان خاص علم عطا ٿيو آهي، جنهن کان تون محروم آهين، ان ڪري منهنجي پيروي ڪر تہ توکي سڌو رستو ڏيکاريان ۽ ان تي هلايان. جيڪو رستو فلاح ۽ بهبود جو آهي. وڌيڪ چيو تہ بابا سائين! شيطان جي پيروي نہ ڪيو، شيطان الله جو دشمن آهي. هن بتن جي پوڄا گويا شيطان جي بندگي آهي، جنهن سان الله کان روگرداني ٿي ٿئي. بابا سائين توهان جي هن بداعماليءَ سبب خدا جو عذاب اچي تہ هي شيطان ۽ جعلي معبود بت وغيره ان عذاب کان بچائي نہ سگهندا. ابراهيم ؑ پنهنجي والد سان عزت ۽ احترام واري گفتگو ۾ ڳالهايو ۽ ڪيس دليلن سان سمجهايو، پر والد جي سخت مزاج سبب ڪيس بت پرستي ۽ شرڪ کان بچائي تہ نہ سگهيو، پر دين جي تبليغ جي پوري طرح حق ادا ڪيو.

یہ دور اپنے ابراہیم کی تلاش میں ہے
صنم کدہ ہے جہاں لا الہ الا اللہ

(اقبال رحمة الله عليه)

ابراهيم ؑ جي پنهنجي والد سان گفتگو ۾ انداز بيان نرمي، خيرخواهي ۽ خيرسگالي وارو هيو، جنهن ۾ والد جي عزت ۽ احترام جو بہ خيال هيو تہ موٽ ۾ مثبت نتيجو حاصل ڪرڻ جو مقصود هيو. ساري گفتگو ۾ ”يٰٓاَبَتِ“ ”يٰٓاَبَتِ“ چئي رهيو آهي. سندس والد هي نصيحت ۽ وعظ ٻڌڻ بعد چيو تہ معلوم ٿئي ٿو تہ تون اسان جي معبودن کان بدعقيده ٿي ويو آهين. هن وعظ ۽ نصيحت کي بند ڪر ۽ اسان جي دين تي واپس اچ، جيڪڏهن تون پنهنجي هن عقيدي تي اڙيو رهين تہ مان توکي سنگسار ڪندس، ان ڪري منهنجي اکين کان ٽري وڃ ۽ ڪٿي پري وڃي نڪاٽو ڪر. جڏهن ابراهيم ؑ محسوس ڪيو تہ سندس والد راهہ حق تي اچڻ وارو نہ آهي ۽ منهنجي جان جو دشمن بڻجي ويو آهي. ماحول بہ سازگار ناهي، ماڻهو شرڪ، بت پرستي ۽ ستاره پرستي ڇڏڻ وارا نہ آهن. منهنجي نصيحت تي ڪن ڏرڻ بدران بدڪلامي، ايذاءَ ۽ آزار تي لهي آيا آهن. تڏهن ان ۾ بهتر سمجهيو تہ هو هتان هجرت ڪري وڃي، سو پنهنجي والد کي چيائين چڱو بابا جان! سلام قبول ڪريو. مان هتان وڃان ٿو. مان اوهان کان ۽ اوهان جي

بتن کان لاتعلق آهيان. (الممتحنه: 4/60) پر اوهان جي خير خواهي لاءِ خداوند کان استغفار ڪندس. مون کي اميد آهي تہ هو مُقَلِّبُ القلوب آهي ۽ توکي دينِ حق تي ثابت قدمي سان اچڻ جي توفيق بخشي. منهنجو الله مون تي نهايت مهربان آهي ۽ ان جي تولاءِ مهرباني جي درخواست ضرور ڪندس. مان دل سان گهران ٿو تہ تون دوزخ جي باهہ کان بچي وڃين. باقي رهيو توهان جو اهو دڙڪو تہ مان حق جي ڳالهہ ڪرڻ ڇڏي ڏيان ۽ اوهان جي ڪفر ۽ شرڪ واري طريقي کي اختيار ڪريان يا اوهان کان الڳ ٿي ڪٿي پري هليو وڃان تہ حق جي دعوت ڏيڻ کان پري ٿي وڃان تہ ياد رکو! مان ڪنهن بہ صورت ۾ حق جي دعوت ڏيڻ ۽ توحيد جو پيغام پهچائڻ واري فريضي کي ڇڏي نٿو سگهان، جيڪڏهن منهنجو هجڻ اوهان لاءِ ناقابل برداشت آهي تہ پوءِ مان اوهان سيني کي الوداع ڪيان ٿو ۽ اوهان جي معبودن کي جن کي اوهان پنهنجو خدا بنايو آهي کي بہ ڇڏي وڃان ٿو. مان رڳو پنهنجي پروردگار کي ٻاڏايان ٿو، منهنجي لاءِ اهوئي اصل ڪاميابي ۽ ڪامرانيءَ جو رستو آهي. ان ڪري مون کي هن ڌمڪيءَ جي ڪا بہ پرواهہ ناهي. جيڪڏهن پنهنجي ديس کان پرديس ٿي ويس يا پنهنجي مال متاع ۽ دنياوي دولت کان محروم بہ ٿي ويس تہ مون کي ان جو ڪو بہ غم يا فڪر ناهي. (الممتحنه: 4/60) مان جنهن الله جي آسري تي آهيان، اهو مون کي ڪڏهن بہ نااميد نہ ڪندو.

”فَتَوَكَّلۡ عَلَى اللّٰهِ“، ”وَ مَنۡ يَّتَوَكَّلۡ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسۡبُهٗ“ (الطلاق:3/65) ۾ هڪ طرف حضرت ابراهيم عليه السلام جو انهن سيني ظاهري وسيلن کي لت هڻي ڇڏڻ ۽ ان جي ڪا بہ پرواهہ نہ ڪرڻ جو اظهار آهي تہ ٻئي طرف ”وَ اَدۡعُوۡا رَبِّيۡ“ ۾ الله تي يقين ۽ ڀروسي جو ڪمال اطمينان آهي، ان ڪري ڪافرن کي منفي موٽ ڏني ۽ الله ڏانهن مثبت رويو رکڻ ۾ سندس غير متزلزل عزم جو اظهار آهي. ڪيس پڪو يقين آهي تہ الله هن جي ڪاميابي جي راهہ ضرور کوليندو ۽ ڪيس ضرور ڪامياب ۽ ڪامران ڪندو، جهڙي طرح ڪافرن کي ناڪام ڪيو آهي. حضرت ابراهيم عليه السلام جو اهو چوڻ تہ مان ڪٿي بہ هجان ۽ ڪهڙي حال ۾ بہ هجان، بابا جان تو لاءِ الله کان مغفرت جي دعا گهرندو رهندس. پر بعد ۾ سورت التوبه: 114/9 ۾ آيو تہ مشرڪن ۽ ڪافرن لاءِ دعا جا هٿ نہ کڻ تہ ابراهيم عليه السلام بہ رڪجي ويو ۽ اصحاب ڪرام بہ پنهنجي غير مسلم وڏڙن جي استغفار کان رڪجي ويا. ابراهيم

ﷺ الله تي توڪل ڪري هجرت ڪري هليو ويو ۽ شام جي علائقي ۾ سڪونت اختيار ڪئي ۽ اتي الله مهربان ڪيس حضرت اسحاق ؑ جهڙو فرزند ارجمند ۽ حضرت يعقوب ؑ جهڙو پوٽو عطا ڪيو ۽ ڪين ابراهيم ؑ جي زندگي ۾ نبوت سان سرفراز ڪيو، جن مان بني اسرائيل جي نبوت جو سلسلو قائم رکيو، جيڪو حضرت عيسىٰ ؑ تائين لڳاتار نسل در نسل جاري رهيو. حضرت اسماعيل ؑ جيڪو وڏو فرزند هيو ۽ ان وقت هو والد کان دور هيو، ان جو ذڪر آيت 54 ۾ اچي ٿو. حضرت ابراهيم ؑ جي قرابتدارن ۽ رشتيدارن جي عليحدگي وقت الله تعالىٰ ڪيس پٽ ۽ پوٽي جي نعمت ۽ صحبت نصيب ڪئي ۽ ڪين نبوت سان نوازيو. اسان هنن ڪي پنهنجي رحمت سان تمام گهڻو نوازيو ۽ انهن جي ذڪر خير ۽ صدق و صفا ڪي بلند ڪيو، جنهن جو ابراهيم ؑ لاءِ آيت 41 ۾ "صِدِّيۡقًا نَّبِيًّا" سان ذڪر آيو آهي. الله تعالىٰ بہ هنن انبياءَ جي زبان مبارڪ تان اهڙيون تہ پر تاثير صدائون بلند ڪرايون، جيڪي صداقتن ۽ رفعتن جون علمبردار هيون، جن دعوتِ ابراهيم کي زنده رکيو.

وَ اذۡكُرۡ فِى الۡكِتٰبِ مُوۡسٰٓى ۚ اِنَّهٗ كَانَ مُخۡلَصًا وَّ كَانَ رَسُوۡلًا نَّبِيًّا ﴿۵۱﴾
وَ نَادَيۡنٰهُ مِنۡ جَانِبِ الطُّوۡرِ الۡاَيۡمَنِ وَ قَرَّبۡنٰهُ نَجِيًّا ﴿۵۲﴾ وَ وَهَبۡنَا لَهٗ مِنۡ
رَّحۡمَتِنَاۤ اَخَاهُ هٰرُوۡنَ نَبِيًّا ﴿۵۳﴾ وَ اذۡكُرۡ فِى الۡكِتٰبِ اِسۡمٰعِيۡلَ ۚ اِنَّهٗ كَانَ
صَادِقَ الۡوَعۡدِ وَ كَانَ رَسُوۡلًا نَّبِيًّا ۚ ﴿۵۴﴾ وَ كَانَ يَاۡمُرُ اَهۡلَهٗ بِالصَّلٰوةِ
وَالزَّكٰوةِ ۖ وَ كَانَ عِنۡدَ رَبِّهٖ مَرۡضِيًّا ﴿۵۵﴾

اهڙي طرح اي رسول ﷺ! تون هن ڪتاب مان موسىٰ ؑ جي سرگزشت بيان ڪر. هو نهايت مخلص ۽ اسان پاران موڪليل نبي هيو.(51) اسان هن ڪي

كوه طور جي دامن ۾ پڪاريو ۽ وحيؑ جا سارا راز ٻڌائڻ ۽ سرگوشيون ڪرڻ ۽ پنهنجي طرف قريب ڪيو.(52) ۽ ان کي پنهنجي عطا سان هارون جهڙو ڀاءُ ڏنو، جيڪو پاڻ بہ نبي هيو.(53) ۽ هن ڪتاب مان اسماعيل ؑ جو ذڪر ڪريو، جيڪو وعدي جو سچو هيو ۽ اسان جو نبي هيو.(54) هو پنهنجي اهل و عيال کي نماز ۽ زڪوات جو حڪم ڏيندو هيو ۽ پنهنجي پروردگار وٽ پسنديده ۽ برگزيده هيو.(55)

آيت نمبر 41 کان آيت نمبر 57 تائين حضرت ابراهيم، حضرت اسحاق، حضرت يعقوب، حضرت موسیٰ ، حضرت هارون، حضرت اسماعيل ۽ حضرت ادريس ؑ جي نبوتن طرف اشارتًا بيان ڪيو ويو آهي ۽ بعد ۾ آيت نمبر 58 ۾ ان تمام تذڪري جو ماحصل ۽ نتيجو بيان ڪيو آهي. حضرت ابراهيم ؑ جي زندگي بابت جو واقعو بيان ڪيو آهي. ان جو زياده تفصيل سورة الانعام: 174/6 ۾ اچي چڪو آهي. حضرت ابراهيم ؑ جو رڳو چاچو يا والد بت پرست ڪونہ هيو، پر پورو قبيلو علائقو بت پرست هيو. ان ڪري ابراهيم ؑ ڪناره ڪشي ڪندي، هجرت ڪري ڪنعان آيو، جتي الله تعالیٰ هن جي نسل ۾ برڪت وڌي ۽ اسحاق ؑ جي اولاد نبوت جو سلسلو جاري رهيو، جيڪو آخر ۾ حضرت اسماعيل ؑ جي نسل تي ختم ٿي، خاتم الانبياءِ والمرسلين جي بعثت مبارڪ ٿي، جيڪا تا قيامت رهندي. حضرت ابراهيم ؑ کي فلسطين ۽ جزيره نما عرب ۾ توحيد قائم ڪرڻ جا مرڪز ڏنا ويا ۽ نبوت کي ان جي نسل ۾ قائم رکيو ويو. بعد ۾ موسیٰ ؑ بہ مصر کي ڇڏي مدين آيو، عرب جو علائقو مدين کان سڄي طرف ۽ مصر کٻي طرف هيو. مدين کان نڪرڻ بعد موسیٰ ؑ کي اسان ڪوه طور جي سڄي طرف کان پنهنجي قربت ۽ هم ڪلامي لاءِ سڏائي ورتو ۽ پنهنجي راز جون ڳالهيون ڪيون ۽ سندس ڀاءُ هارون ؑ کي نبي بنائي هن جي مدد ۾ موڪليو، جنهن جو سوره طٰهٰ ۾ تفصيلي ذڪر آهي. موسیٰ ؑ سان رازدارنہ هم ڪلاميءَ جو شرف ۽ سندس خواهش تي حضرت هارون کي نبي بنائي مدد ۾ موڪلڻ بہ موسیٰ ؑ لاءِ خاص هيو، جو تہ

فرعون جهڙي سرڪش، متڪبر ظالم بادشاهه ڏانهن ڪيس موڪليو ويو ته هو بني اسرائيل کي سندس چنبي مان آزاد ڪرائي. هن آيت ۾ لفظ ”اَیۡمَنِ“ آيو آهي، جنهن جي معنىٰ سڄي پاسي به ٿي سگهي ٿي ته الۡاَیۡمَن مبارڪ ۽ مقدس جي معنىٰ به آهي. منهنجو خيال به اهو ئي آهي، جو ته سورة طٰهٰ: 12/20 ۾ آهي: ”اِنَّكَ بِالۡوَادِ الۡمُقَدَّسِ طُوًى“ جيڪو ان مفهوم جي تائيد ڪري ٿو. هن هڪ وقت ئي ٻئي معنائون مراد ٿي سگهن ٿيون، يعني سڄي طرف واري مبارڪ ۽ بابرڪت جڳهه. هت موسىٰ ؑ کي ٽن وصفن سان بيان ڪيو ويو آهي ته هو مخلص هيو. رسول امين ۽ نبي هيو. هن آيت ۾ حضرت موسىٰ ؑ کي رسول ۽ ”نبي“جي لقبن سان سڏيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح سورة الحج: 52/22 ۾ ”وَمَآ اَرۡسَلۡنَا مِنۡ قَبۡلِكَ مِنۡ رَّسُوۡلٍ وَّلَا نَبِیٍّ“ هن آيت ۾ رسول ۽ نبيءَ کي ٻن الڳ الڳ لقبن سان سڏيو ويو آهي. ڪيترن تفسيرن ۾ ”رسول“ ۽ نبي“ جو ذڪر گڏ آيو آهي، جيڪي انهيءَ کي هم معنىٰ سمجهن ٿا، پر ڪيترن تفسيرن ۾ ”رسول“ ۽ نبي“ به الڳ مرتبا ٻڌايا ويا آهن. ”رسول“ تي ڪتاب ۽ شريعت نازل ٿيا ۽ ”نبيءَ“ رسول جي شريعت ۽ ڪتاب جو درس ڏنو. ڪافي حديثن ۾ نبي اڪرم ﷺ کان رسولن جو تعداد پڇيو ويو ته پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته رسولن جو تعداد 313 آهي ۽ نبين جو تعداد هڪ لک ايڪويهه هزار ٻڌايائون.

يعني حضرت موسىٰ ؑ نبوت واري اعلىٰ ترين مقام تي فائز نبي هيو ۽ ڪيس تورات به عطا ٿي، ان ڪري رسالت جو فريضو به ڏنو ويو ۽ انهيءَ فرض ادائگي ۾ نهايت پر خلوص رهيو. هن کان اڳ حضرت يحىٰ ۽ حضرت عيسىٰ ؑ جي بيان ۾ خصوصيت سان نصارىٰ جي اصلاح آئي آهي. (مريم: 2/19 کان 37) ابراهيم ؑ جي ذڪر ۾ مشرڪين مڪه کي تنبيه هئي، جيڪو 41 کان 50 تائين آهي، هاڻي موسىٰ ؑ جي ذڪر سان يهود کي ياد ڏهاني ڪرائي ٿي وڃي ته اوهان توريت کي پلائي ڇڏيو آهي ۽ ابراهيم ؑ جي خاندان اسماعيل ؑ جي نسل مان حضرت محمد مصطفىٰ ﷺ آيو آهي. ان کي تسليم ڪريو ۽ ان مطابق زندگي گذاريو. حضرت اسماعيل ؑ به حضرت ابراهيم جو وڏو فرزند آهي. هن کان اڳ حضرت اسحاق ؑ جو ذڪر آيو آهي،

جنهن کي الله پنهنجو نبي بنائي موڪليو هيو. هت حضرت اسماعيل عليه السلام کي الله تعالىٰ نبوت سان گڏ رسالت سان به سرفراز ڪيو آهي. جيڪو تعمير ڪعبه ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام سان گڏ رهيو آهي. (البقره: 2/128-127) جيڪو پنهنجي عهد و اقرار ۾ نهايت سچو ثابت ٿيو. (الصّٰفّٰت: 101/37 کان 108 تائين) ۽ پنهنجي والد سان جيڪو عهد ڪيائين ته ابا جان تون الله جو حڪم پورو ڪر ۽ مون کي صابرين ۾ ڏسندين ۽ ٿيو به ائين. هن پنهنجي اهل و عيال کي به نماز جي پابندي ۽ زڪوات جي ادائگي جو حڪم ڏنو ۽ الله جو نهايت پسنديده دلپزير هيو.

يہ فیضان نظر تھا یا کہ مکتب کی کرامت تھی
سکھائے کس نے اسماعیل کو آداب فرزندی

(اقبال رحمة الله عليه)

هت حضرت اسماعيل عليه السلام جي ذڪر سان يهودين کي ٻڌايو ٿو وڃي ته حضرت موسىٰ عليه السلام ۽ حضرت اسماعيل عليه السلام ٻئي حضرت ابراهيم عليه السلام جي نسل مان آهن ۽ هي آخر زمان نبي حضرت محمد مصطفىٰ خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم به انهيءَ دين جو پرچاري آهي، جنهن جو حضرت ابراهيم عليه السلام هيو، جنهن پنهنجي هن فرزند سان گڏجي بني انسان جو بين الاقوامي مرڪز ڪعبة الله بنايو، هي نبي سڄورو تمام نوع انسان لاءِ قيامت تائين جو آخري نبي ۽ رسول آهي، ان ڪري هاڻي الله تعالىٰ نسل اسحاق عليه السلام بدران نسل اسماعيل عليه السلام کي دنيا جي امامت عطا ڪئي آهي.

وَ اذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ اِدْرِيْسَ ؗ اِنَّهٗ كَانَ صِدِّيْقًا نَّبِيًّا ۞۵۶ وَّ رَفَعْنٰهُ مَكَانًا
عَلِيًّا ۞۵۷ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنَ النَّبِيّٖنَ مِنْ ذُرِّيَّةِ اٰدَمَ ۗ
وَ مِمَّنْ حَمَلْنَا مَعَ نُوْحٍ ؗ وَّ مِنْ ذُرِّيَّةِ اِبْرٰهِيْمَ وَ اِسْرَآءِيْلَ ؗ وَ مِمَّنْ
هَدَيْنَا وَ اجْتَبَيْنَا ؕ اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُ الرَّحْمٰنِ خَرُّوْا سُجَّدًا وَّ بُكِيًّا ۞۵۸ السجدة ۵

فَخَلَفَ مِنۢ بَعۡدِهِمۡ خَلۡفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَ اتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوۡفَ
يَلۡقَوۡنَ غَيًّا ﴿۵۹﴾ اِلَّا مَنۡ تَابَ وَ اٰمَنَ وَ عَمِلَ صَالِحًا فَاُولٰٓئِكَ يَدۡخُلُوۡنَ
الۡجَنَّةَ وَ لَا يُظۡلَمُوۡنَ شَيۡـًٔا ﴿۶۰﴾ جَنّٰتِ عَدۡنِ ِۨالَّتِىۡ وَعَدَ الرَّحۡمٰنُ عِبَادَهٗ
بِالۡغَيۡبِ ؕ اِنَّهٗ كَانَ وَعۡدُهٗ مَاۡتِيًّا ﴿۶۱﴾ لَا يَسۡمَعُوۡنَ فِيۡهَا لَغۡوًا اِلَّا سَلٰمًا ؕ وَ
لَهُمۡ رِزۡقُهُمۡ فِيۡهَا بُكۡرَةً وَّ عَشِيًّا ﴿۶۲﴾ تِلۡكَ الۡجَنَّةُ الَّتِىۡ نُوۡرِثُ مِنۡ عِبَادِنَا
مَنۡ كَانَ تَقِيًّا ﴿۶۳﴾ وَ مَا نَتَنَزَّلُ اِلَّا بِاَمۡرِ رَبِّكَ ۚ لَهٗ مَا بَيۡنَ اَيۡدِيۡنَا وَ مَا
خَلۡفَنَا وَ مَا بَيۡنَ ذٰلِكَ ۚ وَ مَا كَانَ رَبُّكَ نَسِيًّا ﴿۶۴﴾ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ وَ
مَا بَيۡنَهُمَا فَاعۡبُدۡهُ وَ اصۡطَبِرۡ لِعِبَادَتِهٖ ؕ هَلۡ تَعۡلَمُ لَهٗ سَمِيًّا ﴿۶۵﴾ ع ۱۵

۽ هن ڪتاب مان ادريس عليه السلام جو ذڪر ڪيو، بيشڪ اهو به صادق نبي هيو (56) اسان ان کي (ابراهيم عليه السلام وانگر) بلند مقام تي پهچايو.(57) هي اهي ماڻهو آهن، جن کي پيغمبرن مان الله تعالیٰ پنهنجي خاص نعمتن سان نوازيو ۽ ابراهيم ۽ يعقوب عليهما السلام جي نسل مان ۽ انهن مان جن کي اسان هدايت وارو بنايو ۽ جن کي پاڻ لاءِ منتخب ڪيو، جڏهن الله تعالیٰ جون آيتون انهن تي تلاوت ڪيون وڃن ٿيون ته هو بارگاهه الاهي ۾ رئندي رئندي سجده ريز ٿي وڃن ٿا.(58) پوءِ ڪجهه ناخلف ماڻهو انهن جا جانشين ٿيا، انهن نماز کي ضايع ڪيو، خواهشن جي پويان لڳي ويا، سو عنقريب پنهنجي گمراهي جي انجام کان بهره ور ٿيندا. (59) سواءِ انهن جي، جن توبه ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ انهن نيڪ عمل ڪيا ته اهڙا ماڻهو ئي جنت ۾ داخل ٿيندا ۽ انهن سان هرگز

حق تلفي ۽ ظلم نہ ڪيو ويندو.(60) انهن کي هميشہ رهڻ وارن باغن ۾ رکيو
ويندو، جن جو خدا طرفان هن دنيا ۾ پنهنجي ماڻهن سان وعدو ڪري رکيو
آهي، جيڪو اکين کان پوشيده آهي. هن جو وعدو يقينًا پورو ٿي رهندو.(61)
هو اتي ڪا بہ بيهوده ڳالهہ نہ ٻڌندا انهن لاءِ اتي سلام ئي سلام هوندو ۽ هنن
جو رزق صبح شام اتي مهيا هوندو.(62) هي اها جنت آهي، جنهن جو وارث
اسان پنهنجي ٻانهن مان انهن کي بڻائينداسون جيڪي ان کان خوف کائيندڙ
هوندا. (63) (جبرائيل امين ﷺ پاڻ ڪريمن خاتم النبيين ﷺ کي چيو تہ تون برابر
وحي جي نزول جي انتظار ۾ رهين ٿو) پر اسان جو معاملو اهو آهي تہ اسان
تنهنجي پروردگار جي حڪم سان ئي نازل ٿيون ٿا، جيڪو ڪجهہ اسان جي
اڳيان آهي، پٺيان آهي يا درميان ۾ آهي(ماضي حال مستقبل) سڀ ڪجهہ
انهيءَ جي اختيار ۾ آهي. (توهان مطمئن رهو) توهان جو رب ڪجهہ ڀلائڻ
وارو نہ آهي. (64) آسمان ۽ زمين جو ۽ جو ڪجهہ ان جي درميان آهي ان جو رب
آهي. ان جي عبادت ڪريو ۽ ان جي عبادت تي ثابت قدم رهو. ڀلا توکي هن
جو ڪوئي هم نام معلوم آهي؟ (65)

---

هت حضرت ادريس عليه السلام جو ذڪر آهي، جيڪو نوح عليه السلام کان اڳ ٿي گذريو آهي،
ان کان اڳ حضرت شيث عليه السلام بہ نبي ٿي آيو هيو، جيڪو حضرت آدم عليه السلام ۽ حضرت
ادريس جي وچ واري زماني ۾ هيو. بائيبل ۾ حضرت ادريس عليه السلام کي حنوڪ چيو ويو
آهي، جنهن کي اسان نهايت بلند مرتبو عطا ڪيو هيو، ڪجهہ مفسرن "وَرَفَعۡنٰهُ مَكَانًا عَلِيًّا"
مان مراد بہ ادريس عليه السلام جو رفع آسماني مراد ورتو آهي، جهڙي طرح سورت النساءِ: 158/4
۾ "بَلۡ رَّفَعَهُ اللّٰهُ اِلَيۡهِ" حضرت عيسىٰ عليه السلام لاءِ آيو آهي، پر ياد رهي تہ عيسىٰ عليه السلام لاءِ "رَفَعَهُ
اللّٰهُ اِلَيۡهِ" ۽ آل عمران: 55/3 ۾ "وَرَافِعُكَ اِلَيَّ" ۾ "اِلَيَّ" پاڻ ڏانهن گهرايو آهي، جڏهن تہ
حضرت ادريس عليه السلام لاءِ "اِلَيَّ" جي نسبت نہ آهي. يعني حضرت ادريس عليه السلام بلند مقام جو

نبي هيو، حضرت ادريس عليه السلام حضرت آدم عليه السلام جو پوٽو آهي ۽ نوح عليه السلام جو ڏاڏو آهي، دنيا ۾ علم و حڪمت، علم نجوم، علم حساب، علم ڪتابت، قلم، ڪپڙو سبڻ، ماپ تور جا اوزار سڀ ان دؤر جي ايجادات هئا. حضرت ادريس عليه السلام جو هڪ دفعو هت ٻيو دفعو سورة النساءِ ۾ ذڪر آيو آهي. هي سڀ حضرات جن جو سورت جي شروع کان ذڪر ٿيندو آيو آهي. اهي مُنعَم انسان آهن، جن تي الله تعالىٰ پنهنجا خاص انعام ڪيا آهن. ڀلا نبوت کان وڌيڪ ڪهڙي نعمت هوندي، سيني انبياءِ ڪرام ۾ اها نبوت واري عظيم نعمت موجود آهي. اهڙي مُنعم عليه، نيڪ صالح صادق انسانن جو ذڪر النساءِ 69/4 ۾ بہ آيو آهي. هت بہ حضرت آدم عليه السلام جي اولاد ۽ حضرت نوح عليه السلام سان ڪشتي نوح ۾ سوار ٿيڻ وارن جي اولاد ۽ ابراهيم عليه السلام جي اولاد جي انبياءِ جو ذڪر فضيلت ۽ رفعت بيان پيش ڪيو ويو آهي. هنن تمام حضرات کي راهہ حق تي هلڻ جي سعادت نصيب ٿي. هنن کي مقبوليت جو مقام عطا ڪيو. پنهنجي هن مقبوليت ۽ خصوصيت جي اوصاف سان گڏ عبودت جي اها ڪيفيت هئي، جو جڏهن هنن جي سامهون حضرت رحمان يعني الله تعالىٰ جون آيتون تلاوت ڪيون وينديون هيون تہ هو انڪساريءَ سبب سجده ريز ٿي ويندا هئا ۽ رئندي رئندي زمين بوس ٿي ويندا هئا. يعني هي بہ خوبيون تہ هنن جو مقبول ۽ باڪمال هجڻ ۽ عجز ۽ انڪساري سان جهڪي عبديت جو اقرار ڪرڻ آهي. هنن صالح صادق نبين جي ذڪر خير سان انهن غليظ ۽ خبيث ماڻهن جي اصلاح بہ مطلوب آهي، جيڪي هنن انبياءِ ڪرام لاءِ نعوذ بالله فسق فجور ۽ فحش و نازيبا ڳالهيون منسوب ڪندا هئا ۽ اهڙي طرح ڪفارِ مڪہ کي بہ آگاهہ ڪيو ٿو وڃي، بلڪل هنن نبين ۽ رسولن سڳورن واري ساڳي دعوت دين سان هي نبي محترم حضرت محمد مصطفىٰ خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم اوهان وٽ آيو آهي، جنهن جو اوهان کي اتباع ڪرڻ گهرجي ۽ هر گهڙي هر عمل ان جي اطاعت ۾ گذري. هن بعد ايندڙ ناخلف ماڻهن جو ذڪر ٿي رهيو آهي. انهن نيڪ ۽ صالح ٻانهن جو ذڪر ڪرڻ بعد انهن جانشينن جو بيان ٿي رهيو آهي. اهي اهڙا تہ ناخلف نڪتا، جو انهن نماز جهڙي فرض کي ضايع ڪري ڇڏيو. حالانڪ نماز الله سان رابطي ۽ قربت جو سڀ کان وڌيڪ پر تاثير عمل آهي، جنهن جي ڪري خدا سان سندن رابطو ڪم ٿيڻ

لڳو ۽ پوءِ هو پنهنجي پنهنجي مفادن ۽ خواهشن جي پنيان لڳي ويا. هنن کي پنهنجي اصلاح ڪرڻ جو وري موقعو مليو آهي. جيڪڏهن هنن انهن جو فائدو نہ ورتو تہ پوءِ هو پنهنجي بداعماليءَ جي نتيجي ۾ جلد پنهنجي تباهي اکين سان ڏسي سگهندا. ”خَلْفٌ“ جو لفظ بہ لام جي سڪون سان اچي تہ پوءِ ان جي معنىٰ ناخلف آهي، پر زبر سان ”خَلَفٌ“ اچي تہ نيڪ جان معنىٰ ٿيندي. ياد رهي تہ هن کان اڳ آيت 55 ۾ حضرت اسماعيل عليه السلام لاءِ آيو آهي تہ هو پنهنجي اهل و عيال کي نماز جو حڪم ڪندو هيو ۽ زڪوات ادا ڪرڻ جو چوندو هيو. يعني هتان معلوم ٿيو تہ نماز جو قيام نبين جي فريضہ ۾ شامل هيو. پر هت انهن جي اولاد اهڙي اهم رڪن نماز کي بہ ضايع ڪري ڇڏيو تہ ڪين دنيا ۾ جون خرابيون سندن دامن گير ٿي ويون ۽ الله تعالىٰ کان دوري ٿيندي وئي، جيڪا سندن زوال ۽ تباهيءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿي.

هت مٿي بيان ڪيل سموري سرگزشتن (بيان) جو اصل مقصود بہ اهو بيان ڪرڻ آهي تہ مخالف ماڻهو پاڻ کي ابراهيم ۽ يعقوب عليهما السلام جو اولاد سڏائي پنهنجي نسل جي برتري تہ ظاهر ڪري رهيا آهن، پر عملي طور پوري دين کي برباد ڪري ڇڏيو اٿن. ”مَنْ بَطَّأَ عَمَلُهٗ لَا يُسْرِعُ بِهٖ نَسَبُهٗ“ جنهن کي عمل پٺتي ڌڪيندو تہ ان کي نسب اڳتي نہ آڻيندو. نماز جهڙي اهم رڪن کي ضايع ڪيو اٿن. هي اهڙو عمل آهي، جو انسان کي صبح ۽ شام الله سان جوڙي رکي ٿو. نماز جي ضايع ٿيڻ سان انسان تي شيطان مسلط ٿي وڃي ٿو ۽ هو يڪسر خدا جو نافرمان بنجي وڃي ٿو ۽ يقيني طور گمراهيءَ جو هدف ٿي وڃي ٿو. ”اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَ اتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ“ ۾ ٻڌايو ويو تہ نماز (عبادت) جوهرِ ايمان آهي. ان جي حقيقت ضايع ٿي تہ سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويو. دراصل هڪ خداپرست مومن ۽ غير خداپرست ڪافر درميان هن ڪانسواءِ عملي اعتبار نہ آهي. يعني نماز ڪفر ۽ ايمان جي پرک جي علامت ۽ ڪسوٽي آهي. ان ڪري دعا ۽ عبادت ئي الله جي قربت جو ذريعو آهي. نماز جو نظام بگڙيو تہ سارو ديني سرشتو بگڙجي ويندو ۽ ماڻهو شيطان جو نمائندو ٿي مضرات فتنہ فساد جهڙن قبيح ۽ غليظ عملن جو مرتڪب ٿي ويندو، جنهن جو نتيجو تباهي ۽ جهنم جي باهہ آهي. پر جيڪي ماڻهو پنهنجي غلطي ۽ غلط راهہ روي کان آگاهہ ٿي، ان وقت ڪيس ترڪ ڪن ٿا ۽ وري سڌي رستي تي موٽي اچي زندگيءَ جي پر امن راهہ

ايمان ۽ عمل صالح تي هلن ٿا ته اهي جنت پيڙا ٿيندا ۽ انهن سان ذرا پر به ناانصافي نه ڪئي ويندي. اسلام ۽ ايمان سندن پويان گناهه ختم ڪري ڇڏيندا. حديث شريف ۾ آهي: ”اَلتَّآئِبُ مِنَ الذَّنْبِ كَمَنْ لَّا ذَنْبَ لَهٗ“ گناهن کان توبه ڪرڻ وارو ائين آهي، ڄڻ هن ڪو گناهه ڪيو ئي ناهي. ايمان آڻڻ سان الله پويان گناهه معاف ڪري ڇڏي ٿو. ڪين الله طرفان جنت الفردوس عنايت ٿيندي ۽ هن دنيا ۾ به جنتي معاشري ۾ اچي ويندا. هنن سان ذرا پر به بي انصافي نه ٿيندي، بلڪ ڪين هڪ نيڪي جي بدلي ڏهه نيڪيون ملنديون، چوته ”اِنَّ الْحَسَنٰتِ يُذْهِبْنَ السَّيِّاٰتِ“ نيڪيون برائين کي ختم ڪري ڇڏين ٿيون.

جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجهه به اوڏائي مڱان

* * *

ڇاڪي وجيو ڇو، ٻيلي ٽئين ٻين جو،
وٺ ڪَنجڪ ڪريم جي، جَڳَ جو والي جو،
سوڪو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سين.

(شاهه لطيف رحمة الله عليه)

الله تعالىٰ اهڙن نيڪ ٻانهن لاءِ جنت جي انهن غيبي (اڻ ڏٺل) نعمتن جو وعدو فرمايو آهي، جيڪو هر حال ۾ ضرور پورو ٿيندو، ڇو ته خدا جا وعدا حتمي ۽ اٽل آهن. جنهن جنت ۾ هنن خوشبخت شخصيتن کي داخل ڪيو ويندو، اتي لغو ۽ بي ڪار ڳالهيون ۽ بي هوده گفتگو، شور ۽ هنگامو بلڪل ڪونه هوندو، فرشتن ۽ مؤمنن طرفان امن ۽ سلامتي جون دعائون، سلامتيءَ جا آواز بلند ٿيندا رهندا. هو جنت جي هن سدا بهار ۽ خوشگوار زندگيءَ جا مزا ماڻي رهيا هوندا. صبح و شام ڪين جنت جي پاڪيزه روزي ملندي رهندي. هڪ گهڙي لاءِ به ڪين بک ۽ اڃ محسوس نه ٿيندي. سدا خوش خرامان ۽ شادمان رهندا. اتي ڪين اهي نعمتون رات ڏينهن ملنديون رهنديون، يعني مسلسل ۽ لڳاتار ملنديون رهنديون. جنت ۾ رات ڏينهن نه هوندا پر هڪ جهڙو نور ۽ روشني هوندي، جنهن جي فضا معطر هوندي، اتان جا نوراني منظر قابل ديد هوندا. ان جنت جا وارث اسان جا اهي ٻانها هوندا، جن جي زندگي تقوىٰ ۾ گذري هوندي. زندگيءَ جي هر قدم کي

ڦوڪي ڦوڪي رکيو هوندو ۽ احتياط ۽ بچاءَ واري زندگي گذاري هوندي. ڪين هميشہ اهو فڪر هوندو تہ غلطي تي وئي تہ خدا جو عذاب اچي ويندو، پنهنجي اعمال جي نتيجن ڪان ڏجندا رهندا.

هت هن آيت ڪريمہ ۾ جبرائيل عليه السلام پاران وقفي بعد اچڻ لاءِ معذرت جو اظهار بہ موجود آهي تہ پاڻ ڪريمن خاتم النبيين صلی اللہ علیہ وسلم جو وحي جي اچڻ جو ذوق و شوق، اضطراب ۽ بيقراري ۽ عجلت جو عنصر بہ موجود آهي تہ پاڻ ڪريمن خاتم النبيين صلی اللہ علیہ وسلم کي صبر ۽ انتظار جي تلقين بہ آهي. پاڻ ڪريم خاتم النبيين صلی اللہ علیہ وسلم هميشہ پنهنجو منصبي فريضو ادا ڪرڻ جي تڙپ ۾ رهندا هئا ۽ هن غير معمولي ذميواري کي پورو طرح ادا ڪرڻ جي خواهش رکندا هئا. پنهنجي پر نور جسم کي قرآن جي نور سان تابان ڪان تابان ڏسڻ جا خواهشمند هئا. ان ڪري جلد از جلد وحيءَ جي انتظار ۾ رهندا هئا. ڪين جبرئيل عليه السلام تسلي واري معذرت پيش ڪندي فرمايو تہ اسان پنهنجي مرضي سان نازل نٿا ٿيون ۽ وحي ڪٽي نٿا اچون. هن ۾ اسان جي ڪا بہ دسترس يا ڪوتاهي ناهي، پر اسان جو نزول اللہ جي حڪم سان ٿيندو آهي، جيستائين حڪم خداوندي نہ هوندو، تيستائين نہ اسان نازل ٿي سگهون ٿا ۽ نہ وري وحي آڻي سگهون ٿا. "مَلٰٓئِكَةٌ غِلَاظٌ شِدَادٌ لَّا يَعْصُوْنَ اللّٰهَ مَآ اَمَرَهُمْ" (التحريم: 6/66) بي رحم شوخ ۽ سخت مزاج فرشتا ان جي حڪم کان انڪار ڪري نٿا سگهن ۽ اهو ئي ڪن ٿا، جنهن جو حڪم ملين ٿو. هتان اهو بہ ثابت ٿيو تہ ڪو بہ ڪک تيستائين نٿو چري، جيستائين حڪم خداوندي نہ هجي، فرشتا ۽ ڪائنات جا سمورا عناصر اللہ جي امر جا پابند ۽ محتاج آهن. ڪوبہ پنهنجي آزادي ۽ ارادي سان ڪجهہ ڪري نٿو سگهي. "لَا تَاْخُذُهٗ سِنَةٌ وَّلَا نَوْمٌ" (البقره: 155/2) نڪي اللہ ڪان ويسر يا پل چڪ ٿئي ٿي، جنهن جو هو فائدو وٺي سگهن. انهي وقفي ۾ ويسر جو عمل دخل ناهي پر حڪمت خداوندي آهي. "كَذٰلِكَ لِنُثَبِّتَ بِهٖ فُؤَادَكَ" (الفرقان: 32/25) ان ڪري ٿورو ٿورو ڪري نازل ڪيون ٿا تہ تنهنجي دل کي مضبوط تر ڪريون. سورت بني اسرائيل: 16/17 ۾ بہ اهو مضمون آيو آهي. هت ڪافرن کي اهو ٻڌائڻ مقصود آهي تہ جڏهن جبرئيل عليه السلام جهڙي فرشتي جو اهو حال آهي تہ پوءِ اوهان جي هٿن جي بتن مورتين ديوين کي ڪهڙي مجال آهي، جو اهي رب ذوالجلال جي بارگاهہ ۾ اوهان جي مدد ڪري سگهن. هي مصنوعي معبود جن کي

اوهان الله تعالیٰ جو شريڪ بنايو آهي، اهي اوهان جي ڪهڙي مدد ڪري سگهندا، جيڪي پاڻ پنهنجي جسم تان مک کي هٽائڻ جي صلاحيت کان محروم آهن ۽ خود امر الاهي جا محتاج ۽ محڪوم آهن، جنهن موجب اوهان دوزخ جي باهه جو ٻارڻ ٿيندا. باقي قرآن جو ٿورو ٿورو نازل ٿيڻ الله جي مصلحت ۽ حڪمت جو ظهور آهي. نه الله ناراض ٿيو آهي ته نه وري ويسر ٿي اٿس. ”مَا وَدَّعَكَ رَبُّكَ وَمَا قَلٰى“ (الضحیٰ: 3/93) تنهنجي پروردگار نه توکي ڇڏي ڏنو آهي ۽ نه وري ناراض يا بيزار ٿي ويو آهي. مولانا ابو الڪلام آزاد هن طرح تفسير ڪيو آهي ته جنت جي زندگي سلامتي ۽ طهارت واري هوندي، اتي سلام جي صدائن کان سواءِ ٻي ڪا صدا ٻڌڻ ۾ نه ايندي، اتي بيهودو بڪواس ڪو نه هوندو ۽ اها جنت ئي متقي مؤمن جو هميشه هميشه وارو ٺڪاڻو هوندي. آيت 64 ۾ آيو ته انهن جنتين تي فرشتن جو نزول ٿيندو، جيڪي سلامتيءَ جو پيغام پهچائيندا ۽ چوندا ته توهان جو پروردگار وسارڻ وارو نه آهي. ڏسو توهان جو ڪجهه ماضي ۾ ڪيو، ان جو صلو اوهان کي ملي رهيو آهي. ان جا نتائج اوهان کي پهچي رهيا آهن. خدا جي قانون مڪافات کان ڪنهن به طرح جي غلطي يا ويسر ناممڪن آهي. سندس قدرت علم ۽ حڪمت جو ازلي قانون چئني طرف ڪارفرما آهي، جيڪو بي داغ، بي عيب، بنا نقص جي روان دوان آهي. ڇا ان کان هڪ پل به نسيان يا سَهو ٿي سگهي ٿي؟ ناممڪن. آيت 65 ۾ خطاب پيغمبر اسلام خَاتَمَ النَّبِيِّينَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ ۽ ان جي ساٿين کي آهي ته ٻن شين کي مضبوط جهلي رکو ته پوءِ سڀ ڪاميابيون ان سان ئي نصيب ٿينديون هڪ ته الله جي عبادت ڪريو ٻيو ان ۾ ڪيتريون مشڪلاتون تڪليفون اچن، اهي برداشت ڪريو. ”وَأْمُرْ أَهْلَكَ بِالصَّلٰوةِ وَاصْطَبِرْ عَلَيْهَا“ (طٰهٰ: 132/20) ۾ به اها ڳالهه واضح ارشاد آهي. تفسير مظهري ۾ آهي: ”رَبُّ السَّمٰوَاتِ وَالْاَرْضِ“ چئي نسيان جو انڪار آهي، جيڪا هستي ڪائنات جو ايڏو وڏو نظام هلائي رهي آهي، ان کان نسيان ناممڪن آهي، ان ڪري اهڙي الله جي عبادت ثابت قدمي، استقلال ۽ استمرار سان جاري رکو. بطور شڪر هميشه سر بسجود رهو. پابنديءَ سان عبادت ۽ اطاعت ڪريو. دل ٽٽي سان عبادت نه ڪريو، پر نهايت خشوع، خضوع ۽ رقت قلب سان الله سان تعلق جوڙيو، جيئن عبادت دل جو سرور ٿي وڃي پاڻ ڪريمن خَاتَمَ النَّبِيِّينَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ فرمايو ته نماز منهنجي اکين جو ٺار آهي، هت عبادت بعد ”وَاصْطَبِرْ

لِعِبَادَتِهٖ ۚ ۾ اهڙي عبادت جي ترغيب آهي، جيڪا هر حال ۾ خدا جي حضوريءَ جو اثر
پيدا ڪري. هن الله جو نہ ڪو هم نام آهي ۽ نہ وري اهڙي نالي سان سڏيو يا منسوب ڪيو
ٿو وڃي.

وَ يَقُوۡلُ الۡاِنۡسَانُ ءَاِذَا مَا مِتُّ لَسَوۡفَ اُخۡرَجُ حَيًّا ﴿۶۶﴾ اَوَ لَا يَذۡكُرُ
الۡاِنۡسَانُ اَنَّا خَلَقۡنٰهُ مِنۡ قَبۡلُ وَ لَمۡ يَكُ شَيۡـًٔا ﴿۶۷﴾ فَوَ رَبِّكَ لَنَحۡشُرَنَّهُمۡ وَ
الشَّيٰطِيۡنَ ثُمَّ لَنُحۡضِرَنَّهُمۡ حَوۡلَ جَهَنَّمَ جِثِيًّا ﴿۶۸﴾ۚ ثُمَّ لَنَنۡزِعَنَّ مِنۡ كُلِّ
شِيۡعَةٍ اَيُّهُمۡ اَشَدُّ عَلَى الرَّحۡمٰنِ عِتِيًّا ﴿۶۹﴾ۚ ثُمَّ لَنَحۡنُ اَعۡلَمُ بِالَّذِيۡنَ هُمۡ
اَوۡلٰى بِهَا صِلِيًّا ﴿۷۰﴾ وَ اِنۡ مِّنۡكُمۡ اِلَّا وَارِدُهَا ۚ كَانَ عَلٰى رَبِّكَ حَتۡمًا
مَّقۡضِيًّا ﴿۷۱﴾ۚ ثُمَّ نُنَجِّى الَّذِيۡنَ اتَّقَوۡا وَّ نَذَرُ الظّٰلِمِيۡنَ فِيۡهَا جِثِيًّا ﴿۷۲﴾

انسان چوي ٿو تہ جڏهن مان مري ويندس تہ پوءِ زنده ڪيو ويندس ڇا؟(66) ڇا
انسان کي ياد ناهي تہ اسان هن کي هن کان اڳ بہ پيدا ڪري چڪا آهيون،
جڏهن هو ڪا شيءِ نہ هيو.(67) پوءِ تنهنجي رب جو قسم تہ اسان هنن کي بہ
ضرور ڪٺو ڪنداسون ۽ سندن شيطانن کي بہ پوءِ هنن سمورن کي جهنم جي
گرد اهڙي طرح حاضر ڪنداسون، جو (مجرمن وانگر) پنهنجن گوڏن تي
جهڪيل هوندا. (68) پوءِ انهن مان ان گروهہ کي چنڊي ٻاهر ڪنداسون، جيڪو
خدا تعاليٰ سان زياده سرڪشي ڪرڻ وارو هيو.(69) پوءِ اسان ئي انهن ماڻهن
کي سڀ کان وڌيڪ سڃاڻينداسون، جيڪي جهنم ۾ داخل ڪرڻ جا وڌيڪ
مستحق هوندا.(70) توهان مان هر هڪ کي لازمًا ان ۾ داخل ٿيڻو آهي. هي

**هڪ طئي ٿيل فيصلو آهي.(71) پوءِ اسان انهن کي نجات ڏينداسون، جيڪي خدا کان ڊڄندا رهيا، پر جيڪي پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪري رهيا هئا، انهن کي گوڏن ڀر بيٺل ڇڏينداسون.(72)**

---

هن ڪان اڳ ٻانهي لاءِ حڪم آيو ته رب جي عبادت ۽ اطاعت استقامت سان جاري رکو، يعني عبادت ۽ اطاعت سان گڏ خدا جي حڪمن جو انتظار ڪريو ۽ جيڪو به حڪم ملي ان جي ڪما حقه تعميل ڪريو. ”وَاصۡطَبِرۡ لِعِبَادَتِهٖ“ ۾ انهي خير جي تاڪيد آهي. اهو ئي نبي جو حقيقي منصبي فريضو آهي. هاڻي ”اَوَلَا يَذۡكُرُ الۡاِنۡسَانُ“ بظاهر عام انسانن کي خطاب آهي، پر هت اهي مشرڪ ۽ ڪافر ماڻهو مراد آهن، جيڪي قيامت ۽ يوم آخرت کي تسليم نه ڪندا هئا ۽ بعث بعد الموت جو مذاق ڪندا هئا ۽ چوندا هئا ته ڇا اسان مري وينداسون ۽ قبر ۾ بوسيده هڏيون ٿي ويندا سون ۽ پوءِ وري زنده ڪيا ويندا سون، ڪهڙو نه غلط خيال آهي. (يٰس: 36/79-78-51) هنن جو اهو عقيدو به آهي ته سندن بت ۽ معبود الله وٽ سفارشي هوندا. ”وَ يَقُوۡلُوۡنَ هٰٓؤُلَآءِ شُفَعَآؤُنَا عِنۡدَ اللّٰهِ“ (يونس: 18/10) غافل انسان هن ڳالهه کي وساري وينو آهي ته جنهن الله عدم کان وجود ۾ آندو آهي، نيست کان هست ۾ آندو، ان وقت هنن جو ڪو به ذرو پرزو يا مال مٽيريل موجود نه هيو، پر خدا جي هستيءَ ”كُنۡ“ چئي وجود بخشيو ۽ يَكُوۡنُ ٿي ويا. هن وقت ته هنن جو اصل نقش و نگار رنگ و بو موجود هيو، جيڪو هينئر وکري چڪو آهي ان وکريل ۽ ريزه ريزه ٿيل کي وري جوڙڻ ۽ جاندار بنائڻ ڪهڙو مشڪل آهي. (الدهر: 76/ 1) هت اهو وقت به گذريو آهي، جو هو ڪو به شيءِ نه هيو، سندس نالونشان به نه هو، پتو به نه هو. اهو اڄ پنهنجي رب ڪريم بابت ڪيترو غلط سوچي رهيو آهي. ”يٰٓاَيُّهَا الۡاِنۡسَانُ مَا غَرَّكَ بِرَبِّكَ الۡكَرِيۡمِ ○“ (الانفطار: 82/6) اي (نادان) انسان! ڪنهن توکي پنهنجي رب کان ڌوڪي ۾ رکيو آهي.

اي پيغمبر ﷺ! هن حقيقت جو الله شاهد آهي، ته هي ڪافر ۽ هنن جا معبود ۽ شيطان سڀ کي حاضر ڪنداسون ۽ مون خداءِ ذوالجلال جي آڏو پيش ڪنداسون، پوءِ هنن کي دوزخ جي لڳ حاضر ڪرڻ جو حڪم ڪنداسون، اهي نه پنهنجي پيرن تي

بيهي سگهندا ۽ نہ وري آرام سان ويهي سگهندا، پر گوڏن ڀر جهڪيل رهندا ۽ هڪ مجرم جي حيثيت ۾ پنهنجي اعمال جو بدلو ڏيڻ جي پريشان ڪن حالت ۾ هوندا. دهشت سبب لوڏن ۾ هوندا. ڪڏهن ڪري پوندا تہ اٿڻ جي طاقت نہ هوندي. (الجاثيه: 28/45) پر ڪافرن جي انهن گروهن مان انهن بدبخت ماڻهن کي الڳ ڪنداسون، جيڪو پنهنجي زندگيءَ ۾ الله سان سرڪشي ڪندو هو ۽ الله جي جلال ۽ ڪبريائيءَ کان انڪاري هيو ۽ اسان کي پوري طرح معلوم تہ آهي ڪير دوزخ جو سڀ کان اول ۽ زياده سزاوار آهي. هر هڪ کي ان جي سرڪشي، زيادتي، ڪفر ۽ انڪار جي مطابق جهنم ۾ وڌو ويندو. (الجاثيه: 28/45) يعني جهنم ۾ اهڙن ڪافرن جا الڳ الڳ درجا ۽ نڪاڻا هوندا. ”خدا جا سرڪش ۽ نافرمان“ مان مراد آهي تہ جيڪي الله جي حڪمن کي قبول نہ ڪندا هئا، پر انهن جي مخالفت ۽ ماڻهن کي مخالفت لاءِ مشتعل ڪندا هيا. خود بہ قانون شڪني ۽ خدا جي حڪمن جي انحرافي ڪندا هئا، پر ٻين کي بہ ان تي ڀڙڪائيندا هئا. ڪين اها سزا ڏني ويندي ڪين هن دنيا ۾ بہ مؤمنن هٿان ذلت ۽ خواري واري شڪست ملندي تہ آخرت ۾ بہ جهنم جو عذاب هوندو. (الجاثيه 28/45) هت اهو سمجهڻ نہ گهرجي تہ رڳو سرڪش ۽ شيطان دوزخ جو ٻارڻ ٿيندا، انهن ظالمن کي سندن ڪرتوتن سبب عذاب الاهي ۾ اول اول ۽ جهنم جي سخت ترين خول ۾ رکيو ويندو، باقي ڪافرن کي بہ سندن اعمال موجب جهنم جو مزو ضرور چکڻو پوندو، ڪنهن کي بہ جهنم جي باهہ کان نجات نہ هوندي. ڪافرن لاءِ الله جو هي حتمي يقيني فيصلو آهي تہ دوزخ هنن جو نڪاڻو هوندي. (مريم: 86/19، الانبياءِ: 98/21 کان 100) الزمر: 72/39-71) هي هيو ڪافرن جو انجام، جيڪو هر حالت ۾ واقع پذير ٿيندو ۽ ڪا بہ قوت ڪين هن عذاب کان بچائي، محفوظ ڪري نہ سگهندي. (الانبياءِ: 99/21، مريم: 86/19) پلا ڪنهن جي سفارش هلندي، جڏهن الله کان وڌيڪ ڪو بہ هنن جي حقيقت کان آگاهہ نہ هوندو، جيڪو چوي تہ مان جاڻان ٿو هي بي قصور آهن، پر جن ماڻهن الله جي حڪمن کي تسليم ڪيو هوندو ۽ پنهنجي زندگي جي هر گهڙي هن جي رضا ۽ اطاعت ۾ گذاري هوندي، پاڻ هر ان برائي کان بچائي رکيو هوندو، جنهن ۾ الله جو ناراضپو ۽ اعمال جي نتيجن جو برو انجام ٿيندو، تقويٰ ۽ پرهيزگاري واري احتياط جي زندگي گذارڻ وارا هن عذاب کان محفوظ هوندا. هو دوزخ

جي باهه واري چيخ و پڪار ڪان ايترو ته پري هوندا، جو ان جو آواز به هنن جي ڪنن تائين نه پهچندو. (الانبياءِ: 101/21) مؤمن ڪي معلوم ٿي ويندو ته جيڪڏهن هن زندگي ۾ اهي به ڪفر جي راهه اختيار ڪن ها ته ڪين هن دوزخ واري عذاب کان ڪو به بچائي نه سگهي ها. هي سندن ايمان ۽ عمل صالح، اطاعت ۽ فرمانبرداري واري عمل جو ثمر آهي، پر ان جي برعڪس ڪافرن جو نهايت برو حال هوندو، باهه جي دهشت ۽ عذاب جي خوف ۾ سندن پير بيهڻ لائق نه هوندا ۽ نه وري آرام ۽ سڪون ۾ ويٺل هوندا پر فيصلي جي انتظار ۾ ڪڙين ۽ ڳوڏن تائين جهڪيل، حيران ۽ پريشان هوندا.

وَ اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا ۙ اَيُّ
الْفَرِيْقَيْنِ خَيْرٌ مَّقَامًا وَّ اَحْسَنُ نَدِيًّا ﴿۷۳﴾ وَ كَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنْ قَرْنٍ
هُمْ اَحْسَنُ اَثَاثًا وَّ رِءْيًا ﴿۷۴﴾ قُلْ مَنْ كَانَ فِي الضَّلٰلَةِ فَلْيَمْدُدْ لَهُ الرَّحْمٰنُ
مَدًّا ۚ حَتّٰۤى اِذَا رَاَوْا مَا يُوْعَدُوْنَ اِمَّا الْعَذَابَ وَ اِمَّا السَّاعَةَ ؕ فَسَيَعْلَمُوْنَ
مَنْ هُوَ شَرٌّ مَّكَانًا وَّ اَضْعَفُ جُنْدًا ﴿۷۵﴾ وَ يَزِيْدُ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اهْتَدَوْا
هُدًى ؕ وَ الْبٰقِيٰتُ الصّٰلِحٰتُ خَيْرٌ عِنْدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّ خَيْرٌ مَّرَدًّا ﴿۷۶﴾
اَفَرَءَيْتَ الَّذِيْ كَفَرَ بِاٰيٰتِنَا وَ قَالَ لَاُوْتَيَنَّ مَالًا وَّ وَلَدًا ﴿ؕ۷۷﴾ اَطَّلَعَ الْغَيْبَ
اَمِ اتَّخَذَ عِنْدَ الرَّحْمٰنِ عَهْدًا ﴿ۙ۷۸﴾ كَلَّا ؕ سَنَكْتُبُ مَا يَقُوْلُ وَ نَمُدُّ لَهٗ مِنَ
الْعَذَابِ مَدًّا ﴿ۙ۷۹﴾ وَّ نَرِثُهٗ مَا يَقُوْلُ وَ يَاْتِيْنَا فَرْدًا ﴿۸۰﴾ وَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ
اللّٰهِ اٰلِهَةً لِّيَكُوْنُوْا لَهُمْ عِزًّا ﴿ۙ۸۱﴾ كَلَّا ؕ سَيَكْفُرُوْنَ بِعِبَادَتِهِمْ وَ يَكُوْنُوْنَ
عَلَيْهِمْ ضِدًّا ﴿۸۲﴾ ع ٥/١٧ ٨

۽ جڏهن هنن کي اسان جون روشن (چٽيون) آيتون هنن آڏو پڙهيون وڃن ٿيون
تہ هي ڪافر مؤمنن کي چون ٿا تہ اسان ٻنهي مان وڌيڪ مانَ مرتبي وارو ۽
سٺي محفل ۽ مجلس وارو ڪير آهي (73) هن کان اڳ اسان ڪيترين ئي
قومون هلاڪ ڪيون آهن، جيڪي سازو سامان ۽ ظاهري شان شوڪت ۾ هنن
کان ڪيترو نہ وڌيڪ هيون. (74) هنن کي چؤ تہ جيڪي شخص گمراهيءَ ۾
رهن ٿا، الله انهن کي مهلت ڏيندو رهي ٿو، جيستائين هو اهو پاڻ ڏسي وٺن،
ان عذاب يا قيامت کي جنهن جو هنن سان وعدو ڪيو وڃي ٿو، ان وقت
کين خبر پئجي ويندي تہ ڪنهن جو مقام مرتبو گهٽ ۽ لشڪر ڪمزور آهي.
(75) انهن جي برعڪس جيڪي ماڻهو هدايت جي راهہ اختيار ڪن ٿا، الله
انهن کي وڌيڪ هدايت جي توفيق بخشي ٿو. نيڪيون جيڪي جٽادار آهن،
اهي تنهنجي پروردگار وٽ اجر جي لحاظ سان بہ بهتر آهن تہ آخري نتيجي جي
حساب سان بهتر آهن. (76) ڀلا تو ان شخص کي ڏٺو آهي، جنهن اسان جي
آيت کان ڪفر ڪيو ۽ دعوىٰ ڪرڻ لڳو تہ آخرت ۾ بہ مان مال ۽ دولت سان
اهڙي طرح مالا مال ڪيو ويندس (77) ڇا هن کي غيب جو پتو پئجي ويو آهي
يا هن خدا سان معاهدو ڪيو آهي. (78) ائين هرگز ناهي، هي جو ڪجهہ
چوي ٿو اسان ان کي لکندا وڃون ٿا ۽ هن لاءِ ڏيري ڏيري عذاب وڌائيندا وڃون
ٿا. (79) ۽ جن شين جو هو مدعي آهي، ان جا وارث اسان هونداسون ۽ هو
اسان جي آڏو اڪيلو پيش ڪيو ويندو.(801) هنن ماڻهن الله کانسواءِ ٻين کي
معبود بڻايو آهي تان تہ اهي سندن عزت ۽ مدد جو سهارو بڻجن (81) ائين
هر گز نہ ٿيندو، اهي باطل سندن پوڄا جو انڪار ڪندا ۽ هنن جا مخالف
ٿي ويندا. (82)

ظاهربين انسان نهايت ڪوتاهہ نظر هوندو آهي، ان ڪري ان جي نظر هميشہ دنياوي سازو سامان، عيش، عزت، حڪمراني ۽ اقتدار طرف هوندي آهي. هن ڪي دنياداري جي پرڪشش اوقات ڪانسواءِ ڪجهہ نظر نہ ايندو آهي، انهي ڪري دنيا جي طلب ۽ حصول ۾ روحاني دولت ڪان محروم ٿي ويندو آهي. سو جڏهن آيات الاهي جو نزول ٿيندو آهي، جنهن ۾ مؤمنن کي برحق ۽ ڪافرن کي باطل پرست ظاهر ڪيو ويندو آهي ۽ انجام ڪار جي لحاظ سان مؤمنن کي جنت جي دائمي نعمت جي بشارت ۽ ڪافرن کي هميشہ جهنم جي درد ناڪ عذاب ۾ وجهڻ جو ڊپ ڏيکاريو ويندو آهي تہ اهي مؤمنن جو مذاق ڪرڻ ۽ کين چيڙچاڙ ڪرڻ لاءِ چوندا رهيا تہ هن وقت جيڪو اسان توهان ۾ فرق آهي اڳتي بہ ائين ئي هوندو. هت مال متاع، مڪان، معيشيت ۽ زندگي جو سارو سامان اسان وٽ اوهان کان هزار دفعا بهتر آهي. معزز ۽ معتبر ماڻهو اسان سان گڏ آهن. اسان جي محفلن ۽ مجلسن ۾ بہ وڏيڪ ڇهڇٽو آهي. اوهان مفلس، بيڪس، بي بس خستہ حال، ذليل، فقيرن جي جماعت آهيو، ڪٿي اسان جو شان شوڪت، رعب ۽ دٻدٻو تہ ڪٿي اوهان جي مجبوري ۽ مفلسي، بي نوا غلام، مفلسي واري زندگي رڳو پنهنجي خيال ۾ وعدهِ حور تي مست لڳا پيا آهيو. اوهان جون اهي دعوائون تہ آخرت اوهان جي هوندي، ڪنهن کي خبر تہ اڳتي ڇا آهي سو توهان جي چوڻ تي اسان پاڻ کي توهان واري طبقي ۾ داخل ڪريون. کين ڊڄاريو تہ هن عارضي مان مرتبي ۽ مال متاع تي غرور ۽ آڪڙ نہ ڪيو. تاريخ تي نظر وجهو، ڪيتريون صديون گذري چڪيون آهن، جيڪي قومون مال متاع، شان شوڪت ۽ مان مرتبي ۾ اوهان کان افضل ۽ اعليٰ هيون، پر جڏهن هنن الله جي دين سان سرڪشي ڪئي، راهہ حق کي ترڪ ڪيو ۽ دنياوي زيب و زينت جي فريب ۾ اچي ويا تہ دنيا جي نقشي تي انهن جو نشان بہ باقي نہ رهيو. انهن جي پاڙ ئي پٽي وئي. ان ڪري دنيا جي دلڪشي ۾ ڏوڪو نہ کائو. دين ۽ دنيا حق ۽ باطل ڪوڙ ۽ سچ ۾ فرق ڪريو.

پرواز ہے دونوں کی اسی ایک فضا میں
کرگس کا جہاں اور ہے، شاہیں کا جہاں اور

کافر کی یہ پہچان کہ آفاق میں گُم ہے
مومن کی یہ پہچان کہ گم اس میں ہیں آفاق

(اقبال رحمة الله عليه)

ڪافرن کي تنبيهه جي انداز ۾ چيو ٿو وڃي ته جڏهن عذاب ايندو ڏسندا ته ان وقت کين معلوم ٿي ويندو ته نتيجي جي اعتبار کان ڪهڙو گروهه عذاب وارو آهي. هن وقت اوهان کي ڍگهي رسي ڏني ٿي وڃي. هي مهلت جو وقت آهي، هن دوران هدايت جو سلسلو ۽ رزق روٽي جو سلسلو جاري رهندو، پر جڏهن اتمام حجت ٿي ويندي ته پوءِ مڪافات عمل جو قانون شروع ٿي ويندو ۽ ڪافرن کي پوري طرح معلوم ٿي ويندو ته اهي دنيا اندر خراب غفلت ۾ گرفتار رهيا ۽ پنهنجي دنياوي شان و شوڪت جي نشي ۾ مست رهيا.

متو آهين مڇ، تلها! تو تونا هٽين
تو جا پائئين اڇ، تنهن پاٽيءَ پنا ڏينهڙا

(شاهه لطيف رحمة الله عليه)

پر هاڻي کين خبر پئجي ويندي ته ڪنهن جو مقام مرتبو ۽ ٺڪاڻو ڪهڙو آهي، هو نهايت ڪمزور بي بس ۽ بي يارو مددگار هوندا ۽ جنهن افرادي قوت تي ناز ڪندا هئا، اڄ اها نهايت ڪمزور آهي. هنن جي ڪا به مدد ڪري نه سگهندا. پر هن گمراهه ۽ منڪر ٽولي مان جن ماڻهن سوچي سمجهي هدايت جي راهه اختيار ڪئي ته الله هنن جي فهم و فراست، فڪر و بصيرت ۾ وڌيڪ اضافو آڻي تيز ڪري ڇڏي ٿو. فلاح ۽ ڪامراني جون راهون کولي ڇڏي ٿو. ياد رهي ته باقي رهڻ وارو سامانِ حيات اهو آهي، جنهن سان انساني صلاحيتون نشو و نما پائين، جنهن جو الله وٽ بهترين انجام ڪار ۽ نفع بخش نتيجو نڪرندو. هت اهل ايمان کي استقامت ۽ استقلال اختيار ڪرڻ ۽ عمل صالح ڪرڻ ۽ ان تي قائم رهڻ جي ترغيب ڏني ٿي وڃي ۽ ٻڌايو ٿو وڃي ته جيڪي ماڻهو راهه حق جا طالب هوندا آهن ۽ سڌي رستي تي هلي، منزل مقصد ماڻڻ جا خواهشمند آهن، الله تعالىٰ هنن جي هدايت ۾ اضافو ڪرڻ فرمائي ٿو ۽ هر گهڙي سندن مرتبي ۾ ماضي کان وڌيڪ

اضافو ڪيو وڃي ٿو. هن دنيا ۾ مسلمان ڪافرن جي مقابلي ۾ ڪيترا به ڪمزور ۽ ڪم حيثيت هجن، پر آخرت ۾ الله وٽ وڏي مان مرتبي وارا هوندا ۽ ڪافر ذلت ۽ خواري جو اهڃاڻ هوندا.

مڪي جا ڪافر انهيءَ خوشفهمي ۾ مبتلا هئا ته هن دنيا ۾ جو اسان پرتعيش زندگي بسر ڪري رهيا آهيون، ضرور الله جو اسان تي راضپو آهي، ان ڪري آخرت ۾ به عيش و عشرت، خوشحالي ۽ آسودگي اسان جي حصي ۾ هوندي. اهڙو مضمون سورة الڪهف: 36/16 ”وَ لَىِٕنْ رُّدِدْتُّ اِلٰى رَبِّيْ لَاَجِدَنَّ خَيْرًا مِّنْهَا مُنْقَلَبًا○“ قيامت ۾ به الله وٽ پهچڻ وقت مون کي هن کان سٺو مقام ملندو. اها آهي مغرور ماڻهو جي سوچ، هن جي خيال ۾ ته جيڪڏهن الله مسلمانن کان راضي هجي ها ته پوءِ هنن کي مفلسي ۽ محتاجي ۾ چو رکي ها. جيڪو فرق هت آهي، اهو ئي فرق آخرت ۾ رهندو. وقتي ۽ عارضي مفاد جي فريب ۾ مبتلا ٿي پاڻ لاءِ آخرت ۾ به مال و دولت، اولاد ۽ افرادي قوت جي فراغت جو پاڻ کي زياده مستحق سمجهي ٿو. حالانڪ ”اَلْمَالُ وَ الْبَنُوْنَ زِيْنَةُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَ الْبٰقِيٰتُ الصّٰلِحٰتُ خَيْرٌ عِنْدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّ خَيْرٌ اَمَلًا○“ (الڪهف: 46/16) مال ۽ اولاد دنيا جو سينگار آهن سدائين رهڻ واريون نيڪيون تنهنجي رب وٽ ثواب ۽ سٺي اميد لاءِ آهن. ”اِنَّمَآ اَمْوَالُكُمْ وَ اَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ ؕ وَ اللّٰهُ عِنْدَهٗٓ اَجْرٌ عَظِيْمٌ“ (التغابن: 15/64) اعمال صالحه مان مراد اهڙا نيڪ ڪم آهن، جيڪي پائدار ۽ غير فاني هجن. جيڪي نيڪ اعمال عارضي ۽ وقتي آهن، اهي فاني آهن ۽ غير صالح آهن، جيڪي چڱا ڪم رڳو دنيا کي مقصود بنائي ڪيا وڃن اهي فاني آهن، ڇو ته هي دنيا خود فاني آهي. ”كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ“ (الرحمٰن: 55/ 26) باقي رهڻ وارا ۽ صالح اعمال اهي آهن، جيڪي رڳو الله ۽ آخرت لاءِ ڪيا وڃن. اهل ايمان کي تسلي ڏني وئي آهي ته عارضي نفعي بجاءِ دائمي مفاد جيڪو آخرت ۾ ڪم اچي، ان جو سوچيندا ته الله جي رحمت ۽ ربوبيت توهان جي بشارت لاءِ ثواب ۽ اميد جا آواز ڏئي رهي هوندي.

هي ڪافر جو اهڙي دعوىٰ ڪري رهيا آهن. آخر سندن دعوىٰ جو دليل ڇا آهي، ڇا هنن وٽ ڪا اهڙي سَنَدَ موجود آهي، جنهن جي آڌار تي هي ڪُڏي رهيا آهن، يا هنن جي غيب تائين رسائي آهي، جو غيب جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن، حالانڪ ائين به نه آهي ۽ نه وري الله تعالىٰ کان ڪو قول و اقرار وٺي چڪا آهن. دراصل هي لافزني ڪري رهيا

آهن ۽ حق ۽ سچ کان منهن موڙڻ لاءِ پاڻ کي کوڙا دلاسا ۽ آسرا ڏئي رهيا آهن، هي
کنهن هڪ شخص جي کهاڻي نہ آهي، پر انسانن جي هڪ وڏي گروهہ جي اها ذهنيت
آهي. اهي خدا جي نعمتن کي پنهنجي پروردگار جو عطيو نہ سمجهن، پر پنهنجي
قابليت جو ڪرشمو ڪوٺين ٿا. مڪي جا سمورا سردار ۽ شيخ انهي خوشفهمي ۽
دلفريبيءَ جو شڪار رهيا تہ اسان جو شان و شوڪت مان ۽ مرتبو، دٻدٻو ۽ دهشت باقي
رهڻ واري آهي. ائين بلڪل نہ آهي. هنن کي معلوم ئي ناهي تہ هي جو ڪجهہ چئي رهيا
آهن ۽ ڪري رهيا آهن، اهو سمورو رڪارڊ اکر بہ اکر اسان وٽ موجود آهي. اسان جا فرشتا
روزنامچو لکي رهيا آهن. (ق: 50/18-17، الانفطار: 10/82کان 12تائين) جيئن هنن جو پورو
پورو حساب ٿي سگهي ۽ کين معلوم ٿي وڃي تہ اصل حقيقت ڇا آهي، هو ڪهڙي غلط
فهمي ۽ ڌوکي جو شڪار هئا. دنيا ۾ موجود مال و دولت ۽ شان شوڪت سڀ عارضي
هئا، جيڪي خواب وانگر اڏامي ويا. جن شين تي هو نخرو ۽ ناز ڪندا هئا، اهو سڀ پٺتي
رهجي ويو، جنهن جا اصل مالڪ اسان هئاسون ۽ اسان ئي ان جا وارث آهيون، هن کي تن
تنها اڪيلو اسان جي آڏو پيش ٿيڻو پوندو. (مريم: 95/19، الانعام: 94/7) نہ ڪو سفارش
ڪرڻ وارو هوندو ۽ نہ ڪوئي مددگار هوندو. هنن مشرڪن الله ڪانسواءِ ٻين کي پنهنجو
معبود بڻايو آهي، کين اميد آهي تہ اهي اوکي ويل سندن مدد ڪندا. خاص طرح فرشتن
کي الله جون نياڻيون بنايون اٿن، ڇون ٿا تہ الله جون نهايت پياريون نياڻيون آهن. الله وٽ
هنن جي رسائي آهي ۽ اهي الله وٽ هنن جي سفارش ڪري سگهنديون، حالانڪ ڪوبہ
ان ڏينهن اتي سندن سفارش ڪرڻ وارو ڪونہ هوندو. الله کان وڌيڪ ٻيو ڪير آهي جو
هنن جو حال ڄاڻيندو هجي ۽ اهي الله کي ڇون تہ اسين ٻي ڌوهي آهيون. خدا تہ هنن جي
ذري ذري کان واقف آهي. مدد تہ رهي پري، الٽو هنن خلاف فريادي ۽ شاهد ٿيندا ۽ سندن
معبوديت کان صاف انڪار ڪندا. ان وقت هنن جون سڀ اميدون خاڪ ۾ ملي وينديون.

اَلَمۡ تَرَ اَنَّاۤ اَرۡسَلۡنَا الشَّيٰطِيۡنَ عَلَى الۡكٰفِرِيۡنَ تَؤُزُّهُمۡ اَزًّا ۙ﴿۸۳﴾ فَلَا تَعۡجَلۡ
عَلَيۡهِمۡ‌ ؕ اِنَّمَا نَعُدُّ لَهُمۡ عَدًّا ۚ﴿۸۴﴾ يَوۡمَ نَحۡشُرُ الۡمُتَّقِيۡنَ اِلَى الرَّحۡمٰنِ

وقف لازم وقف لازم

وَفْدًا ﴿٨٥﴾ وَّ نَسُوْقُ الْمُجْرِمِيْنَ اِلٰى جَهَنَّمَ وِرْدًا ﴿٨٦﴾ لَا يَمْلِكُوْنَ الشَّفَاعَةَ اِلَّا
مَنِ اتَّخَذَ عِنْدَ الرَّحْمٰنِ عَهْدًا ﴿٨٧﴾ وَ قَالُوا اتَّخَذَ الرَّحْمٰنُ وَلَدًا ﴿٨٨﴾ لَقَدْ
جِئْتُمْ شَيْـًٔا اِدًّا ﴿٨٩﴾ تَكَادُ السَّمٰوٰتُ يَتَفَطَّرْنَ مِنْهُ وَ تَنْشَقُّ الْاَرْضُ وَ
تَخِرُّ الْجِبَالُ هَدًّا ﴿٩٠﴾ اَنْ دَعَوْا لِلرَّحْمٰنِ وَلَدًا ﴿٩١﴾ وَ مَا يَنْۢبَغِيْ لِلرَّحْمٰنِ اَنْ
يَّتَّخِذَ وَلَدًا ﴿٩٢﴾

ڇا تون ڏسين نٿو تہ اسان شيطانن کي ڪافرن طرف وجھڻ ڏنو آهي ۽ اهي هنن کي خوب ڀڙڪائين ٿا. (83) تون هنن جي خلاف (عذاب) جي جلدي نہ ڪر، اسان هنن جي عذاب جا ڏينهن ڳڻي رهيا آهيون. (84) (هنن کي چؤ تہ) جنهن ڏينهن اسان پرهيزگارن کي معزز وفد جي صورت ۾ پيش ڪنداسون. (85) ۽ گنهگارن کي دوزخ ڏانهن اجايل ڪري ڌڪينداسون. (86) ڪنهن کي بہ سفارش جو اختيار نہ هوندو، سواءِ ان جي جنهن رحمان سان ڪو عهد ڪري ورتو آهي. (87) ۽ چون ٿا تہ الله کي پٽ آهي. (88) اهو توهان برو قول چيو آهي. (89) قريب آهي تہ آسمان ڦاٽي پوي ۽ زمين ۾ ڏار پئجي وڃن ۽ جبل ريزه ريزه ٿي ڪري پون.(90) تہ هنن الله لاءِ پٽ تجويز ڪيو آهي.(91) هي خدا جي شايان شان نہ آهي، جو هو ڪنهن کي پنهنجو پٽ ناهي (92)

ڪافر ۽ مشرڪ ماڻهن جا رفيق ۽ دوست شيطان هوندا آهن، جيڪي هنن تي پوري طرح مسلط رهندا آهن. ان ڪري هو پنهنجي مفاد پرستي جي جذبن ۾ گهيرجي ويندا آهن، جيڪي کين پنهنجي آڳرين تي نچائيندا رهندا آهن. نافرماني ۽ قانون

شڪني طرف آماده ڪندا آهن. مسلمانن ۽ دين اسلام جي خلاف ڀڙڪائيندا رهندا آهن. پنهنجي ٽولي جي همت وڌائيندا آهن ۽ ڪين طغيان ۽ سرڪشي ۾ وڌائيندا رهندا آهن. سورة الزخرف: 43/27-26) ۾ آهي ته جيڪي ماڻهو خدا رحمان جي يادگيري ۽ ذڪر کان پنهنجون اکيون بند رکندا آهن ته انهن تي شيطانن کي مسلط ڪري ڇڏيندا آهيون. جيڪي هنن کي سڌي رستي تي هلڻ کان روڪيندا آهن ۽ پاڻ کي راه راست تي سمجهندا آهن. پوءِ حضور ﷺ کي آگاهه ڪيو وڃي ٿو ته تون جو هنن ظالمن جي ظلم، جابرن جي جبر کان تنگ ٿي چڪو آهين ۽ ڪافر ۽ مشرڪ تنهنجي جان جا ويري بڻجي ويا آهن، هنن جي جلدي عذاب اچڻ لاءِ خواهان نه ٿيءُ. هي الله جي قانون مڪافات جو معاملو آهي. في الحال هنن کي خدا جي رحمت واري قانون طرفان ڪجهه وقت لاءِ مهلت ڏني وئي آهي ۽ الله طرفان هنن جي اعمال ۽ روز مره جي ڪارڪردگي تي پوري نظر آهي. هنن جو هڪ هڪ لمحو، هڪ هڪ عمل ۽ هڪ هڪ ساهه ڳڻي الله تعالىٰ وٽ ڳڻيو پيو وڃي. هنن جي ننڍڙي مان ننڍڙي حرڪت ۽ چرپر الله جي علم جي احاطي کان ٻاهر نه آهي، پر اڪر به اڪر سندن اعمال نامي جي رونق بڻيل آهي. اسان هنن کي مهلت لاءِ مليل وقت جو هڪ هڪ ڏينهن ڳڻي رهيا آهيون ۽ جيئن مهلت جو وقت پورو ٿيو ته مڪافات جو عمل وقوع پذير ٿي ويندو. هاڻي چيو ٿو وڃي ته قيامت جي ڏينهن انسان ٻن ٽولن ۾ ونڊجي ويندا هڪ گروهه متقين جو هوندو، جن کي سندن چڱن ڪمن جو ڪري سٺي اجر سان نوازيو ويندو. هر هڪ کي سندس ڪيل ڪمائي موجب اجورو، عزت ۽ مقام ملندو. ”اَلسّٰبِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ “ جو مقام الڳ هوندو، مُقرَّبين جو مرتبو ۽ مانُ وڌيڪ هوندو. ابرار منهنجي راحت ۽ سڪون ۾ هوندا. اهڙي طرح باقي نيڪ ماڻهو درجي بدرجي پنهنجو مرتبو ماڻيندا. هي سمورا ماڻهو اهي هوندا جن احڪام خداوندي جي اطاعت ڪئي ۽ هر حال ۾ الله سان بندگيءَ جو ناتو جوڙي رکيو. انهن جو الله طرفان اهڙو ته شاندار استبقال ڪيو ويندو، جهڙي طرح ڪنهن معزز سرڪاري وفد جو استعمال ڪيو ويندو آهي. پر هن خوشقسمت ۽ خوش نصيب جماعت جي برعڪس اهڙا ته بدبخت ۽ پاڳل انسان هوندا، جن کي اهڙي طرح جهنم جي ٻاهه ڏانهن زبردستي ڌڪيو ويندو، جهڙي طرح ماڻهو اجايل جانورن کي پاڻيءَ جي چشمي ڏانهن ڌڪي ويندا آهن. اهو اهڙو ته سخت وحشت ۽ خوف

جو ڏينهن هوندو، جو هر انسان پنهنجن عملن جو سوچي ڪنبي رهيو هوندو. سندن حواس باختہ هوندا، ڪو ڪنهن جي مدد ۾ سفارش ڪري ڪونہ سگهندو. سواءِ انهن ماڻهن جي جن پنهنجي عجز ۾ بندگي جي ڪري خدا ذوالجلال ڪان اهڙو وعدو حاصل ڪيو هوندو. ”اِنَّ اللّٰہَ لَا یُخۡلِفُ الۡمِیۡعَادَ“ الله پاڻهن سان ڪيل وعدي جي مخالفت نٿو ڪري، پر وعدي موجب نوازشون جاري رکي ٿو.

آيت نمبر 88 ڪان 91 تائين واري الهيت ۾ ابنيّت يعني مسيح عليه السلام ڪي الله ڏانهن پٽ جي نسبت ڪرڻ ۾ ان ڪي بہ الله ڪري مڃڻ طرف اشارو آهي، جيڪو مضمون سورت مريم جي ابتدائي حصي ۾ حضرت مسيح عليه السلام لاءِ آيو آهي. انساني گمراهيءَ جي هي انتها آهي، هن ڪان وڌيڪ ٻي ڪهڙي گمراهي ٿي سگهي ٿي، جو زمين آسمانن ۾ هن پوري ڪائنات جي بااختيار يگاني ۾ اڪيلي صاحب اقتدار ڏانهن اولاد جي نسبت ڪري الله ڪي بہ ٻي مخلوق جهڙو تصور ڪرڻ لڳي، محتاج ۾ ڪمزور سمجهيو وڃي. هن باطل عقيدي ڪي گهڙي الله ڏانهن منسوب ڪري مشرڪن نهايت بري ۾ وڏي گستاخيءَ جو ارتڪاب ڪيو آهي. الله لاءِ ڪنهن ڪي پٽ جو اولاد سڏڻ يا ان ڪي الله جو درجو ڏيڻ ڪا معمولي ڳالهہ نہ آهي، پر هڪ ڀاري ڀرڪم ڌماڪو آهي، بهتان آهي، گستاخي ۾ بي ادبي آهي، جنهن جي ڪري عين ممڪن آهي تہ قريب قريب آسمان ڦاٽي پوي زمين ۾ زلزلي سان ڏار پئجي وڃن ۾ پهاڙ ڌماڪي سان ڪري پون. (الشورىٰ: 51/42) مگر افسوس آهي جو هي پٿر دل ماڻهو اهڙيون بي تڪون، سند ۾ عجب ڪان بلڪل خالي بهتان جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن. هي معمولي ڳالهہ نہ آهي، پر وڏو حادثو آهي، جيڪو انسان جي جهالت ۾ شقاوت جو نشان آهي. هن ڪان اڳ خدا جي وحدانيت بيان ڪندي چيو ويو تہ الله جي اجازت ڪانسواءِ ڪنهن ڪي ڪنهن جي سفارش ڪرڻ جي اجازت ناهي، چو تہ سفارش ڪرڻ وارو ان ماڻهو ڪي خدا ڪان بہ وڌيڪ ٿو سمجهي، جو هن جي بي گناهي ظاهر ڪري خدا ڪي ٻڌائي. (نعوذ بالله) جڏهن الله سڀ ڪان وڌيڪ ڄاڻي ٿو تہ پوءِ ڪنهن جي سفارش (خدا جي اجازت ڪانسواءِ) خدا جي شان ۾ گستاخي آهي. ان بعد ڪنهن ڪي خدا جو اولاد چوڻ يا معبود بنائڻ ڪان بہ روڪيو ويو آهي. اهي گستاخيون اهڙيون آهن، جن ڪي نہ خدا جي غيرت گوارا ڪري ٿي ۾ نہ وري مخلوقات ۾ ڪو بہ عقل سليم، فهم و فراست وارو

انسان گوارا ڪري سگهي ٿو، جڏهن خداوند ڪريم جي تحمل ۽ برداشت واري اعلىٰ صفت نہ هجي ها تہ اهو ٻڌي زمين آسمان ۽ پهاڙ ٽرٽلي ۾ اچي وڃن ها. پر خدا جو قانون مهلت ۽ رحمت خاموش آهي، ورنہ هي اهڙي تهمت آهي، جيڪا خدا جي شانِ ڪبريائي، عظمت ۽ جلال جي سراسر خلاف آهي. ياد رهي تہ اولاد جي خواهش ۽ ضرورت هڪ انساني ڪمزوري آهي. اولاد جي ضرورت انسان کي ان ڪري آهي، جو هو پاڻ فاني آهي، هو پنهنجو تسلسل اولاد جي ذريعي گهري ٿو. اولاد ڪان سواءِ سندس نالو نشان بہ مٽجي ويندو، پر الله فنا ۽ ڪمزوريءَ کان پاڪ بي نياز آهي. دنيا ۾ انسان جو يا هر جاندار جو اولاد سندس نسل قائم رکڻ لاءِ آهي، ڇو تہ ڪنهن جو وجود بہ باقي نہ آهي. اولاد ڪنهن فاني ڪمزور جي ضرورت آهي، الله ان کان بي نياز آهي، هو تمام مخلوقات جو خالق آهي.

اِنْ كُلُّ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ اِلَّاۤ اٰتِي الرَّحْمٰنِ عَبْدًا ﴿٩٣﴾ؕ لَقَدْ اَحْصٰىهُمْ
وَ عَدَّهُمْ عَدًّا ﴿٩٤﴾ؕ وَ كُلُّهُمْ اٰتِيْهِ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فَرْدًا ﴿٩٥﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ
عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ سَيَجْعَلُ لَهُمُ الرَّحْمٰنُ وُدًّا ﴿٩٦﴾ فَاِنَّمَا يَسَّرْنٰهُ بِلِسَانِكَ
لِتُبَشِّرَ بِهِ الْمُتَّقِيْنَ وَ تُنْذِرَ بِهٖ قَوْمًا لُّدًّا ﴿٩٧﴾ وَ كَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنْ
قَرْنٍؕ هَلْ تُحِسُّ مِنْهُمْ مِّنْ اَحَدٍ اَوْ تَسْمَعُ لَهُمْ رِكْزًا ﴿٩٨﴾ؑ

زمين ۽ آسمانن ۾ جو ڪجهہ بہ آهن، سڀ خداوند ٻانها ٿي پيش ٿيندا. (93) هن (الله هنن سڀ مخلوقات کي) پنهنجي گهيري (قبضي) ۾ رکيو آهي ۽ هر هڪ جو الڳ ڳاڻي ٿو.(94) ۽ سمورا قيامت واري ڏينهن هن آڏو اڪيلا اڪيلا حاضر ٿيندا. (95) جن ماڻهن ايمان قبول ڪيو ۽ چڱا ڪم ڪيا، الله مخلوقات جي دل ۾ انهن جي محبت پيدا ڪري ڇڏيندو. (96) اي پيغمبر خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم !

اسان هن قرآن کي تنهنجي زبان تي آسان ڪيو آهي ته جيئن تون متقي ۽ محتاط ماڻهن کي خوشخبري پهچائين ۽ جهڳڙالو ماڻهن کي خوف کان آگاهه ڪرين.(97) اسان هن کان اڳ ڪيترن ئي گروهن کي هلاڪ ڪيو آهي. ڀلا توهان هنن مان هڪ جي ڀڻڪ به ٻڌي آهي يا محسوس ڪريو ٿا.(98)

سورة مريم هاڻي اختتام پذير ٿي رهي آهي. حضرت زڪريا، حضرت يحيٰ، حضرت مريم ۽ حضرت مسيح ﷷ بابت باطل عقيدن جو ٽوڙ (رد) ۽ اصل حقيقت جو بيان ٿي گذريو، خدا سان ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ يا ان جو اولاد چوڻ کي وڏو گناهه، حادثو ۽ بهتان سڏيو ويو آهي، حالانڪ سڀ هن الله جي مخلوقات ۽ بندگي گذار آهن، جنهن قادرِ مطلق جا هي سمورا عناصر محتاج ۽ محڪوم آهن، جنهن الله جي پوري ڪائنات تي ازل کان ابد تائين اختيار ۽ حڪمراني آهي، ان الله کي اولاد، پٽ، يا ڌيءَ جي ڪهڙي ضرورت آهي. زمين ۽ آسمانن ۾ جو ڪجهه به آهي، اهو سندس زير فرمان ۽ ٻانهو آهي. هو سيني جو آقا آهي، سيني جو پالينڌڙ ۽ خبر رکندڙ آهي. سموريون شيون سندس علم جي احاطي ۽ قدرت جي زير نگين آهن. ڪو به انسان هن جي حڪمرانيءَ کان ٻاهر نه آهي ۽ هنن سمورن جي انگ اکر کي ڄاڻي ٿو. ڪا به شيءِ هن کان ڳجهي نه آهي. اهي سمورا انسان هن جي آڏو اڪيلا اڪيلا پيش ڪيا ويندا، جيڪي عاجز ٻانها هوندا. الله جا پٽ يا نياڻيون نه هوندا آهن. خدا جي علمِ وسيع کان ڪو به رهجي ڪو نه ويندو. هر ماڻهو ڳڻيو ويندو. ڪو به ڪنهن سان ساٿ نه هوندو، نه ماءُ پيءُ، نه پٽ ڌيئر نه يائر پائٽيا، نه رئيس وڏيرا، هر هڪ کي اڪيلي جواب ڏيڻو پوندو. ياد رهي ته دنيا ۾ قومن تي اجتماعي طور عذاب ايندو آهي، جنهن ۾ سڪن سان گڏ ساوا به سڙي ويندا آهن، پر قيامت جو حساب اجتماعي نه هوندو، پر انفرادي هوندو. اهڙين دهشتناڪ گهڙين ۾ انهن ماڻهن جو جن ايمان آندو ۽ عمل صالح ڪيا هوندا، الله جي طرفان محبت جا پيغام اچي رهيا هوندا. سلامتي ۽ سلام جا تحفا ملي رهيا هوندا. هنن نيڪ بخت ماڻهن جو آڌرڀاءُ ۽ استقبال خدا جا فرشتا ڪري رهيا هوندا. هر هڪ ٻئي کي به مبارڪون ڏئي رهيا هوندا ته الله ۽ فرشتن کان به مبارڪن جا گلدستا ملندا رهندا. الله تعالیٰ هنن جي خوشنودي جو اظهار

ڪندو. يعني الله طرفان هر پاسي ڪان هنن لاءِ محبت ۽ شفقت واري فضا ۾ من موهيندڙ ماحول هوندو.

اي پيغمبر ﷺ! اسان هن قرآن کي جو سراپا رحمت، برڪت، شفقت ۽ شفاعت آهي، ان کي تنهنجي زبان مبارڪ تي سهل ۽ آسان تر بڻايو آهي ته جيئن تون مؤمنن کي هنن نعمتن جي بشارت ڏين، جيڪي قيامت ڏينهن هنن جو مقدر آهن ۽ ڪافرن کي آگاهه ۽ خبردار ڪرين ته اوهان لاءِ دوزخ جي باهه آهي ته جيئن اهي جهڳڙالو، بي مهار شتر، قرآن ٻڌي سمجهي سڌري سگهن. ياد رهي ته جيڪي تدبيرون بحيثيت قوم جيڪي عقل ۽ علم کان محروم ٿي، جمود، آڪڙ تعصب، ضد ۽ حسد جو شڪار يعني لُڏا ٿي ويندا آهن، انهن جو حشر نشر هيبتناڪ هوندو آهي. هي الله جي سنت آهي، جنهن ۾ ڪا هير ڦير تبديلي ۽ تحريف نه آهي. هن اڻنگي روش اختيار ڪرڻ تي اسان ڪيترن ئي گروهن کي هلاڪ ۽ برباد ڪيو آهي، جن جو اڄ تائين ڪو پتو پار نه آهي. نه انهن جو خيال محسوس ٿئي ٿو ۽ نه وري ڪا ٻٽڪ ٻڌڻ ۾ اچي ٿي.

چڙيو خاڪ ڪائي گهٽڻ جو مٽو
اڃان خاڪ جو پيٽ پرجي نٿو

قريش مڪه کي به تلقين آهي ته اوهان به پنهنجي مال، دولت، مان مرتبي، اجتماعيت ۽ افرادي مال ۽ اولاد جي فراوانيءَ تي غور ۽ تڪبر نه ڪيو. هن قرآن ۽ هن رسول ﷺ جي اطاعت اختيار ڪريو ته قيامت ڏينهن مؤمنن وارا مزا ماڻيندا، ٻي صورت ۾ ڪافرن ۽ مشرڪن سان دوزخ جي باهه ۾ ٻارڻ ٿيندا.(معاذ الله)

الحمد لله اڄ تاريخ شعبان المعظم 1444هه بمطابق 16 مارچ 2023ع خميس جي ڏينهن سورة مريم جو تفسير لکجي پورو ٿيو. الله قبوليت فرمائي. بارک الله لي ولکم في القرآن العظيم ونفعني واياکم بالآيات والذکر الحکيم. سبحان ربک رب العزة عما يصفون وسلام علي المرسلين والحمد لله رب العالمين.

# سُوْرَةُ طٰـهٰ

هن سورت جي شروعات ”طٰهٰ“ لفظ سان ڪئي وئي آهي، انهيءَ مناسبت سان سورت جو نالو به سورة طٰهٰ رکيو ويو آهي. هي به مڪي سورت آهي، ترتيب جي لحاظ سان هن جو ويهون نمبر آهي، پر نزول جي حساب سان 55 نمبر آهي. سورت جو آغاز قرآن پاڪ جي ذڪر ۽ توحيد جي بيان سان ڪيو ويو آهي، ان ڪان پوءِ حضرت موسىٰ عليه السلام جو تفصيل سان ذڪرڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ڪفار مڪه کي ٻڌايو ويو آهي ته جنهن دين جي تبليغ نبي آخر زمان خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وسلم ڪري رهيو آهي، اها نئين نه آهي، پر موسىٰ عليه السلام توريت جي ذريعي ڪئي هئي، جهڙي طرح موسىٰ عليه السلام هٿين خالي فرعون جهڙي مغرور ۽ متڪبر بادشاهه ۽ نظام جي مخالفت ڪئي ۽ ڪاميابي حاصل ڪئي، اهڙي طرح حضور خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وسلم به بي سروسامان ۽ بنا افرادي قوت جي ’فتح مبين‘ حاصل ڪندو. جيڪي اعتراضات ۽ الزامات هن وقت مڪي جاڪافر لڳائي رهيا آهن، اهي حضرت موسىٰ عليه السلام تي به لڳايا ويا هئا، پر آخرڪار حق کي باطل تي ڪاميابي ملي ۽ هاڻي به ملندي رهندي. هن نبي آخر زمان عليه السلام جي نبوت جو اظهار به هن ڪان اڳ آيل نبين وانگر ئي آهي. بعد ۾ آدم عليه السلام جو قصو ۽ شيطان جو رد عمل پيش ڪيو ويو آهي. آدم عليه السلام غلطي جو احساس ڪري توبه ڪئي ته برگزيده بارگاهه تي ويو. شيطان پنهنجي غلطي تي اڪڙجي ويو، تڪبر، غرور ۽ انڪار ڪري رانده درگاهه تي ويو. هت به اهل قريش کي سمجهايو وڃي ٿو ته توبه جو رستو اختيار ڪري، الله جي رضا حاصل ڪريو ۽ شيطان وارو غرور ڪري لعنتي نه بڻجي وڃو، اهڙين مشڪل حالتن ۾ پاڻ ڪريمن خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وسلم کي تسلي ۽ دلجاءِ ڏني ٿي وڃي ته ڪنهن به صورت ۾ گهبرائڻ نه گهرجي، توکي به اها ئي ڪاميابي نصيب ٿيندي، جيڪا حضرت موسىٰ عليه السلام کي نصيب ٿي. سنت الاهي اها آهي ته گناهن تي يڪدم گرفت نٿي ٿئي. سڌرڻ لاءِ مهلت ملي ٿي، حجت پوري ٿيڻ بعد قانون مڪافات وقوع پذير ٿئي ٿو. مؤمنن کي صبر ۽ استقلال سان دين تي ثابت قدم رهڻ لاءِ ”اقامت صلواة“ جي تاڪيد آهي. الله تعالىٰ هن سورت ۾ پنهنجون ڪريمي ۽ رحيمي صفتون بيان فرمائي رسالت کي ثابت ڪيو آهي.

آيتون ١٣٥ سُوۡرَةُ طٰـهٰ (مڪي سورت) رڪوع ٨

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

طٰهٰ ۚ ① مَاۤ اَنۡزَلۡنَا عَلَيۡكَ الۡقُرۡاٰنَ لِتَشۡقٰٓى ۙ ② اِلَّا تَذۡكِرَةً لِّمَنۡ يَّخۡشٰى ۙ ③
تَنۡزِيۡلًا مِّمَّنۡ خَلَقَ الۡاَرۡضَ وَ السَّمٰوٰتِ الۡعُلٰى ؕ ④ اَلرَّحۡمٰنُ عَلَى الۡعَرۡشِ
اسۡتَوٰى ⑤ لَهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِى الۡاَرۡضِ وَ مَا بَيۡنَهُمَا وَ مَا تَحۡتَ
الثَّرٰى ⑥ وَ اِنۡ تَجۡهَرۡ بِالۡقَوۡلِ فَاِنَّهٗ يَعۡلَمُ السِّرَّ وَ اَخۡفٰى ⑦ اَللّٰهُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا
هُوَ ؕ لَهُ الۡاَسۡمَآءُ الۡحُسۡنٰى ⑧

الله جي نالي سان شروع جو نهايت مهربان ۽ هميشہ رحم ڪرڻ وارو آهي.
طاها (1) اي مرد ڪامل، ماهہ ڪامل محمد خاتم النبيين صلي الله عليه وآله وسلم! اسان تو تي قرآن
ان ڪري نازل نہ ڪيو آهي تہ تون مشقت ۾ اچي وڃين. (2) هي انهن لاءِ
ياد دهاني آهي، جيڪي خوف رکن ٿا. (3) هي (قرآن) نهايت اهتمام سان ان
برتر هستيءَ طرفان نازل ڪيو ويو آهي، جنهن زمين کي ۽ بلند آسمانن کي
پيدا ڪيو آهي. (4) اهو رحمٰن رب، جيڪو ڪائنات جي مرڪزي نظام تي
جلوه افروز آهي. (5) جو ڪجهہ آسمانن ۾ آهي ۽ جو ڪجهہ زمين ۾ آهي ۽ جو
ڪجهہ انهن جي درميان آهي ۽ جو ڪجهہ تحت الثرىٰ زمين هيٺان آهي، سڀ
انهيءَ جو آهي.(6) جيڪڏهن توهان وڏي سڏ پڪاريو (اهو تہ ٻڌي ٿو) پر
جيڪڏهن ڳجهہ ڳوهہ ۾ لڪي ڳالهايو تہ بہ ٻڌي ٿو. (7) اهو ئي معبود برحق
آهي. هن ڪانسواءِ ڪو بہ معبود ناهي. هن جا سڀ نالا احسن آهن.(8)

طٰهٰ ٻن حرفن تي مشتمل حروف مقطعات مان آهي، جنهن جي اڪثر تفسيرن معنيٰ اي مرد ڪامل، اي چوڏهين جا چنڊ محمد ڪريم ﷺ بيان ڪئي آهي. 'طٰهٰ ' ۽ 'يٰس ' ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ کي نهايت دلنواز ۽ محبت آميز انداز ۾ ياد ڪيو ويو آهي ۽ تسلي ڏني تي وڃي ته تون پنهنجي قوم جي فڪر ۾ پنهنجي زندگيءَ کي ڏکارو نه ڪر، الله رحمٰن رحيم تنهنجي فرض منصبي ۾ اهو به رکيو آهي ته ايمان ۽ اسلام جي دعوت هر حال ۾ مخاطبين جي دلين ۾ پيدا ڪر. تنهنجو ڪم هنن تائين دين جي دعوت ڏيڻ آهي. تون هنن جي همدردي ۽ خيرخواهي ۾ سندن اصلاح جو طلبگار آهين ۽ هر مشڪل جو مقابلو ڪرين تو هنن تائين وحي الاهي جو پيغام ڪما حقه پهچايو آهي. ان جي باوجود جيڪڏهن هو تنهنجي نيڪ نيتي ۽ حسن سلوڪ جي موٽ مثبت نٿا ڏين ۽ ڪفر و شرڪ ۾ اجان وڌيڪ وڌندا ٿا وڃن ته انهن پويان توکي غم ۽ فڪر ۾ جان جوکي ۾ وجهڻ جي ضرورت ناهي. ڊاڪٽر اسرار احمد جو خيال آهي ته "تَشْقٰى " شقق کان آهي ته پوءِ اها معنيٰ ٿيندي مشقت ۽ محنت، پر جيڪڏهن "شقي" کان آهي ته پوءِ معنيٰ ٿيندي ناڪامي ۽ نامرادي. هت پاڻ ڪريمن ﷺ کي خوشخبري ڏني تي وڃي ته توکي ناڪاميءَ جو سوال ئي ناهي، ڪاميابي ئي ڪاميابي آهي. اهو ساڳي تسلي ۽ تشفيءَ جو ذڪر سورة الڪهف: 6/18 ۾ آيو آهي ته "محسن انسانيت ﷺ! هنن نامرادن جي فڪر ۾ ته هو ايمان قبول نٿا ڪن ته شايد پاڻ کي هلاڪ ڪري وجهو". سورة الشعراء: 3/26 ۾ آهي ته "شايد تون پاڻ کي (غم ۽ فڪر ۾) هلاڪ ڪري وجهين ته ته هو ايمان نٿا آڻين".

هن رحمت، برڪت، هدايت واري ڪتاب جي نازل ڪرڻ جو مقصد دراصل ان ماڻهوءَ کي جيڪو خوف خدا رکي ٿو، زندگيءَ جي خوشگوار لمحن ۽ آخرت جي نعمتن کان محروم ٿيڻ کان بچائي رکڻو آهي ۽ ڪيس ڪاميابين جي راهه تي گامزن ڪرڻ آهي. هي ماڻهن لاءِ ياد دهاني آهي ته انساني فطرت ۾ جيڪي حقيقتون وديعت ٿيل آهن، انهن کي اجاگر ڪري ۽ عقل جي خزانن ۾ محفوظ حق شناسيءَ جون پوشيده قوتون بيدار ڪري ته جيئن بداعماليءَ جي هولناڪ نتيجن کان بچي سگهن ۽ نيڪ اعماليءَ جي نتيجن کان محظوظ ٿي سگهن، جن جون دليون نرم ۽ خدا ترس هجن، اهي هن جي

نصيحت آموز آيتن مان فائدو حاصل ڪن ۽ روحاني فيض ۽ برڪتن کان محروم رهجي نه وڃن. جيڪو ڪتاب سراپا رحمت ۽ شفاعت آهي، اهو مشقت ۽ تڪليفن جو سبب ٿي نٿو سگهي. هي عام ڪتاب نه آهي ۽ نه وري ڪنهن ماڻهوءَ جي تخليق آهي. هن جي نازل ڪرڻ وارو اهو مختار ڪل، صاحب اختيار الله تعالىٰ آهي، جنهن جي حڪمراني زمين ۽ آسمانن تي قائم آهي، جنهن زمين ۽ آسمانن کي پيدا ڪيو آهي. هن هي هدايت نامو پنهنجي پيغمبر معرفت موڪليو آهي ته هو ماڻهن کي گمراهه ٿيڻ کان بچائي ۽ ڪين ياد ڏهاني ڪرائي وئي آهي ته هو هن تي عمل ڪري فلاح ۽ ڪاميابي کان مستفيض ٿين، يا ان کان منهن موڙي جهنم جو ٻارڻ ٿين. هي اهو الله آهي، جيڪو پوري ڪائنات جو نظام هلائي رهيو آهي. خدا جي ذات پاڪ رحمٰن آهي. سندس رحمت جو تقاضا آهي ته هو پنهنجي ٻانهن لاءِ سندن نفس جي پاڪيزگي ۽ اصلاح لاءِ انتظام ڪري ۽ وحي جي ذريعي سندن رهبري ڪري. عرش تي جلوه فرما آهي. ”عَلَى الْعَرْشِ اسْتَوٰى“ واري الله جي صفت قرآن حڪيم ۾ ست جاين سورة الاعراف، سورة يونس، سورة الرعد، سورة طٰهٰ، سورة الفرقان، سورة سجده ۽ سورة الحديد ۾ آئي آهي. الله جو عرش هڪ شاهي تخت آهي. الله جو عرش الله جي ڪرسيءَ لاءِ وڏيڪ حديثن ۾ آيو آهي، باقي ان جي اصل حقيقت ۽ ڪيفيت ماوراءِ فهم انساني آهي. الله تعالىٰ مڪان، چت، حد ۽ ڪيفت جي بنا عزت واري مقام تي جلوه فرما آهي. هي سندس جلوه گاهه آهي، جاءِ سڪون نه آهي. اهو ئي بلاشرڪت غيري آسمانن کان ۽ زمين تائين ۽ زمين جي تحت الثرىٰ آلي مٽي کان هيٺ آخري حد تائين هر شيءِ جو مالڪ، خالق آهي. هن جي تدبير ۽ حڪمت سان هي سارو نظام بنا خلل بنا نقص ۽ عيب جي صحيح هلي رهيو آهي. هن کان اڳتي الله جي صفت بيان آهي ته هن کي هر شيءِ جو علم آهي. ڪا ڳالهه ظاهر هجي يا ڳجهه ڳوهه ۾ لڪائي ڪئي وڃي ته هن کي سڀ جو علم آهي.

الله تعالىٰ انهن صفتن کان علاوه تمام صفاتِ حسنه جو مالڪ آهي. ڪا ٻي اهڙي هستي نه آهي، جنهن ۾ اهي خوبيون، صفتون هجن. ان ڪري جنهن اهڙي هستيءَ کان هي آيتون نازل ٿي رهيون آهن، مخلوق کي نهايت خوش دلي، صداقت ۽ محبت سان قبول ڪرڻ گهرجن. هنن ۾ ڪا مشقت ۽ محنت نه آهي. اهي سراپا رحمت، هدايت ۽

شفاعت آهن.

آيَاتُ حَقٍّ مِنَ الرَّحْمٰنِ مُحْدَثَةٌ
قَدِيْمَةٌ صِفَةُ الْمَوْصُوْفِ بِالْقِدَمِ

هي قرآن جون آيتون سچيون ۽ برحق آهن، جيڪي الله طرفان نازل ٿيون آهن. اهي نزول جي وقت تلفظ ۽ ڪتابت جي لحاظ سان حادث ۽ نيون آهن، پر پنهنجي اصلي معنىٰ مفهوم ۽ حقيقت ۾ قديم آهن، ڇو ته اهي الله جي ذات جون صفتون آهن ۽ الله وانگر قديم آهن.

لَهَا مَعَانٍ كَمَوْجِ الْبَحْرِ فِيْ مَدَدٍ
وَ فَوْقَ جَوْهَرِهٖ فِي الْحُسْنِ وَالْقِيَمِ

(امام بوصيري رحمة الله عليه: قصيده برده)

هن قرآني آيتن جون بي شمار معنائون آهن، جڻ سمنڊ جي ڇولين پٺيان ڇوليون آهن، جيڪي هڪبئي جي مدد ۾ آهن. اهي آيتون پنهنجي معنىٰ جي حسن ۽ لطافت ۾ موتيءَ ڪان به وڌيڪ حسين ۽ قيمتي آهن. جهڙو الله حسين ۽ جميل آهي. اهڙيون هي آيتون به صفت حسنىٰ آهن.

وَهَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ مُوْسٰى ۟ اِذْ رَاٰ نَارًا فَقَالَ لِاَهْلِهِ امْكُثُوْٓا اِنِّيْٓ اٰنَسْتُ
نَارًا لَّعَلِّيْٓ اٰتِيْكُمْ مِّنْهَا بِقَبَسٍ اَوْ اَجِدُ عَلَى النَّارِ هُدًى ۟ فَلَمَّآ اَتٰىهَا
نُوْدِيَ يٰمُوْسٰى ۟ؕ اِنِّيْٓ اَنَا رَبُّكَ فَاخْلَعْ نَعْلَيْكَ ۚ اِنَّكَ بِالْوَادِ الْمُقَدَّسِ
طُوًى ۟ؕ وَاَنَا اخْتَرْتُكَ فَاسْتَمِعْ لِمَا يُوْحٰى ۟ اِنَّنِيْٓ اَنَا اللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنَا
فَاعْبُدْنِيْ ۙ وَاَقِمِ الصَّلٰوةَ لِذِكْرِيْ ۟ اِنَّ السَّاعَةَ اٰتِيَةٌ اَكَادُ اُخْفِيْهَا
لِتُجْزٰى كُلُّ نَفْسٍ بِمَا تَسْعٰى ۟ فَلَا يَصُدَّنَّكَ عَنْهَا مَنْ لَّا يُؤْمِنُ بِهَا

وقف لازم

وَ اتَّبَعَ هَوٰىهُ فَتَرْدٰى ﴿١٦﴾ وَ مَا تِلْكَ بِيَمِيْنِكَ يٰمُوْسٰى ﴿١٧﴾ قَالَ هِيَ عَصَايَ ج
اَتَوَكَّؤُا عَلَيْهَا وَ اَهُشُّ بِهَا عَلٰى غَنَمِيْ وَ لِيَ فِيْهَا مَاٰرِبُ اُخْرٰى ﴿١٨﴾ قَالَ
اَلْقِهَا يٰمُوْسٰى ﴿١٩﴾ فَاَلْقٰىهَا فَاِذَا هِيَ حَيَّةٌ تَسْعٰى ﴿٢٠﴾ قَالَ خُذْهَا وَ لَا تَخَفْ وقفة
سَنُعِيْدُهَا سِيْرَتَهَا الْاُوْلٰى ﴿٢١﴾ وَ اضْمُمْ يَدَكَ اِلٰى جَنَاحِكَ تَخْرُجْ بَيْضَآءَ مِنْ
غَيْرِ سُوْٓءٍ اٰيَةً اُخْرٰى ﴿٢٢﴾ لِنُرِيَكَ مِنْ اٰيٰتِنَا الْكُبْرٰى ج ﴿٢٣﴾ اِذْهَبْ اِلٰى فِرْعَوْنَ
اِنَّهٗ طَغٰى ع ﴿٢٤﴾ ع ٢٤ ١٠

۽ ڇا توکي موسىٰ (عليه السلام) بابت خبر ملي آهي.(9) جڏهن هن کي باهہ نظر آئي تہ هن پنهنجي گهر وارن کي چيو تہ توهان ڪجهہ وقت هت رهو مون کي باهہ نظر آئي آهي، مان اوڏانهن وڃان ٿو تہ اوهان لاءِ ڪجهہ ٽانڊو ڪڻي اچان يا ڪم از ڪم اتان ڪا رهنمائي حاصل ڪيان.(10) جڏهن هو اتي پهتو تہ آواز آيو تہ اي موسىٰ عليه السلام! (11) مان تنهنجو پروردگار آهيان. تون پنهنجون جتيون لاهي ڇڏ. هاڻي تون پاڪ ميدان طوىٰ ۾ آهين.(12) ۽ مون تنهنجو انتخاب ڪيو آهي. هاڻي توکي جيڪو حڪم ملي ٿو اهو (چڱي طرح) ٻڌو(13) بيشڪ مان ئي معبود آهيان. مون کان سواءِ ڪوبہ معبود ناهي. منهنجي عبادت ڪريو ۽ منهنجي ياد رکڻ لاءِ نماز قائم ڪريو.(14) قيامت يقينًا اچڻ واري آهي. مان ان کي مخفي رکندس تہ جيئن هر شخص کي سندس پورهئي جو بدلو ڏنو وڃي.(15) تہ جيئن اهو هر شخص جيڪو ان جو يقين نٿو رکي ۽ پنهنجي خواهش جي پيروي ڪري ٿو، تو کي ان تي ايمان آڻڻ کان روڪي نہ سگهي. ان صورت ۾ تون تباهہ ٿي ويندين. (16) ۽ موسىٰ (عليه السلام)! هي تنهنجي سڄي هٿ ۾ ڇا

آهي ؟ (17) هن چيو تہ هيءَ منهنجي لٺ آهي، مان هن تي ٽيڪ ٻہ لڳايان ٿو ۽
پنهنجين ٻڪرين لاءِ پَنَ ڇاڻيندو آهيان ۽ ان کانسواءِ هن ۾ مون کي ٻيا
ڪيترائي فائدا آهن. (18) حڪم ٿيو تہ لٺ کي زمين تي اڇلاءِ. (19) هن ان
کي اڇلايو تہ اچانڪ نانگ وانگر ڊوڙي پئي. (20) الله فرمايو هن کي پڪڙي
وٺ ڪو خوف نہ ڪر. اسان هن کي سندس اصلي حالت وانگر ڪيون ٿا.(21) ۽
پنهنجو هٿ بغل ۾ لڳايو تہ هو بنا بدبوءِ جي (روشن) سفيد ٿي نڪرندو. (22)
هيءَ ٻي نشاني آهي تہ جيئن اسان توکي پنهنجون وڏيون وڏيون نشانيون
ڏيکاريون. (23) تون فرعون ڏانهن وڃ، هو سرڪش ٿي ويو آهي.(24)

خدا جي قانون کي نافذ ڪرڻ ۽ باطل عقيدن، ريتن رسمن کي مٽائڻ ۽ گمراهہ ماڻهن کي سڌي دڳ لڳائڻ ڪا آسان مشن نہ آهي. هن سفر ۾ دشوار مرحلن کان گذرڻو تو پوي، ان بعد ئي ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون حاصل ٿين ٿيون. اي نبي محترم خاتم النبيين ﷺ! توکي هن سلسلي ۾ موسىٰ عليه السلام جي سرگزشت ٻڌائي وڃي ٿي تہ خدا جي هن عظيم پيغمبر کي دعوت حق ڏيڻ لاءِ ڪيتريون سختيون اذيتون ڏسڻيون پيون. موسىٰ عليه السلام جي هن تمثيلي بيان جو حضور خاتم النبيين ﷺ جي جدوجهد سان هڪ موازنو آهي تہ جهڙي طرح الله تعالىٰ موسىٰ عليه السلام جي مخالف فرعون کي تباهہ ڪري، موسىٰ عليه السلام کي ڪاميابي عطا ڪئي، اهڙي طرح اي نبي مڪرم خاتم النبيين ﷺ! تنهنجي ڪاميابي يقيني آهي. اهل مڪه کي ٻڌايو وڃي ٿو تہ جهڙيءَ طرح موسىٰ عليه السلام تي وحي ٿي، اهڙيءَ طرح پاڻ ڪريمن خاتم النبيين ﷺ تي بہ ٿي. وحيءَ ۾ توحيد ۽ آخرت جي تعليم تي توجه ڏيڻ ۽ فرعون جهڙي سرڪش ۽ متڪبر بادشاهہ سان مقابلي ڪرڻ جهڙا مرحلا اچڻا آهن. ان ڪري سورة جي شروعاتي بيان کي واضح ڪرڻ لاءِ هن روئداد کي پيش ڪجي ٿو. هن داستان جو آغاز اتان ٿئي ٿو تہ جڏهن حضرت موسىٰ عليه السلام مدين ۾ حضرت شعيب عليه السلام وٽ ڏهہ سال گذاري وري مصر وڃي رهيو هو تہ هن پري کان باهہ ٻرندي ڏٺي. سرديءَ جي موسم هئي، سفر ۾ بہ ٿڪاوٽ ٿي وئي، سو پنهنجي گهر وارن يعني پنهنجي زال، جيڪا حضرت

شعيب ﷺ جي نياڻي هئي، کي چيو تہ اوهان هت بيهو مون کي باهہ ڏسڻ ۾ آئي آهي مان اتي وڃان ٿو تہ توهان لاءِ ٽانڊو ڪٽي اچان تہ سردي کان هٿ سيڪي وٺون يا گهٽ مان گهٽ اتي وڃي رستي جي رهنمائي حاصل ڪريان. موسىٰ ﷺ جڏهن باهہ کي ويجهو پهتو تہ ڪيس عجيب منظر نظر آيو. هڪ وڻ آهي، جنهن مان باهہ جا شعلا نڪري رهيا آهن ۽ باهہ زور شور سان پوري وڻ کي وڪوڙي ورتو آهي ۽ جيترو باهہ وڌيڪ ڀڙڪي ٿي اوترو زياده وڻ سرسبز ۽ خوشحال نظر اچي رهيو آهي. اچانڪ باهہ مان آواز آيو تہ "يٰمُوْسٰى اِنِّيْٓ اَنَا رَبُّكَ فَاخْلَعْ نَعْلَيْكَ" اي موسىٰ ﷺ! مان تنهنجو رب آهيان، هينئر تون رب جي بارگاهہ ۾ بيٺو آهين. تون پنهنجي جتي لاهہ، تون هڪ پاڪ ميدان يعني طوىٰ ۾ آهين ۽ الله سان ملاقاتي ٿي رهيو آهين. تنهنجو پروردگار توسان هم ڪلامي آهي. هاڻي تون ان مقام تي پهتو آهين، جتي عقل و ادراڪ جي طريقي سان اصل نتيجن تائين رسائيءَ جا فاصلا لپيٽي ڇڏيا آهن. ان جي بدلي وحي جي مقدس رستي کي کولي ڇڏيو آهي، جتي حقائق ازخود ڪلي منڪشف ٿي آڏو اچن ٿا. ان ڪري اطمينان سان الله سان هم ڪلامي هم راز جو حظ حاصل ڪر. تون هڪ نئين دور ۾ داخل ٿي رهيو آهين. (النازعات: 79/ 16)

اگر کوئی شعیب آئے میسر
شبانی سے کلیمی دو قدم ہے

* * *

خدا کے دین کا موسیٰ سے پوچھئے احوال
کہ آگ لینے کو جائیں اور پیغمبری مل جائے

(اقبال ؒ)

هي ڪهڙي قسم جي ندا هئي، ان کي قياس يا ادراڪ ڪري نٿو سگهجي، پر بنا شڪ شبهي جي ندا الله جي طرفان هئي ۽ موسىٰ ﷺ کي ٻڌايو ويو تہ هي طور جو مقام پاڪ ۽ عزت وارو آهي. الله جي بارگاهہ ۾ حضوري آهي. ان ڪري پنهنجي جتي لاهي نهايت خشوع خضوع ۽ دل جي ڪنن سان خدا طرفان آيل حڪم کي قبول ڪر. توکي

هڪ عظيم ذميداري لاءِ سرفراز ڪيو ٿو وڃي. خدا توکي وڏي ڪم لاءِ منتخب ڪيو آهي، جنهن سان هڪ عظيم انقلاب اچڻ وارو آهي، خدا جي خلق کي آزاريندڙ فرعون جو هاڻي خاتمو اچڻ وارو آهي. هاڻي توکي حڪم الاهي کان آگاهه ڪيو ٿو وڃي ته مان هڪ الله آهيان مون کان سواءِ ٻيو ڪو معبود ناهي. ان ڪري منهنجي وحدت جو پرچار ڪر ۽ پنهنجي قوم کي شرڪ ۽ ڪفر جي انڌيرن کان ٻاهر ڪر. توحيد جو لازمي عمل عبادت آهي. يعني ٻانهي کي پنهنجي الله جي حڪمن حوالي ڪرڻ آهي. ان لاءِ سڀ کان وڌيڪ موثر طريقو نماز جي ڪما حقه ادائگي آهي. نماز خدا جي قربت ۽ رضا جو يقيني ذريعو آهي. نماز الله جي ياد سان جوڙي رکي ٿي ۽ ٻانهو الله سان هم ڪلامي ٿي، روحاني راحت ۽ دلي سڪون حاصل ڪري ٿو. ايمانيات ۾ جيڪا حيثيت توحيد جي آهي، اوتري اهميت احڪام ۾ نماز جي آهي. ٻانهي ۾ خدا جي معرفت محبت ۽ شڪرگذاري جا جذبا عبادت يعني نماز سان حاصل ٿين ٿا، جنهن سان آخرت ۾ الله آڏو پيش ٿيڻ جو يقين آهي، اهو ڏينهن يا هن دنيا ۾ حق جي فتح ۽ ڪاميابي جو ڏينهن هر حال ۾ اچڻ وارو آهي. هن ايندڙ انقلاب يا يوم حساب جا جيڪي قائل نه آهن، انهن جي صحبت کان پاڻ بچائي رک. ان ڏينهن ظاهر ٿيڻ وارن نتيجن کي مون ڳجهيو رکيو آهي. هن وقت ظاهر نه ٿو ڪجي ته جيئن هر هڪ کي ان جي اعمال جو پورو پورو بدلو ڏنو وڃي. راهه حق تي هلڻ وارن کي ڪاميابي ۽ گمراهن کي ناڪامي سان ذليل و خوار ڪيو وڃي. حق جي هن راهه کان توکي روڪڻ لاءِ باطل قوتون آڏو اينديون، ان ڪري انهن ڪافرن کان پاڻ کي بچائي رک، هو خود تباهه ٿي چڪا آهن. جيڪڏهن تون هنن جي ڳالهه مڃيندين ته توکي به هلاڪت جو منهن ڏسڻو پوندو.

حضرت موسىٰ ﷺ جي دل مان خوف واري تصور دور ڪرڻ ۽ ڪيس مانوس ڪرڻ لاءِ الله تعالىٰ پاران پڇيو ويو ته تنهنجي سڄي هٿ ۾ ڇا آهي، الله کي ته پوري طرح پتو هو ته موسىٰ ﷺ جي هٿ ۾ لٺ آهي، پر اها لٺ معجزي طور استعمال ٿيڻ واري هئي ۽ واقعي لٺ هئي، جنهن جو اقرار موسىٰ ﷺ به ڪيو. هي سوال معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو هو، پر موسىٰ ﷺ جو ڌيان انهن نوازشن طرف ڇڪايو ويو، جيڪي هن لٺ جي برڪت سان روءِ پذير ٿيڻ واريون هيون. هاڻي موسىٰ ﷺ اتان دپ هٽي ويو ۽ وڌيڪ

جواب ڏيڻ لڳو تہ هي منهنجي لٺ آهي. آءٌ هن تي ٽيڪ ڏئي هلندو آهيان، جنهن سبب هلڻ ۾ تڪليف نٽي ٿئي ۽ انهيءَ لٺ سان پنهنجين ٻڪرين مٿان وڻن جا پن ڇاٽيان ٿو ۽ ان کان علاوه ٻيا ڪيترائي فائدا آهن. مثال طور دشمن جي حملي يا درندي ۽ نانگ بلا جي خطري کان بہ هن لٺ کي استعمال ڪندو آهيان. هي هن لٺ جو اصل ڪم آهي، پر هاڻي اسان هن کي معجزي طور پيش ڪنداسون. هاڻي الله تعالىٰ سان گفتگو ڪندي سندس ذوق شوق تڙپ وڌي رهي هئي. ان ڪري هڪ ننڍي سوال جي جواب ۾ گفتگو کي لمبو ڪري لطف وٺي رهيو هو، پر ان سان گڏ ادب ملحوظ رکندي "وَلِيَ فِيهَا مَآرِبُ أُخۡرَىٰ" چئي ڳالهہ ختم ڪئي. پهريان هٿ لڳرائي موسىٰ عليه السلام کي يقين ڪرايوويو تہ هي لٺ آهي. ڪا ٻي شيءِ ناهي. هاڻي جيڪڏهن هن جي هيئت تبديل ٿيندي تہ اهو خدا جو حڪم هوندو، ان ڪري موسىٰ عليه السلام کي حڪم ٿيو تہ هاڻي انهيءَ لٺ کي زمين تي اڇلاءِ. جيئن موسىٰ عليه السلام ان لٺ کي زمين تي اڇلايو تہ اها لٺ هڪ ازدها نانگ بڻجي وئي ۽ هيڏي هوڏي ڊوڙڻ لڳي. موسىٰ عليه السلام کي لٺ مان خوفناڪ هلندڙ ازدها ڏسي فطري طور ڊپ محسوس ٿيو، جنهن جو ذڪر سورة النمل: 10/27 ۽ سورة القصص: 31/28 ۾ آيو آهي. انهيءَ ڪشمڪش واري حالت ۾ غيبي ندا آئي تہ موسىٰ عليه السلام! هاڻي هن ازدها کي هٿن سان پڪڙ ۽ ڪو بہ خوف خطرو محسوس نہ ڪر. آخرڪار جيئن ئي موسىٰ عليه السلام هن کي هٿ لڳايو تہ اها زدها وري پنهنجي اصل صورت لٺ ۾ تبديل ٿي وئي ۽ ازدها نانگ نہ رهي. (الشعراء: 26/ 32-23، الاعراف: 7/ 108- 107، القصص: 28/ 32-31) توکي ٻئي معجزي بابت آگاهہ ٿو ڪجي تہ تون پنهنجو هٿ بغل ۾ وجهي وري ٻاهر ڪڍ تہ اهو نهايت روشن، سفيد چمڪندو ٻاهر ايندو. بغل سان نڪرڻ جي ڪري ان ۾ ڪا بہ خراب بدبوءِ يا ڪو عيب نظر نہ ايندو. پر هڪ روشن چراغ وانگر چمڪي رهيو هوندو، جيڪو عام حالتن ۾ نہ هوندو آهي، پر هي خاص معجزو توکي ڏنو ويو آهي. عصا ۽ يدِ بيضا تمام وڏيون نشانيون آهن. بہ معجزا تنهنجي نبوت جا وڏا دليل آهن ۽ نشان آهن. (النازعات: 79: 20) جنهن جو ڪنهن طرفان بہ مقابلو ممڪن ناهي. ان ڪري تون بي خوف ٿي پاڻ سان گڏ کڻي فرعون ڏانهن وڃ، فرعون سرڪش ۽ متڪبر ٿي ويو آهي. هن پوري قوم کي گمراهہ ڪري ڇڏيو آهي خدائي جي دعوىٰ ڪري ٿو. ان سرڪش جي سرڪوبيءَ جو ڪم

تنهنجي سپرد آهي. هن بني اسرائيل کي پنهنجو غلام بنائي ڇڏيو آهي. هنن جي مردن ۾ خاص طرح غيرتمند مردن کي نيست و نابو ڪري رهيو آهي. انبياءِ ڪرام کي معجزا دوران دعوتِ دين عطا ٿيندا آهن. پر حضرت موسیٰ عليه السلام کي ابتدا ۾ ئي معجزا ڏئي کيس پنهنجي دفاع لاءِ مضبوط ۽ محفوظ ڪري ڇڏيو. هن فرعون کي ٻڌايو ته مون وٽ روشن دليل به آهن ۽ منهنجي هٿ ۾ اهڙي عصا به آهي، جيڪا تنهنجو غرور ۽ تڪبر پاش پاش ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. فرعون جي قوم قبطي هئي. حضرت موسیٰ عليه السلام کي قبطي قوم ڏانهن ڪو نه موڪليو ويو پر سڌو فرعون کي هدايت ڪرڻ جو چيو ويو، ڇو ته هڪ سرڪش ۽ مغرور بادشاهه جي دل و دماغ کي مفتوح ڪرڻ بنا ان جي قوم تائين دعوت پهچائڻ ممڪن نه هيو. فرعون سورج ديوتا جي معتقد جي حيثيت سان پاڻ کي رب اعلیٰ سڏائي رهيو هو. سورة النازعات: 24/79 ۾ فرعون جو هڪ قول نقل ڪيو ويو آهي: ”اَنَا رَبُّكُمُ الْاَعْلٰى“ آئون ئي توهان جو سڀ کان وڏو خدا آهيان. سورةالزخرف: 51/43 ۾ فرعون پنهنجي درٻار کي مخطاب ٿي چيو: ”يٰقَوْمِ اَلَيْسَ لِيْ مُلْكُ مِصْرَ وَ هٰذِهِ الْاَنْهٰرُ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِيْ“ اي منهنجي قوم! ڇا مصر جي بادشاهي منهنجي نه آهي؟ ۽ هي نرون منهنجي (حڪم) سان وهي نه رهيون آهن. سورة القصص: 22/ 38 ۾ فرعون پنهنجي قوم جي سردارن کي چوي ٿو: ”يٰاَيُّهَا الْمَلَاُ مَا عَلِمْتُ لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرِيْ ۚ فَاَوْقِدْ لِيْ يٰهَامٰنُ عَلَى الطِّيْنِ فَاجْعَلْ لِّيْ صَرْحًا لَّعَلِّيْۤ اَطَّلِعُ اِلٰۤى اِلٰهِ مُوْسٰى“ اي قوم جا سردارؤ! مان نٿو ڄاڻان ته مون کان سواءِ به توهان جو ڪو الله آهي. (پنهنجي وزير کي چيائين) اڙي هامان! پڪين سرن جي هڪ وڏي عمارت تيار ڪر ته مان مٿي چڙهي موسیٰ جو الله ڏسان. سورة الشعراءِ: 26/ 29 ۾ موسیٰ عليه السلام کي دڙڪا ڏيندي فرعون چوي ٿو: ”لَئِنِ اتَّخَذْتَ اِلٰهًا غَيْرِيْ لَاَجْعَلَنَّكَ مِنَ الْمَسْجُوْنِيْنَ“ اي موسیٰ (عليه السلام)! جيڪڏهن تون مون کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي پنهنجو الله سمجهيو ته مان توکي جيل موڪلي ڇڏيندس. خدا جي ٻانهن تي هن جي دهشت دٻدٻو ۽ ظلم ايترو هيو جو ڪنهن کي به فرعون خلاف ٻڙڪ ٻاهر ڪڍڻ جي جرئت نه هئي. موسیٰ عليه السلام هنن سمورين حالتن کان پوري طرح آگاهه هيو، کيس چڱي طرح معلوم هيو ته فرعون جي مخالفت ڪرڻ، پهاڙ سان مٿو ٽڪرائڻ آهي، پر کيس نبوت جي غيبي قوت الله جي حمايت تي يقين هيو ته خدا جي نظام آڏو هي باطل سرشتو پرزا پرزا ٿي ويندو.

یا رب تو زمانے را دلیلے بفرست
نمرودان را پشہ چون پیلے بفرست
فرعون صفتان ہمہ زبردست شدند
موسیٰ و عصا و ورود نیلے بفرست

يعني: اي رب! تون هن زماني لاءِ پنهنجو ڪو دليل يا ڪو رهنمائي موڪل، ۽ هن وقت جي نمرودن لاءِ هاٿيءَ وانگر ڪو مڇر موڪل. هي فرعوني صفتن وارا سيئي حد ڪان وڌيڪ ظالم ٿي چڪا آهن، تون حضرت موسىٰ عليه السلام ۽ سندس عصا ڪي نيل درياءَ جي ڇولين وانگر موڪل، جيڪي کين غرق ڪن.

تڏهن تہ چيو ويندو آهي تہ هر فرعون لاءِ موسىٰ هوندو آهي. فرعون پنهنجي سرڪشي ۽ ظلم و زيادتي ۾ سڀ حدون پار ڪري چڪو هيو، ان ڪري الله تعالىٰ حضرت موسىٰ عليه السلام کي ان جي مقابلي لاءِ نبوت جي تبليغ واري مضبوط طاقت (لٺ) بہ ڏني هئي تہ کيس روشن دليل بہ عطا ڪيا هئا ۽ کيس نبوت جي هنن ٻنهي مضبوط هٿيارن سان فرعون سامهون موڪليو ويو تہ هو هڪ جابر ظالم بادشاهہ جي گمراهہ سوالن جو دندان شڪن جواب ڏئي سگهي.

قَالَ رَبِّ اشْرَحْ لِيْ صَدْرِيْ ﴿٢٥﴾ وَ يَسِّرْ لِيْٓ اَمْرِيْ ﴿٢٦﴾ وَ احْلُلْ عُقْدَةً مِّنْ
لِّسَانِيْ ﴿٢٧﴾ يَفْقَهُوْا قَوْلِيْ ﴿٢٨﴾ وَ اجْعَلْ لِّيْ وَزِيْرًا مِّنْ اَهْلِيْ ﴿٢٩﴾ هٰرُوْنَ اَخِي ﴿٣٠﴾
اشْدُدْ بِهٖٓ اَزْرِيْ ﴿٣١﴾ وَ اَشْرِكْهُ فِيْٓ اَمْرِيْ ﴿٣٢﴾ كَيْ نُسَبِّحَكَ كَثِيْرًا ﴿٣٣﴾ وَّ
نَذْكُرَكَ كَثِيْرًا ﴿٣٤﴾ اِنَّكَ كُنْتَ بِنَا بَصِيْرًا ﴿٣٥﴾ قَالَ قَدْ اُوْتِيْتَ سُؤْلَكَ
يٰمُوْسٰى ﴿٣٦﴾ وَ لَقَدْ مَنَنَّا عَلَيْكَ مَرَّةً اُخْرٰٓى ﴿٣٧﴾ اِذْ اَوْحَيْنَآ اِلٰٓى اُمِّكَ مَا

يُوْحٰۤى ۟ۙ﴿۳۸﴾ اَنِ اقْذِفِيْهِ فِي التَّابُوْتِ فَاقْذِفِيْهِ فِي الْيَمِّ فَلْيُلْقِهِ الْيَمُّ
بِالسَّاحِلِ يَاْخُذْهُ عَدُوٌّ لِّيْ وَ عَدُوٌّ لَّهٗ ؕ وَ اَلْقَيْتُ عَلَيْكَ مَحَبَّةً مِّنِّيْ ۚ۬ وَ
لِتُصْنَعَ عَلٰى عَيْنِيْ ۘ﴿۳۹﴾ اِذْ تَمْشِيْۤ اُخْتُكَ فَتَقُوْلُ هَلْ اَدُلُّكُمْ عَلٰى مَنْ
يَّكْفُلُهٗ ؕ فَرَجَعْنٰكَ اِلٰۤى اُمِّكَ كَيْ تَقَرَّ عَيْنُهَا وَ لَا تَحْزَنَ ؕ۬ وَ قَتَلْتَ نَفْسًا
فَنَجَّيْنٰكَ مِنَ الْغَمِّ وَ فَتَنّٰكَ فُتُوْنًا ۫ۥ فَلَبِثْتَ سِنِيْنَ فِيْۤ اَهْلِ مَدْيَنَ ۙ۬
ثُمَّ جِئْتَ عَلٰى قَدَرٍ يّٰمُوْسٰى ﴿۴۰﴾

وقف لازم

موسىٰ عليه السلام درخواست ڪئي تہ اي منهنجا پروردگار! منهنجو سينو کول.(35)
۽ منهنجي ڪم ۾ آساني پيدا ڪر. (26) منهنجي زبان تان هٻڪ ختم ڪر.
(27) تہ جيئن هو منهنجي گفتگو سمجهي سگهن. (28) ۽ منهنجي گهر وارن
مان منهنجو وزير مقرر ڪرڻ فرمايو. (29) يعني منهنجو ڀاءُ هارون. (30) هن
سان منهنجي قوت کي مضبوط ڪر. (31) تون هن کي منهنجي ڪم ۾
شريڪ ڪر.(32) تہ جيئن اسان تنهنجي تمام گهڻي تسبيح ڪريون. (33) ۽
توکي ڪثرت سان ياد ڪريون. (34) تون اسان کي ڏسي رهيو آهين. (35) الله
فرمايو موسىٰ عليه السلام! تنهنجي دعا قبول ٿي وئي. (36) اسان تو تي هڪ ڀيرو ٻيو
بہ احسان ڪيو هيو. (37) جڏهن اسان تنهنجي امڙ تي وحي ڪئي هئي ۽ هاڻي
توتي وحي ڪئي ٿي وڃي (38) (اسان تنهنجي امڙ کي وحي ڪئي تہ) تہ تون
هن موسىٰ عليه السلام کي صندوق ۾ وجهي، صندوق کي درياءَ حوالي ڪر، دريا ان
کي ڪناري تي ڪڍي ويندو. منهنجو ۽ هن جو دشمن هن کي ڪڍي وٺندو ۽

**موسىٰ ﷤ مون پنهنجي طرفان توکي محبت پريو محبوب بنايو آهي تہ جيئن تنهنجي پرورش پالنا منهنجي نگرانيءَ ۾ ٿئي.(39) جڏهن تنهنجي ڀيڻ ڀيچو ڪندي رهي ۽ هن چيوتہ ڇا مان اوهان کي هن ٻار جي ڪفالت لاءِ موزون خاندان ٻڌايان، جيڪو هن ٻار جي پرورش ڪري. پوءِ اهڙي طرح اسان توکي واپس ماءُ حوالي ڪيو تہ جيئن هن جي اکين جو ٺار ٿئي ۽ غم کان آزاد ٿئي. پوءِ تو (جواني) ۾ هڪ شخص جو قتل ڪيو تہ پوءِ اسان توکي ان غم کان بہ نجات ڏياري ۽ توکي بعد ۾ وڏيڪ آزمائش مان گذاري مضبوط ڪيو، پوءِ تون ڪجھ سال مدين ۾ رهين، جتي تو طئي ڪيل فيصلي واري مقام تي پهچي وئين.(40)**

جڏهن موسىٰ ﷤ کي معلوم ٿي ويو تہ الله تعالىٰ کيس نبوت جي اعلىٰ مقام تي منتخب ڪيو آهي ۽ کيس ٻن مضبوط معجزن سان نوازي وقت جي وڏي سرڪش جابر ۽ ظالم بادشاهہ فرعون جي اصلاح لاءِ موڪليو آهي، تہ ان وقت هو بارگاهہ الاهي ۾ درخواست گذار ٿيو تہ منهنجا پروردگار! هيءَ نهايت وڏي مهم آهي، منهنجو ٽڪر وقت جي فرعون سان آهي، ان ڪري هن وڏي ذميداريءَ کي نڀائڻ لاءِ منهنجي شرح صدر ڪر، سينو ڪشادو ڪر، منهنجي سيني ۾ ايتري تہ وسعت ۽ ڪشادگي پيدا ڪر، جو وڏي مان وڏي مشڪل مون کي پريشان نہ ڪري سگهي. (الم نشرح: 1/94) هي نهايت عظيم الشان مشن آهي. جيڏو وڏو چئلينج آهي اوتري وڏي دعا جو طلبگار آهن.

جيڏو تنهنجو ناءُ ٻاجھ بہ اوڏائي مڱان (شاهہ لطيف ﷫)

منهنجا رب! جيڏي وڏي ذميداري ڏئي رهيو آهين، منهنجي اوتري دستگيري ۽ رهنمائي عنايت ڪرڻ فرماءِ. ”رَبِّ اشْرَحْ لِيْ صَدْرِيْ“ يعني منهنجو حوصلو بلند ڪر. هر حالت ۾ صبر جي قوت عطا ڪر. مون کي حليم ۽ بردبار رک تہ جيئن طبيعت جي خلاف ايندڙ ڳالهين تي خفا ٿي هوشمنديءَ جو دامن نہ ڇڏي ڏيان. نہ مون کي ڪنهن بہ قسم جي

تنگي محسوس ٿئي، بلڪ نهايت خوشدليءَ سان هن سعادت سان بهره ور ٿي وڃان. هن راهه ۾ جيڪي به تڪليفون اچن، انهن کي ڪشاده دلي ۽ خنده پيشاني سان نڀائڻ ۾ سرخرو ٿيان. منهنجي هن مهم کي آسان کان آسان تر بنائي ڇڏ. (الم نشرح: 5/94) اهڙيون حالتون پيدا ڪر جو هي عظيم الشان ڪم آسانيءَ سان سر انجام ٿي وڃي ۽ راهه جون سڀ رڪاوٽون دور ٿينديون وڃن. منهنجي زبان ۾ رواني عطا ڪر ۽ هر طرح جي پيش ايندڙ رڪاوٽ هٽائي ڇڏ ته جيئن مان پنهنجي گفتگو اهڙي احسن طريقي سان ڪري سگهان جو ماڻهو منهنجي پيغام کي آسانيءَ سان سمجهي سگهن ۽ مان پنهنجو ما في الضمير دليلن ۽ سَندَ سان پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃان. منهنجا رب! هن وڏي ڪم ۾ منهنجي هٿ ونڊائڻ ۽ مدد ڪرڻ لاءِ منهنجي خاندان مان ئي منهنجو هڪ معاون ۽ مددگار مقرر ڪرڻ عنايت ڪر. ان لاءِ مان پنهنجي ڀاءُ هارون کي نهايت موزون سمجهان ٿو، ان کي منهنجو وزير ڪر. ”وَزِيْرُ“ وَزَرَ مان آهي، يعني بار کڻڻ وارو، مددگار. هن جي گفتگو ۾ تاثير ۽ دل پذيري آهي. زبان جي فصاحت ۽ بلاغت سان نوازيل آهي. مناظري ۽ مقابلي ۾ مخالف ذر تي حاوي ٿيڻ جي پوري پوري صلاحيت رکي ٿو. هارون عليه السلام موسىٰ عليه السلام جو وڏو ڀاءُ هيو ۽ بني اسرائيل سان مصر ۾ به رهي چڪو هو. ان کي به نبوت عطا ڪري منهنجي درخواست قبول ڪرڻ فرماءِ ۽ منهنجي چيلهه چٻي ٿيڻ کان بچاءِ، ان کي مضبوط ڪر يعني مون کي وڏيڪ سگهارو ۽ قوت وارو ڪر. هن کي مون سان گڏ ڪم ڪرڻ ۾ مون کي وڏيڪ سهارو ملي ويندو. ان ڪري ان کي به نبوت جي نور سان نوازي منهنجي هن مشڪل ڪم ۾ منهنجو مددگار ۽ معين ڪر.

حضرت موسىٰ عليه السلام پنهنجي ڀاءُ هارون عليه السلام کي شريڪ ڪار ڪرڻ جي درخواست ان ڪري ڪئي ته به ڄڻا گڏجي ڏک سک ۾ هڪ ٻئي جا غمخوار، رازدان ۽ مشير ٿي هن دعوتِ الاهيءَ لاءِ سرتوڙ ڪوشش ڪنداسون. اسان ٻئي ملي وڏيڪ قوت وارا ٿينداسون، چواڻي آهي ته ”به ته ٻارنهن“ سو اسان هڪ ٻئي جي موجودگيءَ جو فائدو وٺندي، دين جي تبليغ زور شور سان ڪنداسون، تنهنجي احڪامن کي رائج ڪرڻ لاءِ حوصلي ۽ همت سان ڪم ڪنداسون، تنهنجي دين کي باطل تي غالب آڻڻ لاءِ هر طرح جي قرباني ڏيڻ لاءِ هميشه تيار هونداسون ته جيئن هتان ڪفر ۽ شرڪ جي لعنت کي ختم

ڪري، تنهنجي پاڪي ۽ ڪمالات کي عام ڪرڻ لاءِ جدوجهد جاري رکون ۽ هن فرض جي ادائگيءَ ۾ تڪليف برداشت ڪرڻ ۾ لذت محسوس ڪريون. اسان جي هر ڪوشش، هر قول، هر فعل ۽ هر عمل کان تون پوريءَ طرح آگاهه آهين. ”اِنَّكَ كُنْتَ بِنَا بَصِيْرًا“ اسان پنهنجي استطاعت مطابق تن من جي بازي لڳائي رکنداسون. اسان جي خلوص ۽ سچائيءَ کان به تون واقف آهين ۽ جيڪا مان هيءَ دعا گهري رهيو آهيان، توکي معلوم آهي ته ان جي قبوليت حاصل ڪرڻ سان اسان لاءِ ڪيترو سودمند هوندو. بارگاهه الاهي کان موٽ ۾ جواب آيو ته موسىٰ عليه السلام تنهنجي درخواست ۽ دعا حرف بحرف قبول ڪئي وئي آهي، تنهنجون اهي سڀ مشڪلاتون ۽ راهه جون رڪاوٽون هٽائي آساني پيدا ڪئي وئي آهي. (يونس: 10/) ۽ هاڻ پنهنجي پروگرام تي مضبوطيءَ سان قائم رهه ۽ ڪنهن جي ڳالهه تي ڌيان نه ڏي.

اوتڙ ڪنهن نه اوليا ستڙ ويا سالم
هيڪائي هيڪ ٿيا احد سين عالم
بي بها بالم آڳي ڪيا اڳهين

(شاهه لطيف رحمة الله عليه: سر ڪلياڻ)

يعني صحيح سالم ۽ صاف دل وارا ڪڏهن به ابتي تڙ ڏانهن گهلجي نه ويا، پر سلامتيءَ سان وڃي سڌائي تڙ تي رسيا. سچي چاڻ وارا هڪ ڏٽي سان هڪ تي ويا، ڏٽي اصل ۾ ئي انهن کي املهه ۽ اعلىٰ ڪري ڇڏيو هيو.

موسىٰ ۽ هارون عليهما السلام به توفيق ايزدي سان پنهنجي ذميواري نڀائڻ ۾ ڪامياب ۽ ڪامران ثابت ٿيا ۽ فرعون لشڪر سوڌو غرق آب ٿي ويو. هاڻي حق تعالىٰ حضرت موسىٰ عليه السلام کي هڪ هڪ ڪري مٿس ڪيل احسان ياد ڏياري رهيو آهي، جيڪي سندس پيدائش کان وٺي، هن ڏينهن تائين ڪيا ويا. هنن جي تفصيل سورة القصص 28: 3 کان 50 ۾ بيان ٿيل آهي، هت رڳو ڪجهه اشارن طور ٻڌايو ويو آهي. هي اهو وقت آهي جڏهن فرعون بني اسرائيل کي ڪمزور کان ڪمزور ڪرڻ ۾ ڪوشان هيو. بني اسرائيل جي نرينه اولاد کي قتل ڪرائي ڇڏيندو هو، حضرت موسىٰ عليه السلام جي والده کي به اهو خدشو

لاحق ٿيو تہ ان وقت سندس والده کي وحيءَ ذريعي آگاھ ڪيو ويو تہ موسىٰ عليه السلام کي هڪ صندوق ۾ وجهي صندوق کي درياھ نيل ۾ لڙهندو ڇڏي ڏئي. موسىٰ عليه السلام جي ماءُ هن عجيب فيصلي کي قبول ڪندي موسىٰ عليه السلام کي صندوق ۾ وجهي، صندوق کي درياھ حوالي ڪيو. صندوق پاڻيءَ جي وهڪري سان فرعون جي محل لڳ پهچي وئي. صندوق کولي وئي تہ ان ۾ هڪ حسين جميل ٻار موجود هيو. فرعون جو ڪو اولاد ڪو نہ هيو، فرعون جي زال فرعون کي چيو تہ هن خوبصورت ٻار کي پنهنجو پٽ ڪيون ٿا. فرعون بہ پنهنجي زال سان هم خيال ٿي، موسىٰ عليه السلام کي پنهنجي محل ۾ پرورش جو اهتمام ڪيو. هي الله عزوجل جي حڪمت آميز فيصلا آهن، جو هڪ ٻار کي جيڪو نبي ۽ رسول ٿيڻ وارو آهي ۽ فرعون جي ظالمانا نظام کي تهس نهس ڪرڻ وارو ۽ فرعون جي حڪمرانيءَ کي ختم ڪرڻ وارو هوندو، ان کي فرعون جي گهر ۾ پرورش ملي تہ جيئن صحيح سلامت بہ رهي ۽ آداب شهنشائي کان واقف ڪار ٿئي. موسىٰ عليه السلام جي ماءُ پٽ کي درياھ حوالي ڪرڻ بعد غمگين ۽ پريشان هئي تہ ٻار جو ڇا ٿيندو. گويا موسىٰ عليه السلام الله جي نگرانيءَ ۾ پرورش پائي رهيو هو. خدا جي فضل سان ڪيس هر ڪو محبت ڪري رهيو هو، جنهن بعد موسىٰ عليه السلام جي والده پنهنجيءَ نياڻي کي جيڪا موسىٰ عليه السلام جي وڏي ڀيڻ هئي، موڪليو تہ صندوق جو پري پري کان پيڇو ڪري ۽ نظر رکي تہ صندوق سان ڇا ٿيڻ وارو آهي، موسىٰ عليه السلام فرعون جي گهر پرورش ۾ تہ آيو پر هو ڪنهن بہ عورت جي ٿڃ ونڻ کان انڪاري هيو. ان ڪري فرعون جي زال ڪافي گهبرايل ۽ فڪرمند هئي. گهڻيون عورتون آيون، مگر موسىٰ عليه السلام ڪنهن جي بہ ٿڃ قبول نہ ڪئي. ان دوران موسىٰ عليه السلام جي ڀيڻ بہ ڪوشش ڪري فرعون جي زال تائين رسائي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي، هن چيو تہ هڪ عورت کي وٺي اچان ٿي سو هوءَ پنهنجي ماءُ کي گڏ وٺي فرعون جي محل ۾ پهتي. موسىٰ عليه السلام جي والده پٽ کي ڇاتيءَ سان لڳايو تہ هو خوشي خوشي ٿڃ ونڻ لڳو. فرعون جي محل ۾ خوشيون ملهايون ويون، مٺايون ونڊيون ويون، مبارڪون ڏنيون ويون. گلن جا هار پاريا ويا، اهڙي طرح ماءُ جي وساطت سان موسىٰ عليه السلام جي شاهي خاندان ۾ پرورش جاري رهي. الله عزوجل اهڙي طرح موسىٰ عليه السلام جي ماءُ جو غم ۽ فڪر بہ دور ڪيو ۽ ڪيس ماءُ جي پرورش ۾ ڏئي سڪون و قرار عطا ڪيو ۽ اڪين جو ٺار بڻايو.

موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ جي پيدائش ۽ ابتدائي زندگي دوران ڪيل نوازش جي ذڪر بعد هاڻي ڪيس ٻڌايو ٿو وڃي ته توکان جوانيءَ ۾ بلا اراده ۽ علم جي هڪ فرعوني شخص قتل ٿي ويو، جنهن ۾ توکي ڪافي پريشاني لاحق ٿي ته مون خون ڄاڻي واڻي قتل جي ارادي سان ته نه ڪيو آهي، پر هاٿاپائيءَ دوران شخص هلاڪ ٿي ويو آهي، جنهن لاءِ فرعون جيڪو اڳ ۾ ئي مخالف آهي، سو مون کي قتل ڪرائي ڇڏيندو ۽ آخرت ۾ به عذاب جو مستحق ٿيان. اسان ان وقت توکي ٻنهي پريشانين کان نجات ڏني. فرعون جي گرفت کان بچايو ۽ پشيماني ۽ توبه جي ڪري آخرت جو عذاب به ختم ڪيو پوءِ تون ڪجهه سال مدين ۾ حضرت شعيب عَلَيْهِ السَّلَامُ جي تربيت ۽ رهنمائيءَ ۾ رهين. تنهنجي پيدائش وقت صندوق ۾ درياهه جي لهرن ذريعي فرعون جي محل تائين رسائي، مصر کان مدين اچڻ، اتي شعيب عَلَيْهِ السَّلَامُ جي صحبت صحرا جي زندگي جا ڏهه سال منجهان گذري وقتًا فوقتًا جي آزمائشي مرحلن مان گذاري، "ثُمَّ جِئْتَ عَلٰى قَدَرٍ يّٰمُوْسٰى" مقام تي پهچايو، جتي مون توکي پنهنجي ڪم لاءِ منتخب ڪري ورتو ۽ تون ان مقام جو اهل ٿي وئين، جنهن لاءِ قدرت توکي ڏيري ڏيري مختلف مرحلن مان گذاري نبوت جي مرتبي لاءِ تيار ڪري ورتو.

اگر کوئی شعیب آئے میسر
شبانی سے کلیمی دو قدم ہے
(اقبال رحمه الله)

وَ اصْطَنَعْتُكَ لِنَفْسِيْ ﴿٤١﴾ اِذْهَبْ اَنْتَ وَاَخُوْكَ بِاٰيٰتِيْ وَلَا تَنِيَا فِيْ
ذِكْرِيْ ﴿٤٢﴾ اِذْهَبَآ اِلٰى فِرْعَوْنَ اِنَّهٗ طَغٰى ﴿٤٣﴾ فَقُوْلَا لَهٗ قَوْلًا لَّيِّنًا لَّعَلَّهٗ
يَتَذَكَّرُ اَوْ يَخْشٰى ﴿٤٤﴾ قَالَا رَبَّنَآ اِنَّنَا نَخَافُ اَنْ يَّفْرُطَ عَلَيْنَآ اَوْ اَنْ
يَّطْغٰى ﴿٤٥﴾ قَالَ لَا تَخَافَآ اِنَّنِيْ مَعَكُمَآ اَسْمَعُ وَ اَرٰى ﴿٤٦﴾ فَاْتِيٰهُ فَقُوْلَآ اِنَّا

رَسُوْلَا رَبِّكَ فَاَرْسِلْ مَعَنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ۙ۬ وَ لَا تُعَذِّبْهُمْ ؕ قَدْ جِئْنٰكَ
بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّكَ ؕ وَ السَّلٰمُ عَلٰى مَنِ اتَّبَعَ الْهُدٰى ﴿۴۷﴾ اِنَّا قَدْ اُوْحِيَ اِلَيْنَآ
اَنَّ الْعَذَابَ عَلٰى مَنْ كَذَّبَ وَ تَوَلّٰى ﴿۴۸﴾ قَالَ فَمَنْ رَّبُّكُمَا يٰمُوْسٰى ﴿۴۹﴾ قَالَ
رَبُّنَا الَّذِيْٓ اَعْطٰى كُلَّ شَيْءٍ خَلْقَهٗ ثُمَّ هَدٰى ﴿۵۰﴾ قَالَ فَمَا بَالُ الْقُرُوْنِ
الْاُوْلٰى ﴿۵۱﴾ قَالَ عِلْمُهَا عِنْدَ رَبِّيْ فِيْ كِتٰبٍ ۚ لَا يَضِلُّ رَبِّيْ وَ لَا
يَنْسَى ﴿۵۲﴾ۙ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ مَهْدًا وَّ سَلَكَ لَكُمْ فِيْهَا سُبُلًا وَّ
اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً ؕ فَاَخْرَجْنَا بِهٖٓ اَزْوَاجًا مِّنْ نَّبَاتٍ شَتّٰى ﴿۵۳﴾ كُلُوْا وَ
ارْعَوْا اَنْعَامَكُمْ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّاُولِي النُّهٰى ﴿۵۴﴾ ع ٢

۽ اسان توکي (اي موسیٰ عليه السلام) خاص پنهنجي لاءِ بنايو ۽ تيار ڪيو آهي (41)
سو تون ۽ تنهنجي ڀاءُ ٻئي ڳڌجي اسان جون آيتون کڻي وڃو ۽ منهنجي ياد ۾
سستي نہ ڪجو. (42) توهان ٻئي فرعون ڏانهن وڃو، هو سرڪش ٿي ويو آهي.
(43) هن سان نرم لهجي ۾ گفتگو ڪجو، ممڪن آهي تہ هو غور ڪري يا ڊڄي
وڃي. (44) ٻئي چوڻ لڳا اسان جا پروردگار! اسان ڊڄون ٿا تہ هو اسان سان
زيادتي نہ ڪري يا اجان وڌيڪ سرڪش ٿي وڃي. (45) الله ڪين تسلي ڏني تہ
خوف نہ ڪائو، مان اوهان سان گڏ آهيان ۽ سڀ ڪجھ ٻڌان ڏسان ٿو. (46) پوءِ
توهان ٻئي گڏجي فرعون ڏانهن وڃو ۽ کيس ٻڌايو تہ اسان الله جا موڪليل
رسول آهيون، تون بني اسرائيل کي اسان سان گڏ هلڻ جي اجازت ڏي ۽ انهن
تي ڪو عذاب نہ ڪر. اسان تو ڏانهن تنهنجي پالڻهار پاران آيت (نشاني) آندي

آهي، جيڪو هدايت جو رستو اختيار ڪندو ان جي لاءِ سلامتي هوندي. (47)
اسان ڏانهن وحي آئي آهي تہ جيڪو هن کي ڪوڙو سمجهندو ۽ منهن موڙيندو
ان لاءِ عذاب آهي.(48) (جڏهن فرعون وٽ آيا تہ) فرعون پڇيو اوهان جو
پروردگار ڪير آهي. (49) چيائين تہ اسان جو پروردگار اها هستي آهي، جيڪو
هر شيءِ کي پيدا ڪري ٿو ۽ پوءِ هن کي راهہ هدايت ڏسي ٿو.(50) پڇيائين تہ
جيڪي ماڻهو اڳ گذري چڪا انهن جو معاملو ڇا هوندو؟ (51) چيائين تہ ان
جو علم منهنجي پروردگار وٽ آهي، جيڪو ڪتاب ۾ لکيل آهي، منهنجو
رب نہ غلطي ڪري ٿو ۽ نہ ڀلجي وڃي ٿو. (52) هي اهو الله ئي تہ آهي جنهن
توهان لاءِ زمين کي فرش بڻايو ۽ توهان لاءِ رستا جوڙيا ۽ آسمان مان مينهن جو
پاڻي وسايو پوءِ هن قسم قسم جي شين جا جوڙا ناهيا. (53) توهان پاڻ بہ
کائو ۽ جانورن کي چارو بہ کارايو، بيشڪ هن ۾ سمجهدار ماڻهن لاءِ گهڻيون
نشانيون آهن. (54)

---

توکي هن منزل تي پهچائڻ لاءِ ڪيترين بنين مان پچائي ۽ ڪيترين آزمائشن مان گذاري تيار ڪيو ۽ هن ذميواري ادا ڪرڻ لاءِ چيو. شاهي محل ۾ پرورش ڪرائي، خصوصي صلاحيتون تو ۾ پيدا ڪيون چو تہ تو کان نهايت وڏو ڪم وٺڻو هو، جنهن لاءِ توکي نبوت جو اعلىٰ درجو عطا ڪيو. ۽ حڪم ڏنو تہ تون ۽ تنهنجو ڀاءُ ٻئي ڄڻا گڏجي منهنجن آيتن سان وڃو ۽ ياد رکو منهنجي ذڪر ۾ سستي نہ ڪجو، مون سان رابطو قائم رهي ۽ ماڻهن کي بہ الله طرف دعوت ڏيڻ ۾ ڪوتاهي نہ ٿئي. موسىٰ عليه السلام خدا جي حڪم ۽ تائيد سان فرعون ڏانهن وڃي رهيو هو ۽ ڪيس چيو ويو تہ فرعون هڪ نارمل (متوازن) انسان نہ آهي، سرڪش ۽ جابر آهي، پاڻ کي خدا سڏرائي رهيو آهي. گستاخ ۽ بي ادب آهي، سندس زبان تان بدگوئي ٿيندي، پر اوهان صبر اطمينان ۽ نرم لهجي ۾ هن سان ملو. دين جي دعوت ۾ سختي ۽ شوخي نہ آهي. اوهان جي گفتگو ۾ شفقت، شائستگي ۽

اصلاح جو عنصر شامل هئڻ گهرجي. اهڙي پرڪشش ۽ پرتاثير بيان جي ڪري ممڪن آهي تہ هو نصيحت حاصل ڪري وٺي ۽ الله تي ايمان آڻي توحيد کي تسليم ڪري يا ڪم از ڪم سندس دل ۾ خدا جو خوف پيدا ٿئي ۽ ان جي نتيجن کان ڊڄي وڃي. هنن عرض ڪيو تہ يا الله! اسان تہ نيڪ نيتي سان سندس ڀلائي ۽ اصلاح لاءِ نرم لهجو بہ اختيار ڪيون، شفقت ۽ محبت جو اظهار ڪيون، پر اسان کي قوي انديشو آهي تہ هو اسان جي نصيحت ٻڌڻ کان اڳ اسان تي حملو ڪري ڏئي يا اسان واتان دعوت حق ٻڌندي ئي ڪاوڙ ۽ غصي ۾ اچي وڃي، جنهن بعد بني اسرائيل تي وڌيڪ ظلم ڪرڻ گهري. ”يُفۡرَطُ“ جڏهن ”عَلىٰ“ سان اچي تہ معنىٰ ٿيندي ”بنا دير، جلدي جلدي حملو ڪرڻ“ ۽ اهو ساڳيو مفهوم ”يَطۡغىٰ“ جو آهي. يعني زيادتي ڪرڻ ۾ دير نہ ڪري. موسىٰ عليه السلام کي فرعون جي ظلم، زيادتي، سرڪشي، طاقت ۽ دٻدٻي جو بہ اندازو هيو تہ پنهنجي بي سرو ساماني جي بہ خبر هئي. هو غصي ۾ اچي اسان کي ماري بہ سگهي ٿو ۽ پوءِ هي دعوتِ الاهي جو ڪم اڌ ۾ رڪجي وڃي يا تبليغ جي شدت سان مخالفت ڪري ۽ رڪاوٽون وجهي. هي موسىٰ عليه السلام طرفان هڪ انديشي جو اظهار هو، جنهن تي حق تعالىٰ طرفان ڪين اطمينان ۽ تسلي ڏني وئي تہ ڪو بہ فڪر ۽ انديشو نہ ڪيو. فرعون ۽ توهان جي درميان جيڪا بہ گفتگو ٿيندي يا ڪو بہ معاملو پيش آيو تہ اهو سڀ ڪجهہ مان ڏسان ٿو ٻڌان ٿو. مان ڪنهن وقت بہ توهان کان پري ڪو نہ هوندس. منهنجي حمايت ۽ نصرت اوهان سان هوندي. گهٻرائڻ يا فڪر ڪرڻ جي ضرورت ناهي. اوهان جي مڪمل حفاظت ڪبي. فرعون کي مرعوب ڪندس تہ جيئن اوهان تبليغي سلسلو آسانيءَ سان جاري رکي سگهو. توهان بنا خوف خطري جي هن (فرعون) وٽ وڃو ۽ کيس ٻڌايو تہ اسان تنهنجي پروردگار پاران رسول ڪري موڪليا ويا آهيون. اسان جي اطاعت ڪري، پاڻ کي معبود سمجهڻ جي غلط فهمي مان آجو ڪر. هڪ الله جي توحيد قبول ڪر، خدا جي خلق سان ظلم ۽ زيادتي کان باز اچ ۽ بني اسرائيل کي ناحق قيد مان آزاد ڪر، ڪين قتل ڪرڻ، غلام ناهڻ جو مڪروهہ ڌنڌو بند ڪر. ڪين اسان سان گڏ هلڻ جي اجازت ڏي تہ هو پنهنجي آزاديءَ سان زندگي گذاري سگهن. اسان جو ڪو ذاتي غرض نہ آهي. اسان پنهنجي سچائي ثابت ڪرڻ لاءِ الله طرفان آيتون، نشانيون آنديون آهن، يعني بہ وڏا

معجزا عصا ۽ يدِ بيضا، ڪين اهو بہ چئو تہ جيڪڏهن ماڻهو بہ الله جي هدايت واري رستي تي هلندو تہ ان جي ٻنهي جهانن ۾ سلامتي آهي، هو دنيا ۾ خوشگوار زندگيءَ ماڻيندو تہ آخرت ۾ بہ جنت جي سدا بهار باغن ۾ موجون ماڻيندو، پر جيڪو ماڻهو الله جي نبين جي نصيحت ۽ هدايت کان منهن موڙيندو يا ڪوڙو ڪوٺيندو تہ ان لاءِ هن دنيا توڙي آخرت ۾ عذاب يقيني آهي.

ياد رهي تہ نبوت جي ذميداري موسىٰ ﷺ کي ڪوه طور تي ملي، جڏهن هو مدين کان مصر اچي رهيو هو ۽ مصر پهچي نهايت جرئت ۽ استقامت سان فرعون جي خدائيءَ جو انڪار ڪيائين. الله جي وحدانيت ۽ ربوبيت جو اعلان ڪيو، جنهن تي فرعون چيو تہ جيڪڏهن مون کان علاوه بہ ڪو ٻيو خدا آهي تہ ذرا ان جو ڪجهہ پتو پار ٻڌايو، اهو ڪهڙو آهي، جنهن توکي رسول ڪري موڪليو آهي؟ هن هر قبيلي جو الڳ الڳ رب آهي، مان بہ پنهنجي قوم جو رب آهيان ۽ پاڻ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن رب کي نٿو سڃاڻان. توهان پنهنجي رب جو تعارف ڪرايو. جنهن تي موسىٰ ﷺ کيس چيو تہ اسان جو رب اهو آهي، جنهن هر شيءِ کي مناسب وجود عطا ڪيو آهي. هن کي خاص صورت ۽ خاص شڪل ڏني آهي ۽ ان جي بقا لاءِ تمام اسباب مهيا ڪيا آهن ۽ انهن جي فطرت ۾ حد ڪمال حاصل ڪرڻ لاءِ رهنمائي وديعت ڪئي آهي. مرغي ۽ پکين جا ٻچا پيدا ٿيندي داڻو ڪائيندا آهن، انسان ۽ جانورن جا ٻچا ماءُ جو کير پيئندا آهن. وڏا ٿي کي جانور گاهہ کائڻ وارا تہ کي گوشت کائڻ وارا ٿيندا آهن. مڇيءَ کي ترڻ، پکين کي اڏامڻ، وڻن کي ڦل دار بنائڻ، مختلف جاندارن لاءِ زمين مان مختلف نباتات پيدا ڪرڻ، انسان جي طبعي زندگي جي تمام وسيلن غذا، هوا، باهہ پاڻيءَ کان علاوه روحاني زندگي وحي جي ذريعي رهبري ۽ رهنمائي جو يقيني انتظام ڪيو آهي. موسىٰ ﷺ جواب ۾ رڳو رب جو نالو نہ کنيو آهي، پر هن جون بي مثال صفتون بيان ڪيون آهن. هن انسان جي تخليق ڪئي ۽ پوءِ زندگي ۽ بقا جي لاءِ جن نعمتن جي ضرورت هئي، انهن جي رهنمائي ڪئي، حواس، وجدان ۽ معنوي قوتون عطا ڪيون. منهنجي رب ۾ اهي تمام خوبيون ۽ ٻيون بي شمار صفتون موجود آهن. جيڪڏهن تون اهو سڀ ڪجهہ ڪري سگهين تہ بيان ڪر. ٻي صورت ۾ تون خود منهنجي رب جي مخلوق آهين، جنهن توکي پيدا ڪيو ۽ مال و دولت

۽ حڪمراني ڏني آهي. نه تو پاڻ کي پاڻ پيدا ڪيو آهي ۽ نه ٻين کي پيدا ڪيو آهي ۽ هر هڪ جي بقا ۽ رهنمائي لاءِ وسيلا ۽ ذريعا بنايا آهن. منهنجو رب ته عدم مان وجود ۾ آڻي ٿو، وري ماري ٿو، وري جياري ٿو ۽ حساب ڪتاب وٺي ٿو.

فرعون حضرت موسىٰ ؑ جو اهڙو پر دليل جواب ٻڌي ششدر ٿي ويو. پاڻ ۾ اهي سموريون صفتون ۽ بي مثال خوبيون نه ڏسي، پنهنجي ڪمزوري محسوس ڪندي يڪدم روءِ سخن کي بدلائي چيو ته تنهنجي دعوىٰ آهي ته الوهيت ۽ ربوبيت جو مرڪز هڪ غيبي هستي آهي. تنهنجي خيال ۾ انسان جي سعادت ۽ نجات جي لاءِ توحيد لازم آهي ته پوءِ گذري ويل قومن جو ڇا ٿيندو؟ اسان جا ابا ڏاڏا ته صدين کان تنهنجي هن دليلن ۽ عقيدن کان غافل هئا. اهي آخرت ۽ جزا سزا جا منڪر هئا. انهن بابت تنهنجو ڇا خيال آهي ته اهي سمورا جاهل، جٽ ۽ بي وقوف هئا ۽ سڀ جا سڀ گمراهه هئا. هيتري وڏي مخلوق گذري چڪي آهي. انهن جو حساب ڪتاب ڪٿان معلوم ٿيندو ۽ ڪير ٻڌائيندو. جڏهن سندن اعمال جو پورو پتو ئي پئجي ڪو نه سگهندو ته پوءِ بنا حساب ڪتاب ڄاڻڻ جي سزا جزا ڪيئن ٿي سگهندي. منهنجي خيال ۾ هن سوال ڪرڻ سان ماڻهن ۾ ڏڪيڙ پيدا ڪرڻ به هيو ته ڏسو هي نبي اوهان جي وڏڙن لاءِ ڪهڙو عقيدو رکي ٿو. حضرت موسىٰ ؑ فرعون جي شاطرانه چال جو نهايت حڪيماڻو جواب ڏنو ته گذريل قومن بابت علم منهنجي الله وٽ آهي. هر انسان جو رڪارڊ لڪت ۾ موجود آهي، جنهن ۾ زير زبر جي غلطي به نه آهي، بلڪل پورو پورو داخل دفتر آهي، جنهن ۾ ڪنهن به غلطي يا ويسر جو شبهو نه آهي. هر انسان جو صحيح صحيح اعمال نامو موجود آهي. جنهن مطابق جزا ۽ سزا جو فيصلو ٿيندو. ”لَا تَأْخُذُهٗ سِنَةٌ وَّلَا نَوْمٌ“ هن کي ڊڪر يا ننڊ به نٿي اچي. ”وَهُوَ عَلِيْمٌ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ“ آهي. هو سينن جا ڳجها راز به ڄاڻي ٿو. هن جو معاملو الله سان آهي. مون کي معلوم ناهي ته ڇا ٿئي، پر اوهان کي پنهنجو قبلو درست ڪرڻ گهرجي، جنهن لاءِ مان اوهان کي هدايت جو رستو ٻڌائي رهيو آهيان. موسىٰ ؑ جي هن پر مغز دليلن جو خلاصو اهو آهي ته خلاقي، ربوبيت، رحمت ۽ پوري عالم جو عليم، وحده لا شريڪ له رب جي يڪتائي ۽ الوهيت جي ناقابل تسخير هجڻ جو اظهار آهي. موسىٰ ؑ جي تقرير ۽ تبليغ جو بيان ختم ٿيو.

هاڻي الله تبارڪ و تعالیٰ پنهنجي شان ربوبيت ۽ ڪبريائي جو هنن آيتن ذريعي بيان ڪري رهيو آهي، جنهن ۾ نوع انساني کي خطاب آهي. توهان جو پروردگار اهو آهي، جنهن اوهان لاءِ زمين کي فرش بنايو آهي، جنهن تي اوهان آرام ۽ سڪون سان رهي سگهيو ۽ مزي مزي سان ان تي سير تفريح ڪري سگهو. هن کي اوهان جي مفادات ۾ آڻڻ لاءِ نہ لوهہ وانگر سخت بنايو آهي، نہ وري ڪپاهہ وانگر نرم، هن ۾ رستا ٺاهيا اٿس تہ جيئن اوهان هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ اچي وڃي سگهو. انهيءَ مولا ڪريم آسمان طرفان برسات جو اهتمام ڪيو. پاڻي توهان جي زندگيءَ جو ذريعو آهي. انهيءَ پاڻي کي پيئڻ، پوک، کيتي ڪرڻ، باغ ميووا اپائڻ، سبزيون ۽ ان پيدا ڪرڻ، قسم قسم جا ميوا اناج وغيره حاصل ڪرڻ، هوا، روشني، سردي، گرمي ۽ مختلف قسمن جي نباتات جي فراواني. هر ذي جان خاص طور تي انسان لاءِ بنا محنت مزوري مهيا ڪيا آهن. ربوبيت ۽ رحمت جو اهڙو تہ بي مثال اظهار آهي، جنهن ۾ توهان انسانن، جانورن ۽ ٻين سمورن ساهہ وارن لاءِ جياپي جو سامان موجود آهي. جيڪو توهان دل کولي کائو پيئو ۽ پنهنجن جانورن کي بہ کارايو، هن زندگي جي سامان تي غور ڪرڻ وارن لاءِ نهايت وڏيون نشانيون موجود آهن تہ هن ڪائنات جو نظام هڪ قادر مطلق جي اختيار ۽ اقتدار ۾ آهي. تنهنجو اهو چوڻ تہ ”اَنَا رَبُّكُمُ الْاَعْلٰى“ (النازعات: 24/79) مان توهان جي اعلیٰ مقام وارو رب آهيان. ”اَلَيْسَ لِيْ مُلْكُ مِصْرَ وَ هٰذِهِ الْاَنْهٰرُ“ (الزخرف:51/43)

مِنْهَا خَلَقْنٰكُمْ وَ فِيْهَا نُعِيْدُكُمْ وَ مِنْهَا نُخْرِجُكُمْ تَارَةً اُخْرٰى ﴿۵۵﴾ وَ لَقَدْ
اَرَيْنٰهُ اٰيٰتِنَا كُلَّهَا فَكَذَّبَ وَ اَبٰى ﴿۵۶﴾ قَالَ اَجِئْتَنَا لِتُخْرِجَنَا مِنْ اَرْضِنَا
بِسِحْرِكَ يٰمُوْسٰى ﴿۵۷﴾ فَلَنَاْتِيَنَّكَ بِسِحْرٍ مِّثْلِهٖ فَاجْعَلْ بَيْنَنَا وَ بَيْنَكَ
مَوْعِدًا لَّا نُخْلِفُهٗ نَحْنُ وَ لَاۤ اَنْتَ مَكَانًا سُوًى ﴿۵۸﴾ قَالَ مَوْعِدُكُمْ يَوْمُ
الزِّيْنَةِ وَ اَنْ يُّحْشَرَ النَّاسُ ضُحًى ﴿۵۹﴾ فَتَوَلّٰى فِرْعَوْنُ فَجَمَعَ كَيْدَهٗ ثُمَّ

اَتٰى ۝٦٠ قَالَ لَهُمْ مُّوْسٰى وَيْلَكُمْ لَا تَفْتَرُوْا عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا فَيُسْحِتَكُمْ
بِعَذَابٍ ۚ وَ قَدْ خَابَ مَنِ افْتَرٰى ۝٦١ فَتَنَازَعُوْٓا اَمْرَهُمْ بَيْنَهُمْ وَ اَسَرُّوا
النَّجْوٰى ۝٦٢ قَالُوْٓا اِنْ هٰذٰنِ لَسٰحِرٰنِ يُرِيْدٰنِ اَنْ يُّخْرِجٰكُمْ مِّنْ اَرْضِكُمْ
بِسِحْرِهِمَا وَ يَذْهَبَا بِطَرِيْقَتِكُمُ الْمُثْلٰى ۝٦٣ فَاَجْمِعُوْا كَيْدَكُمْ ثُمَّ
ائْتُوْا صَفًّا ۚ وَ قَدْ اَفْلَحَ الْيَوْمَ مَنِ اسْتَعْلٰى ۝٦٤ قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِمَّآ اَنْ
تُلْقِيَ وَ اِمَّآ اَنْ نَّكُوْنَ اَوَّلَ مَنْ اَلْقٰى ۝٦٥ قَالَ بَلْ اَلْقُوْا ۚ فَاِذَا حِبَالُهُمْ
وَ عِصِيُّهُمْ يُخَيَّلُ اِلَيْهِ مِنْ سِحْرِهِمْ اَنَّهَا تَسْعٰى ۝٦٦

انهيءَ زمين مان اوهان کي پيدا ڪيو ۽ وري ان طرف اوهان کي موٽائيندا سون ۽ وري ان مان ٻيهر ڪڍنداسون. (55) اسان فرعون کي پنهنجون سموريون نشانيون ڏيکاريون، مگر هو انهن کي ڪوڙو سمجهندو رهيو. (56) ۽ انڪار ڪري، چوڻ لڳو ته موسیٰ (عليه السلام) تون اسان وٽ انهيءَ لاءِ آيو آهين ته تون جادوءَ جي زور تي اسان کي اسان جي ملڪ مان ڪڍي ڇڏين. (57) اسان تنهنجي مقابلي ۾ اهڙو ئي جادو پيش ڪنداسون. ان ڪري اسان سان معاهدو ڪر هڪ مقرر وقت جو ڪنهن کلي ميدان تي، جنهن جي نه اسان مخالفت ڪريون نه اوهان ڪريو. (58) موسیٰ عليه السلام چيو ته جشن (نوروز) وارو ڏينهن مقرر آهي ته جيئن ماڻهو ڪچڙي منجهند تائين گڏ تي وڃن. (59) فرعون واندو ٿي روانو ٿيو ۽ پوري تياري ڪري واپس وريو. (60) (جادوگر آيا) موسیٰ عليه السلام کين چيو ته بدبختؤ! خدا تي ڪوڙا بهتان نه مڙهيو. هو توهان کي عذاب ڏئي هلاڪ ڪري

ڇڏيندو، جيڪو ڪوڙا بهتان مڙهي ٿو اهو نامراد رهي ٿو.(61) جنهن تي هو پاڻ ۾ صلاح مشورو (بحث مباحثو) ڪرڻ لڳا ۽ آهستي آهستي سرگوشي ڪندا رهيا. (62) چوڻ لڳا هي ٻئي جادوگر آهن. هنن جو مقصد آهي ته هو توهان کي پنهنجي جادوءَ سان توهان جي ملڪ مان ڪڍي ڇڏين ۽ توهان جي هن بهترين طرز حيات کي نابود ڪري ڇڏين. اوهان پنهنجا داءُ ۽ تدبيرون جوڙي وٺو پوءِ سمورا گڏجي هن جو مقابلو ڪيو ۽ ياد رکو ته اڄ اهو ئي ڪامياب هوندو جيڪو غلبو حاصل ڪندو.(64) جادوگرن چيو ته موسىٰ عليه السلام هاڻي تون پهريان داءُ لڳاءِ يا اسان پهريان داءُ لڳايون.(65) موسىٰ عليه السلام چيو ته اوهان ئي پهريان پنهنجو داءُ لڳايو. هنن جادو جو داءُ لڳايو ته هنن جون رسيون ۽ لٺيون ائين ڏسڻ ۾ لڳيون ته جڻ هيڏي هوڏي ڊوڙي رهيون آهن.(66)

---

هي مربوط ۽ مضبوط انتظام محض اتفاق سان خود بخود وجود ۾ نه آيو آهي. هي تمام اشياءِ عالم، جيڪي قدرت الاهي جون نشانيون آهن، اهي هڪ رحمان ۽ رحيم رب جي ربوبيت ۽ رحمت جي گواهي ڏئي رهيون آهن.

هر گیاہے کہ از زمین روید
وحدہ لا شریک لہ گوید

يعني جيڪو به سلو ڦٽي ٿو، اهو ٻڌائي ٿو ته هڪ الله آهي.

انهيءَ زمين (مٽيءَ) مان پيدا ڪيو آهي. ابوالبشر حضرت آدم عليه السلام تُراب (مٽي) مان پيدا ڪيو ويو، جنهن کان بعد توليد جي سلسلي سان ان کي جاري وساري رکيو ويو. انهيءَ مٽيءَ مان پيدائش به آهي ته انهيءَ مٽي مان غذا ۽ خوراڪ جو بندوبست آهي. دنياوي حيات جو پورو عرصو انهي مٽي تي رهي گذارڻو به آهي ۽ گذران حاصل ڪرڻو به آهي، جنهن سان انساني زندگي جي پرورش جو رشتو آهي. هڪ ڏينهن وري مري ان

مٿيءَ جي حوالي ٿيٺو آهي، جتي قبر جي انڌيري ۽ سوڙهي ڪوٺڙيءَ ۾ قيامت تائين رهڻو آهي ۽ وري انهيءَ مٽي مان ئي توهان کي اٿاريو ويندو ۽ حساب ڪتاب چڪتو ڪرڻ بعد جزا ۽ سزا جو سرٽيفڪيٽ وٺي جنت يا دوزخ داخل ٿيڻو آهي. گويا هن مٽي سان انسان جو ناتو جڙيل آهي.

حضرت موسىٰ عليه السلام نهايت وضاحت سان خدا جي ثبوت ۽ سَنَدَ سان انهن جي صداقت بيان ڪئي. احڪام فرعون آڏو پيش ڪيا ۽ فرعوون کي ٻه پتو پئجي ويو ته موسىٰ عليه السلام جي پيغام جو ڇا مطلب آهي ۽ هو ملڪ ۾ ڪهڙو انقلاب برپا ڪرڻ گهري ٿو. هو هڪ الله عزو جل کانسواءِ باقي سمورن جعلي معبودن جو انڪار ڪري ٿو. اهڙي طرح فرعون کي به خدا ڪري مڃڻ کان انڪاري آهي. حقيقت اها آهي ته اسان فرعون کي سموريون نشانيون ڏيکاريون هيون، مگر هن انهن کي ڪوڙو سڏيو ۽ انڪار ڪيو. انهن نشانين ۾ عصا، يدِ بيضا، طوفانِ جراد (مڪڙ) "قُمَّل" جونئون، "اَلضَّفَادِعُ" ڏيڏر، "اَلدَّمُ" ۽ خون وسايون (وهايو) (الاعراف: 103 کان 156 تائين) ۾ حضرت موسىٰ عليه السلام جو قصو تفصيل سان آيو آهي. الله تعالىٰ کي جيڪو منظور هيو، اهي سڀ نشانيون فرعون کي ڏيکاريون ويون، جنهن بعد ڪنهن عذر پيش ڪرڻ جي گنجائش نه هئي، سڀ نشانيون الله تعالىٰ پاران هيون، پر پوءِ به بدبخت اسلام قبول نه ڪيو ۽ ضد ۽ هٺ ۽ آڪڙ ۾ اچي انڪار ڪندو رهيو. جڏهن طاغوتي طاقتون وحي الاهي ۽ الله جي نبيءَ جو دليلن سان مقابلو نه ڪري سگهندا آهن ۽ ڪين سندس عزوجاهه، دٻدٻو ۽ غرور خاڪ ۾ ملڻ وارو هوندو آهي ۽ پنهنجي شڪست فاش کي ڏسي رهيا هوندا آهن ته پوءِ حق ۽ صداقت تي تهمتون ۽ بهتان لڳائي، ذاتي مفادن طرف منسوب ڪرڻ لڳندا آهن. فرعون به شروع ۾ موسىٰ عليه السلام کي دٻيچارڻ لڳو. وري محل ۾ پرورش پائڻ جو احسان جتائڻ لڳو، مناظرو ۽ مباحثو ڪيو، جنهن ۾ هو لاجواب ٿي چوڻ لڳو ته تون جادو گر آهين ۽ جادوءَ جي زور تي اسان جو ملڪ وٺڻ گهرين ٿو ۽ ان تي قبضو ڪري اسان کي نيڪالي ڏيڻ ۽ پنهنجي حڪومت قائم ڪرڻ گهرين ٿو. فرعون هي تهمتون ۽ بهتان زوردار طريقي سان لڳائڻ لڳو ته جيئن موسىٰ عليه السلام جي معجزن جو توڙ ظاهر ڪري ۽ پنهنجي مجلس شورىٰ جي اڪابرين ۽ پنهنجي قوم کي موسىٰ عليه السلام خلاف نفرت پکيڙي مشتعل ڪري سگهي.

هاڻي کلئي ميدان ۾ پبلڪ جي وڏي ميڙ ۾ فيصلو ٿيندو. اسان هاڻي تنهنجي جادوءَ جو جواب جادوءَ سان ڏينداسون ۽ توکي ناڪام ڪنداسون، هاڻي مناظري لاءِ هڪ ڏينهن مقرر ٿئي، جنهن جي پابندي ٻنهي ڌرين لاءِ لازم هوندي. ان معاهدي جي پجڪڙي جو ڌرين مان ڪنهن کي به اختيار نه آهي. مقابلو برابريءَ جي بنياد تي هوندو. فرعون کي پنهنجي جادوگرن تي ناز هيو، پر هو هن حقيقت کان آگاهه نه هيو ته جادو ۽ جادوگر وحي الاهي جي معجزن جو مقابلو ڪري نٿا سگهن ۽ نه وري فرعون جهڙو جابر بادشاهه پاڻ کي خدا سڏائي، حقيقي الله جو مقابلو ڪري سگهي ٿو. "يَوْمُ الزِّيْنَةِ" يعني هن ڏينهن تي ماڻهو سنا سنا ڪپڙائي پائي سينگارجي ايندا هئا، جيئن عيد تي هوندو آهي. هي به جشن نوروز هيو يا فرعون جي خوشين وارو ڏينهن سالگرهه هيو. بهر ڪيف وقت، تاريخ ۽ جڳهه جو تعين ٿي ويو. ماڻهو هي منظر ڏسڻ لاءِ ڪچڙي منجهند يعني منجهند کان اڳ گڏ ٿي ويا، ڪين ڊپ هيو ته جيڪڏهن موسىٰ عليه السلام جي طرفداري ڪن ٿا ته پوءِ فرعون طرفان ڪين ملڪ نيڪالي ملي سگهي ٿي. فرعون هن چئلينج جو مقابلو ڪرڻ لاءِ ملڪ جي ماهر جادوگرن جون خدمتون حاصل ڪري ورتيون ۽ هر طرح جو يقين ڪري ورتو ته هو موسىٰ عليه السلام کي شڪست ڏيندو. ان ڪري ملڪ جا ماهر جادوگر وني مقابلي لاءِ اچي ويو. موسىٰ عليه السلام کي يقين ڪامل هيو ته جادوگرن تي غالب اچي ويندو ۽ جشن واري ڏينهن عوام ۽ خواص فرعون جي شڪست ڏسي، ان کي پنهنجو خدا سمجهڻ کان انڪار ڪندا. فرعون جو خيال هيو ته جادوگر ضرور ڪامياب ٿيندا ۽ موسىٰ عليه السلام جو ڪنڪو به ختم ٿي ويندو ۽ مان سڪون و قرار سان رهندس.

مقابلي جي ميدان ۾ سڀ ماڻهو گڏ ٿي ويا. فرعون پنهنجي سلطنت واري تخت تي برجمان هيو. امراء، وزراء، رؤساء سڀ پنهنجن پنهنجن ڪرسين تي وينل هئا. عوام جو وڏو انگ مقابلي جو انتظار ڪري رهيو هيو، جادوگرن جي جماعت به فرعون آڏو حاضر هئي. فرعون ڪين ڪاميابيءَ تي مالا مال ڪرڻ جو دلاسو ڏنو هيو ۽ هن وڌ مان وڌ زوردار جادو ڪرڻ لاءِ چيو. ٻئي طرف حضرت موسىٰ عليه السلام پنهنجي ڀاءُ حضرت هارون عليه السلام سان گڏ مقابلي لاءِ موجود هيو. ڪيس الله تي ڪامل يقين ۽ ڀروسو هو، سو موسىٰ عليه السلام فرعون ۽ سندس اميرن ۽ عوام ۽ جادوگرن کي مخاطب ٿيندي چيو ته افسوس آهي توهان

جي حال تي جو چٽي حق ۽ سچ جي بدلي باطل ۽ ڪوڙ تي قائم آهيو. ڏسو پنهنجو پاڻ کي پاڻ هلاڪت حوالي نہ ڪريو. توهان اسان کي جادوگر چئي الله تي ڪوڙا بهتان نہ هڻو. خدا تعالىٰ جي آيتن ۽ نبيءَ جي معجزن کي جادو سڏڻ گويا الله جي پاڪ ذات کي تسليم نہ ڪرڻ ۽ ان تي ڪوڙ جو الزام لڳائڻ برابر آهي. اوهان جي هن روش تي ڪا آسماني آفت اوهان کي تهس نهس نہ ڪري ڇڏي، چو تہ جيڪو بہ حق جو ڪلم ڪلا مخالفت ڪندو، اهو نامراد ٿي رهندو. موسىٰ عليه السلام پنهنجي تبليغ جو حق ادا ڪيو ۽ ڪين چيو تہ جو ڪجهہ مان چوان ٿو اهو جادو ناهي پر الله طرفان معجزو آهي. تمام حاضرين کي حق ۽ هدايت جي پيغام کان آگاهہ ڪيو. ماڻهو موسىٰ عليه السلام جي هن دليرانا بي باڪ تقرير کي ٻڌي پاڻ ۾ سرگوشيون ڪرڻ لڳا ۽ اشارن اشارن ۾ هڪ ٻئي کي حيرت انگيز ڪري رهيا هئا. خدا جي نبيءَ جي هن پرسوز ۽ پر تاثير دعوت جادوگرن جي ذهن اندر بہ هلچل مچائي ڇڏي ۽ چوڻ لڳا تہ موسىٰ عليه السلام جون هي ڳالهيون جادوگر واريون نٿيون لڳن، پر حقيقت کي ڏسڻ ۽ پروڙڻ لاءِ هدايت جو آئينو لڳن ٿيون، جنهن ۾ حق ۽ سچائي نمايان آهي ۽ باطل ۽ ڪوڙ جو ڪو وجود ناهي. جڏهن فرعون ۽ ان جي درٻارين ڏٺو تہ موسىٰ عليه السلام جي نصيحت عوام جي ذهن ۾ سوچ ۽ فڪر جي هلچل مچائي ڇڏي آهي تہ يڪدم فرعون ۽ درٻارين عوام کي خطاب ڪندي چيو تہ هي ٻئي بنا شڪ وڏا جادوگر آهن. هي گهرن ٿا تہ پنهنجي جادوءَ جي زور تي توهان کي توهان جي ملڪ مان ڪڍي پنهنجو قبضو قائم ڪري پنهنجا طور طريقا ۽ نظام رائج ڪري اوهان کي توهان جي عمده عقيدي کان ٿيڙي پنهنجي عقيدي تي آڻين. ان ڪري اوهان هن نازڪ معاملي تي غور ڪريو، ان جي اهميت کي سمجهو ۽ سستي يا غفلت ڪري وقت هٿان وڃڻ نہ ڏيو. ان ڪري پوري قوت ۽ همت سان گڏجي سمورا هم آواز ٿي، هنن جادوگرن کي ناڪام بڻايو. سمورا هم قدم ۽ هم عزم ٿي اهڙو زوردار حملو ڪريو، جو هنن جا حوصلا خطا ٿي وڃن ۽ پير اکڙي وڃن ۽ منصوبا ناڪام ٿي وڃن. اڄ جو هي معرڪو فيصلا ڪن ثابت ٿيندو. اڄ جي ڪاميابي دائمي ڪاميابي جو پيش خيمہ هوندي. گفت وشنيد ڇڏي، ڀرپور عملي مظاهرو ڪيو. فرعون حضرت موسىٰ عليه السلام کي چيو تہ مقابلي جي ابتدا توکان ٿيندي يا اسان کان؟ موسىٰ عليه السلام جڏهن ڏٺو تہ هو هدايت قبول ڪرڻ بدران مقابلي لاءِ تيار آهن تہ هن نهايت اطمينان ۽ بي پرواهي

جي انداز ۾ چيو تہ ڀلي پهريان اوهان پنهنجو فن ڏيکاريو، جنهن تي فرعون جي جادوگرن پنهنجون رسيون ۽ لٺيون زمين تي اڇلايون، جيڪي نانگ ۽ اژدها جي شڪل ۾ هيڏي هوڏي ڊوڙڻ لڳيون.

فَاَوْجَسَ فِیْ نَفْسِهٖ خِیْفَةً مُّوْسٰى ﴿۶۷﴾ قُلْنَا لَا تَخَفْ اِنَّكَ اَنْتَ الْاَعْلٰى ﴿۶۸﴾
وَ اَلْقِ مَا فِیْ یَمِیْنِكَ تَلْقَفْ مَا صَنَعُوْا ؕ اِنَّمَا صَنَعُوْا كَیْدُ سٰحِرٍ ؕ وَ لَا
یُفْلِحُ السَّاحِرُ حَیْثُ اَتٰى ﴿۶۹﴾ فَاُلْقِیَ السَّحَرَةُ سُجَّدًا قَالُوْۤا اٰمَنَّا بِرَبِّ هٰرُوْنَ
وَ مُوْسٰى ﴿۷۰﴾ قَالَ اٰمَنْتُمْ لَهٗ قَبْلَ اَنْ اٰذَنَ لَكُمْ ؕ اِنَّهٗ لَكَبِیْرُكُمُ الَّذِیْ
عَلَّمَكُمُ السِّحْرَ ۚ فَلَاُقَطِّعَنَّ اَیْدِیَكُمْ وَ اَرْجُلَكُمْ مِّنْ خِلَافٍ وَّ
لَاُصَلِّبَنَّكُمْ فِیْ جُذُوْعِ النَّخْلِ ٘ وَ لَتَعْلَمُنَّ اَیُّنَاۤ اَشَدُّ عَذَابًا وَّ اَبْقٰى ﴿۷۱﴾
قَالُوْا لَنْ نُّؤْثِرَكَ عَلٰى مَا جَآءَنَا مِنَ الْبَیِّنٰتِ وَ الَّذِیْ فَطَرَنَا فَاقْضِ مَاۤ
اَنْتَ قَاضٍ ؕ اِنَّمَا تَقْضِیْ هٰذِهِ الْحَیٰوةَ الدُّنْیَا ﴿۷۲﴾ؕ اِنَّاۤ اٰمَنَّا بِرَبِّنَا لِیَغْفِرَ
لَنَا خَطٰیٰنَا وَ مَاۤ اَكْرَهْتَنَا عَلَیْهِ مِنَ السِّحْرِ ؕ وَ اللّٰهُ خَیْرٌ وَّ اَبْقٰى ﴿۷۳﴾ اِنَّهٗ الثلاثة
مَنْ یَّاْتِ رَبَّهٗ مُجْرِمًا فَاِنَّ لَهٗ جَهَنَّمَ ؕ لَا یَمُوْتُ فِیْهَا وَ لَا یَحْیٰى ﴿۷۴﴾
وَ مَنْ یَّاْتِهٖ مُؤْمِنًا قَدْ عَمِلَ الصّٰلِحٰتِ فَاُولٰٓىِٕكَ لَهُمُ الدَّرَجٰتُ الْعُلٰى ﴿۷۵﴾ۙ
جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِیْنَ فِیْهَا ؕ وَ ذٰلِكَ جَزٰٓؤُا
مَنْ تَزَكّٰى ﴿۷۶﴾ ع ٣ ٢٢ ١١

ان وقت موسىٰ ﷺ پنهنجي اندر خوف محسوس ڪيو. (67) اسان چيو تہ
خوف نہ ڪر، يقينًا تون ئي غالب هوندين. (68) هاڻي ان لٺ کي جيڪا
تنهنجي سڄي هٿ ۾ آهي، هيٺ اڇلاءِ، هي انهن سمورين شين کي ڳڙڪائي
ويندي، جيڪي هنن ٺاهه ٺاهيو آهي، جيڪو جادوگر جو هڪ فريب آهي،
جادوگر جتان بہ هجن فلاح نہ پائيندا. (69) (نيٺ ائين ٿيو) جادوگر سجده ريز
ٿي ويا ۽ چوڻ لڳا تہ اسان موسىٰ ۽ هارون ﷺ جي پروردگار تي ايمان آندو.
(70) فرعون ڪين (جادوگرن کي) چيو تہ منهنجي اجازت کان اڳيئي توهان
ايمان آڻي وينا، بيشڪ هي (موسىٰ ﷺ) توهان جو بزرگ آهي، جنهن اوهان
کي جادو سيکاريو آهي، سو هاڻي مان اوهان جا هٿ پير (هڪبئي جي ابتڙ
يعني سڄو هٿ تہ کٻو پير، جي سڄو پير تہ کٻو هٿ) ڪٽرائي ڇڏيندس ۽
کجيءَ جي ٿڙن تي چاڙهي ڦاسي ڏيندس، ان وقت اوهان کي معلوم ٿي ويندو
تہ ڪنهن جو عذاب زياده سخت ۽ وڌيڪ جٽادار آهي.(71) هنن چيو تہ اسان
هاڻي توکي هرگز ترجيح ڏئي نٿا سگهون. انهن واضح دليلن تي جيڪي اسان
کي مليا آهن ۽ ان پاڪ ذات تي جنهن اسان کي پيدا ڪيو آهي، سو توکي
جيڪي وڻئي سو ڪر. تون رڳو هن دنياوي زندگي جو فيصلو ڪري سگهين
ٿو.(72) اسان پنهنجي رب تي ايمان آڻي چڪا آهيون تہ جيئن هو اسان جون
خطائون بخش ڪري ۽ ان جادوءَ جون جن تي تو اسان کي مجبور ڪيو. الله ئي
بهتر آهي ۽ سڀ کان وڌيڪ رهڻ وارو آهي. (73) يقينًا جو الله آڏو حاضر ٿيندو
مجرم جي حيثيت ۾ تہ ان لاءِ جهنم آهي، اتي هو نہ مرندو نہ زنده رهندو.(74)
پر جيڪو مؤمن جي حيثيت ۾ حاضر ٿيندو ۽ هن چڱا ڪم بہ ڪيا هوندا تہ
اهڙن نيڪوڪارن لاءِ اعلىٰ درجا آهن.(75) رهڻ لاءِ اهڙا سدا بهار باغ آهن، جن
جي دامن ۾ نهرون وهندڙ آهن ۽ انهن (باغن) ۾ هميشہ سڪونت پذير رهندا ۽

**اهو ئي بدلو آهي، ان عمل جو جنهن سان هنن پاڻ کي پاڪ صاف رکيو ۽ نيڪي ۾ وڌندا رهيا.(76)**

حضرت موسىٰ عليه السلام جادوءَ جو اهڙو منظر ڏسي ڪجهه خوف محسوس ڪرڻ لڳو. هت لفظ آهن ته ”فَاَوۡجَسَ فِیۡ نَفۡسِهٖ خِیۡفَةً مُّوۡسٰی“ سو موسىٰ عليه السلام کي ڪجهه خوف محسوس ٿيو. هي ڊڄڻ ۽ مرعوب ٿيڻ وارو خوف نه هيو، پر انديشو هيو ته شايد عوام يعني عام ماڻهو اهڙو جادو ڏسي، جادو ۽ معجزي ۾ فرق نه ڪري سگهن ۽ گمراهه ٿي وڃن. ورنه موسىٰ عليه السلام کي يقين هيو ته الله سندس معجزن کي سوڀارو ڪندو، پر عوام جي دل معجزو ۽ جادو ۾ ڪيترو فرق ڪندي، اهو انديشو لاحق هيو. جڏهن جادوگرن جي جادوءَ سان رسيون ۽ لٺيون نانگ ۽ ازدها ٿي گهمڻ ڦرڻ لڳيون ته موسىٰ عليه السلام جي دل ۾ انديشو لاحق ٿيو ته ماڻهو متان ڌوکو کائين منهنجي طرفان پيش ڪيل معجزي تي هن وقتي جادو کي ترجيح ڏين ۽ حق پوري طرح واضح نه ٿي سگهي. تماشائي خوشي مان تاڙيون وڄائين ته اسان جي جيت ٿي وئي ۽ موسىٰ عليه السلام کي شڪست ملي ته پوءِ جنهن عظيم فريضي جي ادائگيءَ لاءِ منهنجي رب منهنجو انتخاب ڪيو آهي ۽ منهنجي سپرد ڪيو آهي ان جو ڇا ٿيندو. موسىٰ عليه السلام کي اهو معلوم نه هيو ته جيڪو عصا جو معجزو مون وٽ آهي، ان جهڙو جادوءَ جو ڪيل جادوگر به پيش ڪندا. موسىٰ عليه السلام انهيءَ ڪشمڪش يا سوچ ۾ هيو ته انهيءَ وقت ئي وحيءَ جو نزول ٿيو ته دل ۾ خواهه مخواهه خدشو نه آڻ، ڪنهن جي به پرواهه نه ڪر، فتح حق جي ٿيندي ۽ توکي ڪاميابي نصيب ٿيندي. اسان جو وعدو آهي ته تون ئي غالب ٿيندين. پنهنجي سڄي هٿ ۾ موجود لٺ کي زمين تي اڇلاءِ. هن جادوگرن جيڪو ڪيل ڪيڏيو آهي، هي عصا انهن سمورن تماشن کي ڳهي ويندي. موسىٰ عليه السلام حڪم جي تعميل ڪئي ته اها لٺ هڪ زبردست بي مثال ازدها بڻجي پئي، جنهن ٿورڙي وقت ۾ جادوگرن جي جادوءَ جا سمورا ڪرتب هڙپ ڪري ڇڏيا ۽ ميدان خالي ٿي ويو. هاڻي سيني تي حق ظاهر ٿي ويو، حق و باطل ۽ جادو ۽ معجزي ۾ تميز ٿي وئي. جادوگر پنهنجي جادوءَ ۾ ناڪام ويا، جادوگر جيڪي پنهنجي فن جي ڪمال مهارت رکندا هئا ۽ جادوءَ جي هر طور طريقي کان بخوبي واقف هئا، هو پنهنجي جادو ۽ موسىٰ

ﷺ جي معجزي ۾ فرق کان پوري طرح آگاهه هئا. هنن کي يقين ڪامل هيو تہ موسیٰ ﷺ جو مظاهرو جادو ناهي. هي انساني استطاعت ۽ طاقت کان ٻاهر آهي، ڪو بہ جادوگر هن جو مقابلو ڪري نٿو سگهي. سو جادوگر ان مقابلي واري ميدان ۾ ئي پوري عوام امراءِ ۽ فرعون جي موجودگيءَ ۾ سجده ريز ٿي ويا ۽ اقرار ڪرڻ لڳا تہ اسان موسیٰ ۽ هارون ﷺ جي رب تي ايمان آڻيون ٿا. جادوگرن کي پنهنجي هنر يعني جادوگري هجڻ جو يقين هو ۽ موسیٰ ﷺ جي معجزن ۾ وحي الاهي جي جهلڪ هئي. سو جادوگر تہ ايمان آڻڻ لاءِ قائل ٿي ويا، پر فرعون جنهن هي سارو ناٽڪ رچايو هو، عبرت حاصل ڪرڻ ۽ ايمان آڻڻ کان تہ محروم رهيو، پر رهندو ئي وڌيڪ ظلم ۽ زيادتي جو نشان بڻجي ويو. چوڻ لڳو تہ مان توهان کي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان گڏ ڪري موسیٰ ﷺ جي مقابلي لاءِ آندو آهي ۽ توهان يڪدم هار مڃي وينا ۽ منهنجي اجازت کانسواءِ هيڏي وڏي ميڙ ۾ کلم کلا موسیٰ ﷺ جي دين جي تصديق ڪري وينا. محسوس ٿئي ٿو تہ موسیٰ ﷺ اوهان جو بزرگ، جادوگر ۽ استاد آهي، جنهن اوهان کي بہ جادو سيکاريو آهي. سورة الاعراف: 123/7 ۾ آهي: "اِنَّ هٰذَا لَمَكْرٌ مَّكَرْتُمُوْهُ فِي الْمَدِيْنَةِ لِتُخْرِجُوْا مِنْهَآ اَهْلَهَا" هيءَ هڪ سازش آهي، جيڪا توهان گڏجي شهر جي گادي واري هنڌ ۾ ڪئي آهي تہ جيئن اوهان هتان جي ماڻهن کي ملڪ نيڪالي ڏئي ڪڍي ڇڏيو. اوهان جو گڏيل منصوبو آهي تہ موسیٰ ﷺ کي غالب ڪري، منهنجي سلطنت يا خدائي جو ان کي مالڪ بڻايوءِ پوءِ اسان جي دين طور طريقي ريتن رسمن ۽ طرز حڪمراني کي بدلي پنهنجي حڪومت قائم ڪريو. آءٌ اوهان جي هن سازش کي سمجهي ويو آهيان، مان توهان جا هڪٻئي جي ابتڙ وارا هٿ پير ڪٽرائيندس ۽ کجيءَ جي ٿڙن تي اوهان کي ٽنگيندس ۽ هر قسم جو عذاب ڏئي پڇندس تہ ڪير سخت ۽ جٽادار عذاب ڏيڻ وارو آهي. هي اوهان جو ننڍڙو ڏوهہ ناهي، هي رياست خلاف بغاوت ۽ منهنجي حڪومت خلاف سازش آهي. عوام آڏو توهان جا هٿ پير (ابتڙ ۾) ڪاٽي سوريءَ تي لٽڪائيندس تہ جيئن باقي عوام اوهان جي هن حرڪت کان عبرت حاصل ڪري، دين موسوي جو انڪار ڪن ۽ منهنجي خدائيءَ جو اقرار جاري رکن. يقينًا اوهان جو اهڙو تہ عبرتناڪ انجام ڪندس، جو ان جهڙو سخت ۽ جٽاءُ ڪرڻ وارو عذاب نہ ڪنهن ڏنو هوندو ۽ نہ وري ٻڌو هوندو.

فرعون جادوگرن تي پنهنجو دٻاءُ جاري رکيو. هر طرح سان کين ڊيڄارڻ جي خوف ۾ مبتلا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جادوگر جيڪي الله جي معجزن جي حقيقت کان شرف قبوليت حاصل ڪري چڪا هئا. انهن صاف صاف چئي ڏنو ته اهڙن چٽن معجزن ۽ روشن دليلن ڪي تنهنجي مڪر ۽ فريب عوض ڇڏي نٿا سگهون. خالق حقيقيءَ جي خوشنودگيءَ جي مقابلي ۾ تنهنجي ڪنهن به حڪم جي پرواهه نٿا ڪريون. هاڻي تون جيڪو ڪجهه ڪري سگهين، پلي اسان خلاف ڪر. حق ۽ سچائيءَ جي مقابلي ۾ تنهنجي پيروي ممڪن ناهي. اسان ڪي هن دنياوي رنج ۽ تڪليف جو ڪو به فڪر ناهي. اسان گهرون ٿا ته اسان جو رب اسان تي راضي ٿئي، جنهن تي اسان سچي دل سان ايمان آندو آهي، جيڪو اسان جو مالڪ آهي، اهو راضي ٿي پوي ۽ اسان جا گناهه خاص ڪري جيڪي تنهنجي جادوءَ جي ڪري ڪرڻا پيا آهن، الله انهن کان آجو ڪري ۽ عاقبت بالخير ڪري، جيڪي انعام ۽ اڪرام تون اسان کي ڏيڻ ٿو گهرين، ان کان ڪيترا پيرا بهتر ۽ پائدار اجر ۽ انعام مؤمنن کي الله تبارڪ و تعالىٰ وٽان ملڻا آهن. تنهنجي ڪا به شيءِ الله جي عطا ۽ بخشش برابر ٿي نٿي سگهي. پوءِ ڪيئن اسان توکي خدا جي مقابلي ۾ ترجيح ڏئي سگهنداسون. هن ۾ ذرا پر شڪ ناهي ته تنهنجي انعام و اڪرام کي حق تعالىٰ جي نعمتن ۽ نوازشن سان ڪا به نسبت ناهي ۽ نه وري تنهنجي خدائي دعوىٰ حقيقي الله جي برابر آهي. جيڪو ماڻهو حق ۽ هدايت اچڻ کانپوءِ الله جي حضور ۾ هڪ مجرم ٿي پيش ٿيندو ته ان لاءِ دوزخ ٺڪاڻو آهي، جنهن عذاب ۾ هو هميشه رهندو نه ڪي مرندو نه ڪي جيئندو. بس عذابن ۾ پاسا بدليندو رهندو، اهو نه صفا مري ويندو ۽ نه وري صفا زنده هوندو. هو انهيءَ ڪشمڪش ۾ هميشه لاءِ جلندا رهندا. پر جن ماڻهن فرعوني نظام کي نوڪر هٽي انساني بهبود، فلاح ۽ خير سگاليءَ جو ڪم ڪيو هوندو ۽ هو هڪ سچي متقي مومن جي صورت ۽ سيرت ۾ نيڪ عمل سان گڏ الله جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيندو، ان کي وڏي شان ۽ مان وارن بلند و بالا درجات ۾ رکيو ويندو. اهڙن سدا بهار باغن ۾ پرمسرت زندگي گذاريندا، جن باغن کي سرسبز ۽ تازه توانا رکڻ لاءِ سندن دامن ۾ نهرون جاري هونديون. خدا جا اهي انعام اڪرام انهن عظيم شخصيتن لاءِ آهن، جن جي زندگي پاڪيزگيءَ سان گذري ۽ نيڪ اعمال جي ڪري وڌيڪ نشو نما حاصل ڪندي رهي.

وَ لَقَدْ اَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰۤى ۙ۬ اَنْ اَسْرِ بِعِبَادِىْ فَاضْرِبْ لَهُمْ طَرِيْقًا
فِى الْبَحْرِ يَبَسًا ۙ لَّا تَخٰفُ دَرَكًا وَّ لَا تَخْشٰى ۝٧٧ فَاَتْبَعَهُمْ فِرْعَوْنُ
بِجُنُوْدِهٖ فَغَشِيَهُمْ مِّنَ الْيَمِّ مَا غَشِيَهُمْ ۝٧٨ؕ وَ اَضَلَّ فِرْعَوْنُ قَوْمَهٗ وَ مَا
هَدٰى ۝٧٩ يٰبَنِىْۤ اِسْرَآءِيْلَ قَدْ اَنْجَيْنٰكُمْ مِّنْ عَدُوِّكُمْ وَ وٰعَدْنٰكُمْ
جَانِبَ الطُّوْرِ الْاَيْمَنَ وَ نَزَّلْنَا عَلَيْكُمُ الْمَنَّ وَ السَّلْوٰى ۝٨٠ كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ
مَا رَزَقْنٰكُمْ وَ لَا تَطْغَوْا فِيْهِ فَيَحِلَّ عَلَيْكُمْ غَضَبِىْ ۚ وَ مَنْ يَّحْلِلْ عَلَيْهِ
غَضَبِىْ فَقَدْ هَوٰى ۝٨١ وَ اِنِّىْ لَغَفَّارٌ لِّمَنْ تَابَ وَ اٰمَنَ وَ عَمِلَ صَالِحًا ثُمَّ
اهْتَدٰى ۝٨٢ وَ مَاۤ اَعْجَلَكَ عَنْ قَوْمِكَ يٰمُوْسٰى ۝٨٣ قَالَ هُمْ اُولَآءِ عَلٰۤى
اَثَرِىْ وَ عَجِلْتُ اِلَيْكَ رَبِّ لِتَرْضٰى ۝٨٤ قَالَ فَاِنَّا قَدْ فَتَنَّا قَوْمَكَ مِنْۢ
بَعْدِكَ وَ اَضَلَّهُمُ السَّامِرِىُّ ۝٨٥ فَرَجَعَ مُوْسٰۤى اِلٰى قَوْمِهٖ غَضْبَانَ
اَسِفًا ۚ۬ قَالَ يٰقَوْمِ اَلَمْ يَعِدْكُمْ رَبُّكُمْ وَعْدًا حَسَنًا ۬ؕ اَفَطَالَ عَلَيْكُمُ
الْعَهْدُ اَمْ اَرَدْتُّمْ اَنْ يَّحِلَّ عَلَيْكُمْ غَضَبٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاَخْلَفْتُمْ
مَّوْعِدِىْ ۝٨٦ قَالُوْا مَاۤ اَخْلَفْنَا مَوْعِدَكَ بِمَلْكِنَا وَ لٰكِنَّا حُمِّلْنَاۤ اَوْزَارًا
مِّنْ زِيْنَةِ الْقَوْمِ فَقَذَفْنٰهَا فَكَذٰلِكَ اَلْقَى السَّامِرِىُّ ۝٨٧ۙ فَاَخْرَجَ
لَهُمْ عِجْلًا جَسَدًا لَّهٗ خُوَارٌ فَقَالُوْا هٰذَاۤ اِلٰهُكُمْ وَ اِلٰهُ مُوْسٰى ۬ فَنَسِىَ ۝٨٨ؕ
اَفَلَا يَرَوْنَ اَلَّا يَرْجِعُ اِلَيْهِمْ قَوْلًا ۙ۬ وَّ لَا يَمْلِكُ لَهُمْ ضَرًّا وَّ لَا نَفْعًا ۝٨٩ ع ٤ ١٣

۽ اسان موسىٰ عليه السلام کي وحي ڪئي هئي تہ منهنجي ٻانهن کي پاڻ سان وٺي
راتورات (شهر مان) نڪري وڃو ۽ هنن لاءِ سمنڊ ۾ هڪ خشڪ رستو ٺاهي
وٺو، نہ پڪڙجڻ جو خطرو هجي ۽ نہ (ٻڏڻ يا ٻيو) ڪوئي انديشو هجي. (77)
فرعون پنهنجي لشڪر سان سندن تعاقب ڪيو تہ پاڻيءَ جي ريلي (وهڪري)
هنن (فرعونين) کي گهيري ورتو ۽ غرق آب ڪيو. (78) ۽ فرعون پنهنجي
قوم کي گمراهہ ڪيو ۽ هنن جي (صحيح) رهنمائي نہ ڪئي. (79) اي بني
اسرائيل! پوءِ اسان اوهان کي دشمنن کان نجات ڏياري ۽ پوءِ طور جبل جي
ساڄي پاسي گهرايو (موسىٰ عليه السلام تي اها وحي ڪئي) جنهن ۾ اوهان جي
ڪاميابين جا وعدا هئا ۽ صحرا ۾ اوهان جي غذا لاءِ مَنّ ۽ سلوىٰ نازل ڪيا.
(80) اهي پاڪيزه شيون جيڪي اسان اوهان لاءِ نازل ڪيون آهن، ڪائو پيئو، پر
زيادتي نہ ڪيو، ورنہ توهان تي منهنجو غضب نازل ٿيندو ۽ جنهن تي منهنجو
عذاب نازل ٿيو تہ اهو ذلت ۽ خواريءَ جي پستين ۾ هليو ويندو. (81) ۽ مان تہ
نهايت ئي معاف ڪرڻ وارو آهيان، هر ان شخص لاءِ جيڪو توبه ڪرڻ وارو
آهي، جنهن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا ۽ بعد ۾ سڌي رستي تي هلندو رهيو
(82) ۽ اي موسىٰ عليه السلام! توکي ڪهڙي شيءِ قوم کي ڇڏي جلدي ۾ هتي اچڻ
تي راضي ڪيو. (83) موسىٰ عليه السلام چيو تہ بس هو منهنجي پٺيان اچي رهيا آهن
۽ مون تو ڏانهن اچڻ ۾ انهيءَ ڪري تڪڙ ڪئي تہ تون راضي ٿي وڃين.(84)
الله تعالىٰ فرمايو تہ اسان تنهنجي (وڃڻ) بعد تنهنجي قوم کي فتني حوالي
ڪيو آهي ۽ سامريءَ هنن کي گمراهہ ڪري ڇڏيو آهي (85) تہ پوءِ موسىٰ عليه السلام
نهايت رنجيده ۽ ڪاوڙ ۾ پنهنجي قوم ڏانهن واپس وريو ۽ ڪين چوڻ لڳو تہ
منهنجي قوم وارا ماڻهو! ڇا اوهان سان پروردگار تمام سٺو وعدو نہ ڪيو هيو،
ڇا اهو (وعدو) ڊگهو ٿي ويو هيو، يا توهان پاڻ گهريو تہ توهان تي اوهان جي رب

جو غضب نازل ٿئي، ان ڪري توهان منهنجي وعدي جي خلاف ورزي ڪئي. (86) هنن چيو تہ اسان اها وعده خلافي پنهنجي اختيار سان نہ ڪئي آهي، پر اصل حقيقت اها آهي تہ اسان ڪان ماڻهن جي زيورات جو بار ڪنيو نئي ٿيو. ان ڪري اسان ان بات ڪان پاڻ ڪي آجو ڪيو ۽ پوءِ سامري (ان زيورات مان) هي هنو ناهيو. (87) سامريءَ انهن (زيورن) مان هڪ گابي جو بوتو ناهيو، جنهن مان هي آواز نڪرندو هيو، جنهن لاءِ هنن چيو تہ هي توهان جو پروردگار آهي ۽ موسىٰ ﷺ جو بہ پروردگار آهي، مگر هو (موسىٰ ﷺ) ان ڪي وساري چڪو آهي. (88) پر (افسوس جو) اهو بہ نٿا ڏسن تہ نہ هو هنن جي ڪنهن ڳالهہ جو جواب ڏئي سگهي ٿو ۽ نہ ڪين ڪو نفعو نقصان پهچائي سگهي ٿو.(89)

---

موسىٰ ﷺ پنهنجي تبليغ ڪي جاري رکيو. بني اسرائيل جي تعليم ۽ تربيت جو حق ادا ڪندو رهيو ۽ آخرڪار اهو وقت اچي ويو، جڏهن اسان موسىٰ ﷺ ڏانهن وحي ڪئي تہ منهنجن ٻانهن ڪي ساڻ ڪري راتورات مصر مان ٻاهر هليو وڃ ۽ سمنڊ مان هنن جي نڪرڻ لاءِ خشڪيءَ جو رستو ڳولي ڪڍ. توکي نہ فرعوني ٽولي جي تعاقب ڪرڻ جو خوف هوندو ۽ نہ وري غرق آب ٿيڻ جو ڊپ هوندو. هت حضرت موسىٰ ﷺ جي عصا جو ذڪر بہ آهي تہ جنهن جي ضرب سان "اَلْبَحْرُ" يعني سمنڊ جي خاص جڳهہ تان رستو نڪري آيو. "فَاَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى اَنِ اضْرِبْ بِّعَصَاكَ الْبَحْرَ ؕ فَانْفَلَقَ فَكَانَ كُلُّ فِرْقٍ كَالطَّوْدِ الْعَظِيْمِ۝" (الشعراء: 63/26) هي تڏهن وقوع پذير ٿيو، جڏهن بارگاهہ الاهي ۾ فرعون جي ظلمن ۽ زيادتين جي موٽ ۾ ڪين غرق ڪرڻ جو فيصلو ٿيو ۽ بني اسرائيل ڪي سندس ظلم ڪان نجات ڏيڻ جو وقت آيو تہ ان وقت حضرت موسىٰ ﷺ ڪي بذريعہ وحي مطلع ڪيو ويو تہ هاڻي حڪمِ ايزديءَ سان بني اسرائيل ڪي ساڻ ڪري، مصر ڪي ڇڏي وڃ ۽ سمنڊ عبور ڪري، صحراءِ سينا جي ڪليل ميدانن طرف هليو وڃ. موسىٰ ﷺ "اَلْبَحْرُ" يعني خاص سمنڊ جي حصي تي عصا جي چوٽ هنئي تہ درياءَ (سمنڊ) مان خشڪ رستو نڪري آيو ۽ رستي جي ٻنهي طرف پاڻي ٿي پيو. (الدخان: 24/44) موسىٰ ﷺ بني اسرائيل جي (ڇهہ

لک) ماڻهن سان سمنڊ کي امن و سلامتي سان پار ڪري ويو. انهيءَ ساڳي هنڌ تان فرعون وارن سنڌن تعاقب ڪيو ۽ سمنڊ ۾ ڪڏي پيا، جنهن تي سمنڊ جي موجن کين گهيري ورتو ۽ ٻنهي طرفن کان وڏين وڏين موجن پاڻي ۾ ملي، کين غرق آب ڪري ڇڏيو. خدا جي قدرت ۽ حڪمت سان سمنڊ جو پاڻي جيڪو موسىٰ عليه السلام لاءِ "لَا تَخٰفُ دَرَكًا وَّ لَا تَخْشٰى" هيو، اهو فرعون لاءِ "فَغَشِيَهُمْ مِّنَ الْيَمِّ مَا غَشِيَهُمْ" تي ويو. الله اهڙي طرح پنهنجن ڪارڪنن ٻانهن جي حمايت ۽ دشمنن جي تباهي جو اهتمام ڪندو آهي. اهڙي طرح فرعون پنهنجي لشڪر سميت غرق آب تي ويو ۽ پنهنجي قوم جي رهنمائي هن صحيح طريقي سان نہ ڪئي ، حالانڪ هن کان اڳ موسىٰ عليه السلام ڪاميابي جي رهنمائي پيش ڪئي هئي، پر اهڙي نيڪ نيتي ۽ خير خواهي واري نصيحت کي هن قبول نہ ڪيو هو. فرعون پاڻ تہ گمراهہ هيو، پر هن پنهنجي قوم کي بہ گمراهہ ڪري ڇڏيو هيو. "وَمَا هَدٰى" ۽ سڌو رستو نہ ڏيکاريو هو. هو پاڻ کي سورج ديوتا جو خاص معتقد سمجهي، پاڻ کي خدا جو درجو ڏيندو هيو. دين موسوي جو مذاق ڪندو هيو ۽ ماڻهن کي چوندو هيو "مَآ اَهْدِيْكُمْ اِلَّا سَبِيْلَ الرَّشَادِ" مان ئي اوهان کي سڌو رستو ٻڌايان ٿو. مگر هن صراط مستقيم جو ڇئي گمراهي ۽ ضلالت جي رستي ونئي ويو. فرعون جي هن ڪوڙي دعوىٰ جو انڪار ڪيو ويو ۽ ثابت ڪيو تہ فرعون غلط رستو اختيار ڪري پاڻ سموري لشڪر سميت پڻڪي ۽ گمراهہ تي، غرق آب تي ويو. سوره يونس: 90/10 ۾ آهي: "حَتّٰٓى اِذَآ اَدْرَكَهُ الْغَرَقُ ۙ قَالَ اٰمَنْتُ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا الَّذِيْٓ اٰمَنَتْ بِهٖ بَنُوْٓا اِسْرَآءِيْلَ وَاَنَا مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ۝" جڏهن هو ٻڏڻ لڳو تہ پوءِ چيائين تہ مون الله تي ايمان آندو آهي، اهو الله، جيڪو بني اسرائيل جو معبود آهي. مان بہ مسلمانن مان آهيان. پر کيس جواب ۾ چيو ويو: "آٰلْـٰٔنَ وَقَدْ عَصَيْتَ قَبْلُ وَكُنْتَ مِنَ الْمُفْسِدِيْنَ ۝ فَالْيَوْمَ نُنَجِّيْكَ بِبَدَنِكَ لِتَكُوْنَ لِمَنْ خَلْفَكَ اٰيَةً ؕ" (يونس: 10/92 -91) ڇا هاڻي ايمان آڻين ٿو، جڏهن تہ هن کان اڳ نافرماني ۽ فساد ڪندو رهيو آهين. چڱو هاڻي اسان تنهنجي لاش کي بچائي رکون ٿا تہ اهو پوين ماڻهن لاءِ عبرت جو نشان هجي. بني اسرائيل کي سنڌس قهر ۽ غضب کان نجات ملي وئي. بني اسرائيل! اهڙي طرح اسان اوهان جي مدد ڪئي ۽ توهان کي هڪ جابر ظلم بادشاهہ جي قهر ۽ ظلم کان نجات ڏياري ۽ توهان کي صحراءِ سينا ۾ آباد ڪيو. اوهان جي روحاني تربيت لاءِ طور سينا جي ساڄي

طرف موسىٰ ﷺ تي وحي ڪري ڪيس تورات جو هدايت نامو ڏنو ته جيئن اوهان ان تي عمل پيرا ٿي، ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون حاصل ڪريو، ان کان علاوه توهان جي طبعي زندگي کي قائم رکڻ لاءِ مَنّ و سلوىٰ جو اهتمام ڪيو. (البقره: 57/2) جيڪو اوهان کي بنا محنت ۽ تڪليف جي مهيا ٿيندو رهيو، يعني اوهان جي ضروريات زندگيءَ جو انتظام ڪيو ويو، پر سڌي راهه اختيار ڪرڻ لاءِ تورات جي حڪمن تي عمل پيرا ٿيڻ جو تاڪيد ڪيو ته اوهان پاڪيزه ۽ حلال شيون استعمال ڪريو، پر انهن جي بر خلاف ڪو به زيادتي ۽ قانون شڪني جهڙو ڪم نه ڪيو. حد کان تجاوز ڪرڻ يا حدود شڪني ڪرڻ جون ڪيتريون ئي صورتون آهن، مثلاً الله جي نعمتن جو شڪر نه ڪرڻ ۽ پنهنجي خوشحاليءَ کي پنهنجي ذهن و فراست جو ذريعو سمجهڻ، فضول خرچي ڪرڻ، حقدار کي سندن حق کان محروم رکڻ، مغرور ۽ متڪبر ٿي وڃڻ وغيره شامل آهن، جنهن جي نتيجي ۾ الله جو غضب ۽ قهر نازل ٿي وڃي ۽ جنهن تي الله جو غضب نازل ٿئي ٿو ته پوءِ اهو ”فَقَدْ هَوٰى“ يعني اهو شخص ذلت ۽ خواري جي سڀ کان هيٺ واري مقام ۾ هوندو.

ناڪامي ۽ نامراديءَ جي هن ذلت آميز تنزل کان اهي شخص ئي پاڻ کي بچائي سگهن ٿا، جيڪي پنهنجي هن پليل پتڪيل رستي کي ڇڏي، وري الله تبارڪ و تعالىٰ جي متعين ڪيل رستي تي موٽي اچن ۽ اهڙا ڪم ڪن ٿا، جنهن سان هن جا پنهنجا ۽ انسانيت جا سمورا بگڙيل معاملا درست ٿي وڃن، جنهن لاءِ الله عزوجل جي مغفرت ۽ انهن برن ڪمن جي مضر اثرن کان حفاظت ملي وڃي ٿي، جنهن لاءِ ضروري آهي ته پوري سچائيءَ سان غلط راهه روي کي الوداع ڪري، الله سان ايمان جو ناتو جوڙي، نيڪ اعمال جو ذخيرو گڏ ڪري ۽ عاقبت بالخير سان گذارڻ لاءِ راهه راست تي ثابت قدم رهي ۽ هميشه اهو يقين هجي ته هي سڀ ڪجهه الله جي نعمتن ۽ نوازشن جو ثمر آهي، جيڪو الله جي توفيق سان عطا ٿيو آهي. يعني ذلت ۽ غضب وارين پستين مان نڪري قرب خداوندي جي بلندين تائين پهچي وڃي ٿو. موسىٰ ﷺ به انهيءَ ملاقات جي فرطِ شوق ۾ وقت مقرره کان اڳ ۾ پهچي ويو، پلا الله تعالىٰ طرفان ڪلام ۽ ملاقات جي نويد ملي ته پوءِ انسان کان صبر جي توقع ڪرڻ مشڪل آهي، پر الله جي ملاقات لاءِ عجلت يا پاڻ ڪريمن خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ جي وحي جي نزول جي جلد اچڻ جي خواهش ۾ به فرشتي جي زباني

چيو ويو تہ اسان الله جي حڪم مطابق وحي جي نزول سان اچون ٿا، ان ڪري توهان وحيءَ جي جلد جلد اچڻ واري عجلت اختيار نہ ڪريو ۽ آيت 84 ۾ چيو ويو تہ اي حبيب خاتم النبيين ﷺ! ڪافرن لاءِ عذاب جي عجلت جي خواهش نہ ڪر، سو هت بہ موسىٰ عليه السلام کي عجلت ۾ اچڻ لاءِ ڏيان ڇڪايو ويو تہ تون پنهنجي قوم جي تعليم ۽ تربيت ڪرڻ کان اڳ ئي هن ملاقات جي عجلت ڇو ڏيکاري. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو: سورة الاعراف: 7. (موسىٰ عليه السلام بارگاهہ الاهي ۾ عرض گذار ٿيندي چيو تہ منهنجا رب! منهنجي قوم بہ منهنجي پويان اچڻ واري آهي، پر مون کي جذبہ ديدار وڌيڪ انتظار ڪرڻ نہ ڏنو ۽ مان پنهنجي الله سان ملڻ جي اشتياق ۾ اڳ ۾ نڪري آيو آهيان. قافلو معمول جي صورت ۾ اچي رهيو آهي. مان تہ انهيءَ شوق ۾ عجلت ڪري پهتو آهيان تہ يا رب! تنهنجو رضامندو حاصل ڪرڻ ۾ جلدي ڪيان. مون سمجهيو تہ منهنجي هن ذوق و شوق کي ڏسندي منهنجو رب راضي ٿي ويندو ۽ منهنجي هن محبت کي خوشيءَ سان قبول ڪرڻ فرمائيندو. پر هت تہ معاملو ڪجھ الٽ ٿي ويو آهي. اها منهنجي اجتهادي خطا آهي، جنهن لاءِ معافي جو طلبگار آهيان. الله تعاليٰ موسىٰ عليه السلام کي آگاهہ ڪيو تہ تنهنجي اچڻ بعد تنهنجي قوم هڪ عجيب فتني جو شڪار ٿي وئي آهي، جيڪو تنهنجي عدم موجودگي جو نتيجو آهي. الله کي تہ سڀ ڪجھ معلوم هيو، پر محبوب گهرندو آهي تہ پنهنجي والهانا شوق ۽ محبت جو جواب خود پنهنجي عاشق جي زبان کان ٻڌي، سو موسىٰ عليه السلام بہ اهڙو مڪمل جواب ڏنو. موسىٰ عليه السلام کي ٻڌايو ويو تہ تنهنجي عدم موجودگي جو فائدو وٺندي، سامريءَ هنن کي گمراهہ ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن تون پنهنجي قوم سان گڏ هجين ها تہ تون هنن جي قلب جو تزڪيو ڪندو رهين ها ۽ هو تنهنجي تعليم ۽ تربيت کان مسلسل فيضياب ٿيندا رهن ها ۽ سندن شعور ۽ عقل و فهم وڌيڪ پختو ٿيندو رهي ها. پر تنهنجي جلد اچڻ جو ناجائز فائدو حاصل ڪندي، فتنہ گر شخص کي پنهنجو شيطاني عمل ڪرڻ جو موقعو ملي ويو.

سامريءَ جو تعلق قبطي قبيلي سان هيو ۽ موسىٰ عليه السلام جي قربت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو، هي سميري قوم جو فرد هيو، هن سميري قبيلي جو اصل وطن عراق هيو، پر پوءِ هو هر طرف پکڙجي ويا هئا. ڳئون يا ڳابي جي پوڄا جو تصور سميري ۽

مصري قومن ۾ مروج هيو، سو سامري تہ قوم جا زيور گڏ ڪري انهن کي ڳاري پگهاري
گابي جي صورت يا بوتو بڻايو، جيڪو گابي وانگر آواز ڪيندو هو. هي رئيس المفسرين
ابوالڪلام آزاد جي تحقيق جو ثمر آهي، پر ڊاڪٽر اسرار احمد جو ترجيحي خيال آهي تہ
سامري بني اسرائيل جو ذهين فرد هيو. هو موسىٰ ؑ جو متعقد تي ويو هيو، پر اجان
توحيد جي رنگ ۾ رچي پڪو موحد نہ ٿيو هيو، ان ڪري موسىٰ ؑ جي عدم موجودگي
۾ هن هي کيل رچايو. اهو ٻڌي موسىٰ ؑ پنهنجي قوم ڏانهن نهايت غصي ۽ رنج ۾
واپس آيو ۽ پنهنجي قوم کي چيو تہ اي منهنجي برادري جا ماڻهو! هي اوهان ڇا ڪيو، ڇا
اوهان سان توهان جي رب هڪ بهترين وعدو نہ ڪيو هو. يعني توريت نازل ڪرڻ جو
وعدو، جيڪو سراپا هدايت ۽ نور هيو. اوهان ان بهترين وعدي جو خيال نہ ڪيو تہ پوءِ ڀلا
اها مدت اوهان لاءِ ڊگهي تي وئي ۽ اوهان برداشت نہ ڪري سگهيا يا اوهان جي اها
خواهش هئي تہ توهان تي توهان جي رب جو غضب نازل ٿئي جو اوهان مون سان ڪيل
وعدي جي خلاف ورزي ڪئي آهي، جو منهنجي غير حاضري ۾ گابي جي پوڄا ڪرڻ
شروع ڪئي، جنهن جي ڪري توهان غضب الاهي جا مستحق تي ويا. هنن چيو تہ موسىٰ
ؑ! اسان تنهنجي وعدي جي خلاف ورزي پنهنجي اختيار ۽ ارادي سان نہ ڪئي آهي.
اسان جو ايمان تي رهڻ وارو توسان ڪيل وعدو اسان نہ ٽوڙيو آهي، پر زيورات جو بار
جيڪو اسان جي ڪنڌن تي هيو، اهو سامريءَ جي چوڻ سان سمورو بار يعني زيور باهہ ۾
وجهي ڳارياسون، جنهن کي سامريءَ گابي جي صورت ۾ ناهي، هوا ڦوڪڻ سان آوز ڪيڻ
’ٻان ٻان‘ ڪرڻ جي لائق بنايو. جنهن تي بت پرست ماڻهن ان کي پنهنجو معبود قرار ڏنو
۽ موسىٰ جو معبود سڏيو، جيڪو موسىٰ ؑ کان وسري ويو هيو. ڪين اهو خيال بہ نہ آيو
تہ هن گابي مان ’ٻان ٻان‘ جو آواز تہ اچي ٿو، مگر هو پنهنجن پوڄا ڪندڙن جي سوال جو
جواب بہ نٿو ڏئي سگهي ۽ نہ ڪين کو نفعو نقصان پهچائي سگهي ٿو، هو بي وس ۽
بي جان بوتو آهي، جنهن کي بت پرستن پنهنجي هٿن سان پاڻ جوڙيو آهي ۽ ان کي
معبود جو درجو ڏئي ان جي پرستش ڪرڻ شروع ڪئي آهي.

وَ لَقَدْ قَالَ لَهُمْ هٰرُوْنُ مِنْ قَبْلُ يٰقَوْمِ اِنَّمَا فُتِنْتُمْ بِهٖ ۚ وَ اِنَّ رَبَّكُمُ
الرَّحْمٰنُ فَاتَّبِعُوْنِیْ وَ اَطِیْعُوْۤا اَمْرِیْ ﴿۹۰﴾ قَالُوْا لَنْ نَّبْرَحَ عَلَیْهِ عٰكِفِیْنَ
حَتّٰى یَرْجِعَ اِلَیْنَا مُوْسٰى ﴿۹۱﴾ قَالَ یٰهٰرُوْنُ مَا مَنَعَكَ اِذْ رَاَیْتَهُمْ ضَلُّوْۤا ۙ﴿۹۲﴾
اَلَّا تَتَّبِعَنِ ؕ اَفَعَصَیْتَ اَمْرِیْ ﴿۹۳﴾ قَالَ یَبْنَؤُمَّ لَا تَاْخُذْ بِلِحْیَتِیْ وَ لَا
بِرَاْسِیْ ۚ اِنِّیْ خَشِیْتُ اَنْ تَقُوْلَ فَرَّقْتَ بَیْنَ بَنِیْۤ اِسْرَآءِیْلَ وَ لَمْ تَرْقُبْ
قَوْلِیْ ﴿۹۴﴾ قَالَ فَمَا خَطْبُكَ یٰسَامِرِیُّ ﴿۹۵﴾ قَالَ بَصُرْتُ بِمَا لَمْ یَبْصُرُوْا بِهٖ
فَقَبَضْتُ قَبْضَةً مِّنْ اَثَرِ الرَّسُوْلِ فَنَبَذْتُهَا وَ كَذٰلِكَ سَوَّلَتْ لِیْ
نَفْسِیْ ﴿۹۶﴾ قَالَ فَاذْهَبْ فَاِنَّ لَكَ فِی الْحَیٰوةِ اَنْ تَقُوْلَ لَا مِسَاسَ ۠ وَ اِنَّ
لَكَ مَوْعِدًا لَّنْ تُخْلَفَهٗ ۚ وَ انْظُرْ اِلٰۤى اِلٰهِكَ الَّذِیْ ظَلْتَ عَلَیْهِ عَاكِفًا ؕ
لَنُحَرِّقَنَّهٗ ثُمَّ لَنَنْسِفَنَّهٗ فِی الْیَمِّ نَسْفًا ﴿۹۷﴾ اِنَّمَاۤ اِلٰهُكُمُ اللّٰهُ الَّذِیْ لَاۤ
اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ وَسِعَ كُلَّ شَیْءٍ عِلْمًا ﴿۹۸﴾ كَذٰلِكَ نَقُصُّ عَلَیْكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ
مَا قَدْ سَبَقَ ۚ وَ قَدْ اٰتَیْنٰكَ مِنْ لَّدُنَّا ذِكْرًا ۚۖ﴿۹۹﴾

۽ هارون عليه السلام هنن کي هن کان اڳ ۾ ئي چئي چڪو هيو تہ اي منهنجي قوم! توهان کي هن ڳابي جي صورت ۾ آزمائش (فتني) ۾ وڌو ويو آهي. بلاشڪ اوهان جو پروردگار ”الرَّحمان“ آهي، هي ڳابو نہ آهي. ان ڪري توهان منهنجي اتباع/تابعداري ڪيو ۽ منهنجي نصيحت قبول ڪيو.(90) هنن جواب ۾ چيو

تہ اسان هن (ڳابي) جو اعتڪاف ڪندا رهنداسون، جيستائين موسىٰ ؑ
واپس اچي. (91) موسىٰ ؑ هارون ؑ کي چيو تہ اي هارون! توکي ڪھڙي
شيءِ روڪيو هيو، جڏهن تو هنن کي گمراھ ٿيندي ڏٺو (92) تو منهنجي
پيروي ڇو نہ ڪئي، ڇا تو منهنجي حڪم جي انحرافي ڪئي. (93) هارون
ؑ کيس چيو تہ اي منهنجي امڙ جا فرزند! تون اهڙيءَ طرح منهنجي ڏاڙهي
۽ مٿي جي وارن کي نہ پڪڙي ڇڪ، مون کي اهو انديشو هيو تہ تون ائين نہ
چوين تہ تو منهنجي قوم ۾ تفريق پيدا ڪري ڇڏي ۽ منهنجي ڳالھ ياد نہ رکي.
(94) ان بعد موسىٰ ؑ سامريءَ کان پڇيو تہ تنهنجو هن معاملي ۾ ڇا چوڻ
آهي ؟(95) هن چيو تہ مون اهڙي شيءِ ڏٺي جيڪا هنن (منهنجي قوم وارن) نہ
ڏٺي هئي، ان ڪري مون رسول جي (تعليم) جي پيرويءَ مان ڪجھ حاصل
ڪيو هيو، جيڪو بعد ۾ مون ڇڏي ڏنو، جنهن بعد منهنجي نفس هي ڪھاڻي
گھڙي ورتي. (96) جنهن تي موسىٰ ؑ کيس چيو تہ وڃ ۽ تون عمر ڀر چوين تہ
مان 'اڇوت' آهيان (مون کي ڪير نہ ڇهي) ۽ آخرت ۾ تو لاءِ الڳ عذاب جو
وعدو آهي، جو ڪڏهن بہ ٽرڻ وارو نہ آهي (يعني دنيا ۾ اڇوت ۽ آخرت ۾
عذاب) هاڻي ڏس تہ تنهنجي هٿ جي ٺاهيل معبود جو ڪھڙو حال ٿيڻ وارو
آهي، جنهن جي پوڄا ۾ مشغول هئين. اسان ان کي ساڙي راک ڪري
ڇڏينداسون ۽ ان راک کي سمنڊ ۾ وجهي پکيڙي ڇڏينداسون. (97) توهان جو
معبود صرف هڪ الله آهي، جنهن کانسواءِ ٻيو ڪو معبود ناهي. اهو ئي آهي
جيڪو پنهنجي علم سان هر شيءِ جي خبر رکي ٿو. (98) اي پيغمبر ﷺ!
اسان اهڙي طرح گذريل دور جو ڪجھ سر گزشتو (احوال) توکي ٻڌايو آهي ۽
يقينًا اسان پنهنجي طرفان هڪ هدايت نامو (قرآن) عطا ڪيو آهي. (99)

جڏهن موسىٰ ؑ کوهه طور تي چاليهه راتين جي چلي تي ويل هيو ۽ بني اسرائيل جي پوري قوم هارون ؑ جي موجودگي ۾ گابي جي پوڄا ۾ لڳي وئي تہ هارون ؑ کين خبردار ڪيو هيو تہ توهان جي ايماني استقامت جي آزمائش ٿي رهي آهي. توهان جو پروردگار تہ الله الرحمان آهي، جنهن ڪانسواءِ ڪو ٻيو عبادت جي لائق نہ آهي. ان ڪري اوهان سامريءَ جهڙي گمراهہ شخص جي شڪنجي مان نڪرو ۽ منهنجي پيروي اختيار ڪريو ۽ منهنجي هدايت جي خلاف ورزي نہ ڪريو. هي توهان جي آزمائش ٿي رهي آهي تہ توهان توحيد ۽ ايمان تي قائم رهو ٿا يا گمراهہ ٿي وڃو ٿا. جنهن ذات پاڪ اوهان کي وجود ڏنو ۽ ان کي باقي رکڻ لاءِ ٻيا لوازمات عنايت ڪيا، اهو الرحمان رب ئي توهان جو پروردگار آهي ۽ عبادت جي لائق آهي. معلوم ٿيو تہ گابا پرستي ۾ هارون ؑ ملوث نہ هيو، پر مخالف رهيو. پر بني اسرائيل جي هن گابي جي محبت ۽ عقيدت ايترو تہ رچي بسي وئي هئي، جو هنن الله جي نبي حضرت هارون ؑ جي نصيت کي ڪا اهميت نہ ڏني جهڙي طرح هر حماقت تي ماڻهو ثابت قدم رهندو آهي. هنن بہ حضرت هارون ؑ جي نصيحت کي درست سمجهندي بہ حماقت تي قائم رهيا ۽ چيائون تہ جيستائين موسىٰ ؑ واپس اچي، تيستائين هن گابي جي تعظيم، تڪريم، عبادت ۽ پرستش جاري رهندي. حضرت هارون ؑ ٻارنهن هزار موحد الڳ ڪري، انهن سان گڏ رهيو، باقي ماڻهو گابي جي پوڄا پاٺ ۾ گيت ڳائڻ نچڻ ۽ خوشيون ملهائڻ ۾ مصروف رهيا ۽ چيائيون تہ جيستائين موسىٰ ؑ خدائي احڪامات نئو آڻي، تيستائين اسان جو معبود هي گابو رهندو ۽ ان تي هر حال ۾ ثابت قدم رهنداسون.

موسىٰ ؑ پنهنجي قوم جي هي مشرڪن واري روش ڏسي سخت غصي ۾ اچي ويو ۽ ڪاوڙ ۾ اچي پنهنجي ڀاءُ جي ڏاڙهي ۽ مٿي جي وارن کي پڪڙي چيو تہ هارون ؑ! توکي ڇا ٿي ويو هيو جو هنن کي گابي جي مشرڪانا پرستش ۾ ڏسي کين منع ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي؟ ڇا تو کي هنن جو اهو شرڪ وارو عمل پسند اچي ويو جو تون خاموش رهين ۽ هنن کي گابا پرستي کان روڪڻ ۾ ناڪام رهين ۽ منهنجي تعليم ۽ تبليغ کي وساري وينين ۽ منهنجي پيروي ڪرڻ ڇڏي ڏني. حضرت هارون ؑ موسىٰ ؑ کي پنهنجي بي گناهي ثابت ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو ۽ ڪيس ٻڌايو تہ ماڻهو منهنجي

نصيحت مڃڻ بدران منهنجي قتل ڪرڻ جا منصوبا جوڙڻ لڳا. (الاعراف: 142/7) مون کين ڳابا پرستي کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سخت رويو نہ رکيو ڇو تہ منهنجي قتل ڪرڻ سان قوم ونڊجي وڃي ها ۽ خانہ جنگي شروع ٿي وڃي ها ۽ ان جو ذميدار تون مون کي ڪرين ها تہ هي طريقو منهنجي غلط روين جو نتيجو هو. حالانڪ مان بلڪل بيقصور آهيان. تون منهنجي وارن ۽ ڏاڙهيءَ مان پڪڙي پوري قوم ۾ مون کي شرمسار نہ ڪر. مون ان سازش کي ٽارڻ لاءِ صبر ۽ حوصلي کان ڪم ورتو تہ تون مون کي اهو طعنو نہ ڏين تہ تو منهنجي اچڻ جو انتظار نہ ڪيو. موسىٰ عليه السلام حضرت هارون عليه السلام جي وضاحت کان مطمئن ٿيڻ بعد سامريءَ کي مخاطب ٿيندي چيو تہ اصل معاملو ڇا آهي، تو هي ڪهڙو کيل رچايو آهي؟ جنهن تي سامريءَ چيو تہ مون الله جي رسول جي (يعني تنهنجي) هڪ حد تائين پيروي قبول ڪئي. ان مان فائدو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪا معلومات ٻيا ماڻهو حاصل نہ ڪري سگهيا هئا، اها مون تي منڪشف ٿي وئي هئي. پر مون دل سان ان تعليم کي ڪو نہ قبول ڪيو هيو، ڇو تہ اهو منهنجو آبائي طريقہ عبادت نہ هو، ان ڪري منهنجي طبيعت مون کي هن عمل لاءِ مجبور ڪيو. جنهن تي حضرت موسىٰ عليه السلام هن کي جماعت مان خارج ڪري ڇڏيو ۽ حڪم ڏنو تہ ڪير بہ شخص هن سان پنهنجو تعلق قائم نہ ڪري ۽ توکي اڇوت ڇئي تو کان پري رهڻ جي ڪري ”لَا مِسَاسَ“ يعني تون خود هنن کي هٿ لائڻ کان روڪين ۽ هو تو کي هٿ لائڻ کان پاسو ڪن، هي ”لَا مِسَاسَ“ هن دنيا جو عذاب آهي، هن کان علاوه آخرت جي عذاب جو بہ وعدو آهي، جيڪو عذاب هر حال ۾ تي رهندو ۽ ان کي ڪو بہ ٽارڻ وارو نہ آهي. هي تنهنجو جرم نهايت برو ۽ وڏو جرم آهي. جنهن شيءِ کي تو معبود بنايو آهي، ان جي حيثيت پنهنجن اکين سان پاڻ ڏس، جنهن جي احترام ۾ تون سجدو ڪري رهيو آهين، اسان ان کي باھ ۾ ساڙي خاڪ ڪري سمنڊ جي لهرن حوالي ڪنداسون. جنهن ۾ نہ تنهنجو هي نقلي معبود پاڻ کي بچائي سگهندو ۽ نہ وري تون هن جي ڪا مدد ڪري سگهندين. ٻئي ڏريون بي بس، بي ڪس ۽ لاچار ٿي جلندا سڙندا رهندا ۽ ڪو بہ حمايتي يا مددگار نہ ملندو. سامريءَ جو اهو جواب تہ ”بَصُرْتُ بِمَا لَمْ يَبْصُرُوْا“ بہ مان مراد آهي تہ

منهنجي ذهن ۾ گابي بنائڻ جو خيال آيو، جيڪو ٻين جي ذهن ۾ نه آيو. ”فَقَبَضۡتُ قَبۡضَةً مِّنۡ اَثَرِ الرَّسُوۡلِ فَنَبَذۡتُهَا“ مون ڪي رسول (موسىٰ ﷺ) جي صحبت مان ڪجھ فيض (تاثير) حاصل ٿي، پر بعد ۾ ان کي به ڇڏي ڏنو، يعني شروع شروع ۾ مون ڪجھ نه ڪجھ تنهنجي پيروي اختيار ڪئي هئي، پر بعد ۾ ان تي قائم نه رهيس ڇو ته منهنجي دل کي اطمينان ۽ تسڪين ڪونه مليو. ”كَذٰلِكَ سَوَّلَتۡ لِىۡ نَفۡسِىۡ“ ڇاڪاڻ جي بس طبيعت جو لاڙو ۽ تقاضا به اهو ئي رهيو، جو مان تنهنجي پيروي ڪرڻ کان دور ٿي ويس ۽ تنهنجي مخالفت ۾ توحيد جي تعليم خلاف آباء اجداد وارو بت پرستي جو کيل کڏيو. عربي زبان ۾ ”قَبَضۡتُ قَبۡضَةً “مان مراد آهي مُٺي ڀر يعني ٿورو ڪجھ حاصل ڪيو ۽ پوري طرح توحيد جو قائم ٿي نه سگهيس. رئيس المفسرين علامه ابوالڪلام آزاد اڪثر مفسرن جي هن تفسير تي حيرت انگيز آهي ته ”اَلرَّسُوۡلُ“ مان مراد جبريل ﷺ آهي ۽ ”قَبَضۡتُ قَبۡضَةً “ مان مراد جبريل ﷺ جو گهوڙي جي سنبن جي مٽيءَ جو تاثير آهي ۽ گابي جي ’ٻان ٻان‘ هن جي گويا هئي، جيڪو هڪ معجزو هيو. حالانڪ گابو هوا ڦوڪڻ سبب رڳو ’ٻان‘ جو آواز ڪندو هيو، جهڙيءَ طرح اڄ به ٻارن جا رانديڪا ڪندا آهن. هو پوري طرح گفتگو ڪونه ڪندو هيو ۽ اهو جبريل ﷺ جي گهوڙي جي نقشِ پا جي تاثير هئي. اهڙي طرح قرآن حڪيم جو تفسير مذاق بڻجي ويندو.

حقیقت مجازات میں کھو گئی
یہ امت خرافات میں کھو گئی

* * *

اگهيو ڪاٿو ڪچ ماڻڪن موٽ ٿي
پلئي پايو سچ آچيندي لڄ مران

(شاهه لطيف ﷫)

هيءَ کهاڻي به اهڙي هٿ گهڙيل حڪايت آهي، جهڙي طرح سورت البقره جي آيت 102 ۾ جادوءَ کي حضرت سليمان ﷺ جي حڪومت جو ڪرشمو ۽ هارون ماروت کي

معجزاڻي شخصيت پيش ڪري سچو ۽ جادو جو هٽراڌو ثبوت ٻڌايو آهي. اصل حقيقت اها آهي تہ موسىٰ ؑ توحيد جي تعليم جي تبليغ ڪئي ۽ ٻڌايو تہ الله عزو جل کان سواءِ ٻيو ڪو عبادت جي لائق نہ آهي ۽ ڪا بہ شيءِ الله جي علم کان ٻاهر ناهي. اي پيغمبر خاتم النبيين ﷺ ! اهڙي طرح اسان توکي گذريل حقيقتون ۽ حالات کولي کولي بيان ڪري رهيا آهيون تہ توکي حق کان صحيح آگاهي ملي ۽ بلاشڪ اسان پنهنجي طرفان تو ڏانهن هڪ سرمايهِ پند و نصيحت (قرآن) موڪليو آهي، جيڪو پليل ڀٽڪيل گمراهہ ۽ غضب ٿيل قومن جي اصلاح جو آخري آواز آهي، جنهن ۾ تمام ڪتابن، رسولن ۽ نبين جي تعليم مذڪور آهي، جنهن جون بگڙيل نشانيون هندستان ۾ ڳئونءَ جي پوڄا، هوليءَ جو رنگ لڳائڻ، ڪجهہ حلال شين کي حرام ۽ حرام کي حلال سمجهڻ ۽ بت پرستي جهڙيون بگڙيل صورتون اڄ بہ موجود آهن.

مَنْ اَعْرَضَ عَنْهُ فَاِنَّهٗ يَحْمِلُ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وِزْرًا ﴿١٠٠﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهِ ؕ
وَسَآءَ لَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ حِمْلًا ﴿١٠١﴾ يَّوْمَ يُنْفَخُ فِي الصُّوْرِ وَ نَحْشُرُ
الْمُجْرِمِيْنَ يَوْمَئِذٍ زُرْقًا ﴿١٠٢﴾ يَّتَخَافَتُوْنَ بَيْنَهُمْ اِنْ لَّبِثْتُمْ اِلَّا عَشْرًا ﴿١٠٣﴾
نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَا يَقُوْلُوْنَ اِذْ يَقُوْلُ اَمْثَلُهُمْ طَرِيْقَةً اِنْ لَّبِثْتُمْ
اِلَّا يَوْمًا ﴿١٠٤﴾ ع ١٥/٥ ١٤

۽ جنهن شخص بہ هن قرآن کان منهن موڙيو، يقينًا اهو شخص قيامت جي ڏينهن هڪ وڏي جرم جو بار کڻندو. (100) اهي ماڻهو هميشہ انهيءَ حالت ۾ هوندا، هي ڪيترو نہ برو بار هوندو، جيڪو قيامت ڏينهن هو کڻي رهيا هوندا. (101) جنهن ڏينهن صور ڦوڪيو ويندو ۽ اسان ان ڏينهن ڏوهارين کي ڪٺو ڪنداسون، اهڙي حالت ۾ جو هن جون اکيون نيليون نظر اينديون. (102)

**آهستي آهستي هو هڪ ٻئي کي چئي رهيا هوندا تہ اوهان دنيا ۾ ڏهہ ڏينهن کان زياده نہ رهيا آهيو. (103) هو جو ڪجهہ هڪ ٻئي کي (لڪي لڪي) چئي رهيا هوندا، اهو اسان خوب ڄاڻيندا هونداسون، جڏهن انهن مان وڏيڪ سمجهدار شخص کي ٻڌائيندو تہ اوهان هڪ ڏينهن کان وڌيڪ نہ رهيا آهيو.(104)**

---

گذريل حالات جو بيان ختم ٿي چڪو آهي، هاڻي دعوت حق جي انڪارين جو بيان شروع ٿي رهيو آهي، جيڪو شخص بہ هن (قرآن) کان منهن موڙيندو ۽ شتر بي مهار ٿي، خدائي ضابطن ۽ قانون حيات کان دوري اختيار ڪندو، نہ ان تي ايمان آڻيندو ۽ نہ وري هن تي عمل ڪندو، اهو پنهنجي هن غلط روش جي خطرناڪ نتيجن جي پاداش جو بار پاڻ کڻندو، جنهن ۾ هن جي مدد ڪرڻ وارو ۽ سندس بوجهہ برداشت ڪرڻ وارو ڪو نہ ملندو، هو پنهنجي گمراهيءَ جو بار بہ پاڻ کڻندو ۽ ٻين کي گمراهہ ڪرڻ جو بار بہ هن جي سر تي هوندو. هت ”ذڪر“ مان مراد قرآن حڪيم مراد آهي. يعني قرآن جي غوروفڪر سان تلاوت، قرآن فهميءَ جي ڪوشش بہ الله جو ذڪر يعني ان جي ياد ڏهاني آهي. (طٰهٰ: 124/20) ۾ آهي: ”وَ مَنۡ اَعۡرَضَ عَنۡ ذِكۡرِیۡ فَاِنَّ لَهٗ مَعِيۡشَةً ضَنۡكًا وَّ نَحۡشُرُهٗ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ اَعۡمٰى“ جيڪو شخص بہ منهنجي ذڪر (ياد) کان منهن موڙيندو، ان جي زندگي (معاش ۽ معاشرت) تنگيءَ ۾ هوندا ۽ اسان قيامت جي ڏينهن هن کي انڌو ڪري اٿارينداسون. اهڙي طرح سوره بني اسرائيل: 92/17) ۾ آهي: ”وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزۡرَ اُخۡرٰى“ ڪو بہ ٻئي جو بار نہ کڻندو ۽ هر هڪ پنهنجو بار پاڻ کڻندو. ان مان مراد آهي، جنهن ٻئي کي گمراهہ نہ ڪيو آهي، رڳو پاڻ خطا ڪئي آهي ۽ بس. پر ٻين کي گمراهہ ڪرڻ وارو پنهنجو بار ۽ ٻئي گمراهہ ٿيل جو بار بہ کڻندو. هو ان عذاب جي بار هيٺ هميشہ هوندو ۽ قيامت واري ڏينهن هي ٻيڻو ٽيڻو عذاب ڏاڍو وزني محسوس ٿيندو. عذاب مان مراد دردناڪ اذيت ۽ ايذاءُ آهي، جيڪو هڪ وڏي وزن وانگر گنهگار جي چيلهہ چٻي ڪري رهيو هوندو. هو پاڻ پنهنجي پوري عمل کي مڪروهہ ۽ بدبودار محسوس ڪندو.

هت مؤمنن کي چيو ٿو وڃي تہ جهڙي طرح موسىٰ ؑ تي وحي نازل ٿي هئي،

اهڙي طرح اسان هاڻي بہ نصيحت ۽ هدايت جو ضابطہ حيات (قرآن) انهيءَ مقصد سان نازل ڪيو آهي. ڪتاب ڪي نہ مڃڻ يا مڃڻ ۾ جيڪو مڪافات عمل پوين سان ٿي گذريو آهي هاڻي بہ اهو ئي قانون مڪافات عمل پذير ٿيندو. قيامت جي ڏينهن ماڻهن ڪي ڪٺو ڪرڻ لاءِ صور ڦوڪيو ويندو، جهڙي طرح اڄ ڪلهہ بگل وڄايو ويندو آهي، انهيءَ نسبت سان هڪ آواز بگل جو تمام وڏي آواز ۾ هوندو، جنهن کي ”نُفِخَ فِي الصُّوْرِ“ سڏيو تو وڃي، اهڙي طرح ”نُفِخَ فِي الصُّوْرِ“ يعني بگل وڄايو ويندو ۽ مجرم ماڻهن کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو ويندو. گهبراهٽ ۽ پريشانيءَ سبب سندن اکيون نيليون پيليون بي نور نظر اينديون. ”وَمَنْ اَعْرَضَ عَنْ ذِكْرِيْ فَاِنَّ لَهٗ مَعِيْشَةً ضَنْكًا“ (طٰهٰ: 124/20) الله جي ڪلام کي عملي دنيا مان خارج ڪندڙ جو ڇا حال هوندو؟ هو حيرانگي ۽ بي چيني سبب هڪ ٻئي کان آهستہ آهستہ پڇي رهيا هوندا تہ اسان دنياوي زندگي ۽ اڄ وري اٿي بيدار ٿيڻ واري وقفي تائين جي زندگي ڪيتري هوندي؟ انهن مان هڪ شخص چوندو تہ اها وڌ مان وڌ ڏهہ ڏينهن هوندي، ان کان وڌيڪ ٿي نٿي سگهي. وري سندس ٻيو دانشور ساٿي چوندو تہ منهنجي خيال ۾ هڪ ڏينهن جو عرصو آهي. ان کان وڌيڪ جو وقت نٿو لڳي.(المؤمنون: 23/113-112)

عالمِ آخرت ۾ زمينجي جيڪا شڪل بڻبي، انجا قرآن ۾ مختلف جڳهن تي مختلف بيان آهن. سورة الانشقاق: 84/3 ۾ آهي: ”وَاِذَا الْاَرْضُ مُدَّتْ ۝“ يعني جڏهن زمين وڇائي ويندي. سورة الانفطار: 82/3 ۾ آهي: ”وَاِذَا الْبِحَارُ فُجِّرَتْ ۝“ جڏهن سمنڊ ڦاڙيا ويندا. سورة التڪوير: 81/6 ۾ آهي: ”وَاِذَا الْبِحَارُ سُجِّرَتْ ۝“ جڏهن سمنڊ پرجي، اٿلي پوندا. سورة ابراهيم: 14/48 ۾ آهي: ”يَوْمَ تُبَدَّلُ الْاَرْضُ غَيْرَ الْاَرْضِ“ جڏهن هي زمين بدلجي ويندي ۽ ڪجهہ مان ڪجهہ ٿي ويندي. وري هن جي آخري شڪل سورة الزمر: 39/74 ۾ آهي: ”اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ صَدَقَنَا وَعْدَهٗ وَاَوْرَثَنَا الْاَرْضَ نَتَبَوَّاُ مِنَ الْجَنَّةِ حَيْثُ نَشَآءُ“ مؤمن ماڻهو الله جو شڪر ادا ڪندا تہ هن اسان سان پنهنجو ڪيل وعدو پورو ڪيو آهي ۽ اسان کي زمين جو وارث بڻائي ڇڏيو آهي. اسان هن جنت ۾ جتي گهرون، گهمي ڦري سگهون ٿا.

قيامت جون اهي شيون ڪهڙيون هونديون ان جو پتو تہ نہ آهي، پر انهن کي دنيا جي ملندڙ جلندڙ شين سان تشبيه ڏني وئي آهي تہ ماڻهو ان مان ڪجهہ معلوم ڪري ان بيان کي سمجهي وڃن. هن صور جي ڦوڪڻ سان تمام مخلوقات تي شديد گهبراهٽ ۽

بي چيني جي حالت هوندي، ڪنهن کي ڪنهن جو هوش نه هوندو. هر ماڻهو پاڻ لاءِ پريشان هوندو. پيءُ کي پٽ جو، پٽ کي پيءُ جو، پائر کي پائرن جو، مرد کي زال جو يا زال کي مرد جو خيال به نه هوندو. جنهن ڏينهن ”يَوۡمَ يَكُوۡنُ النَّاسُ كَالۡفَرَاشِ الۡمَبۡثُوۡثِ ○ وَتَكُوۡنُ الۡجِبَالُ كَالۡعِهۡنِ الۡمَنۡفُوۡشِ ○“ (القارعه: 101/5-4) جو اعلان ٿيندو.

وَ يَسۡـَٔلُوۡنَكَ عَنِ الۡجِبَالِ فَقُلۡ يَنۡسِفُهَا رَبِّىۡ نَسۡفًا ۙ﴿۱۰۵﴾ فَيَذَرُهَا قَاعًا
صَفۡصَفًا ۙ﴿۱۰۶﴾ لَّا تَرٰى فِيۡهَا عِوَجًا وَّ لَاۤ اَمۡتًا ؕ﴿۱۰۷﴾ يَوۡمَئِذٍ يَّتَّبِعُوۡنَ الدَّاعِىَ لَا
عِوَجَ لَهٗ ۚ وَ خَشَعَتِ الۡاَصۡوَاتُ لِلرَّحۡمٰنِ فَلَا تَسۡمَعُ اِلَّا هَمۡسًا ﴿۱۰۸﴾

اي نبي مڪرم خاتم النبيين صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم! توکان پڇن ٿا ته هن پهاڙن جو ڇا ٿيندو، هنن کي بڌاءِ ته منهنجو پروردگار هنن کي ريزه ريزه (پورا پورا) ڪري پکيڙي ڇڏيندو. (105) ۽ هن زمين کي ڪليو صاف ميدان ڪري ڇڏيندو. (106) تون ان (زمين) ۾ نه ڪجهه ٽيڙ يا هيٺ مٿي (دڙا دڳ) ڏسندين. (107) جنهن ڏينهن سڀ ماڻهو هڪ داعيءَ (پڪاريندڙ) جي پٺيان ڊوڙ ڪندا. (108)

هو توکان پڇن ٿا ته اهڙي زلزلي اچڻ بعد جبلن جي ڇا ڪيفيت هوندي، جبل ته مضبوط ميخن سان زمين تي موجود آهن، پر اهي جبل به پنهنجي سختي ۽ مضبوطي باوجود ذرا ذرا ٿي ويندا ۽ غبار بڻجي اڏامي ويندا. (الڪهف: 47/18، الواقعه: 5/65، المرسلات: 10/77، النبا: 20/78، التڪوير: 3/81) ۽ زمين تي ڪا شيءِ نظر نه ايندي ۽ زمين هڪ صاف سڌو سنئو ميدان نظر ايندو، جنهن ۾ نه وروڪڙ هوندو ۽ نه وري دڙو يا کڏ هوندي. هڪ سنئو سنئون صاف ميدان ٿي ويندو، وڻ ٽڻ، جبل نديون، سمنڊ واهه سڀ غائب ٿي ويندا . ان ڏينهن سمورا انسان هڪ پڪاريندڙ جي پويان هلڻ لڳندا، هو ان راهه ۾ هيڏي هوڏي لڙيل نظر نه ايندا، پر پوري طرح سڌا سنوان هن جي نقشِ قدم تي هلندا

رهندا، ان ڏينهن تمام آواز الله عزوجل جي آڏو مدهم ۽ جَهڪا ٿي ويندا. ڪو بہ آواز ٻڌڻ ۾ ايندو سواءِ قدمن جي آهٽ جي يا هو پاڻ ۾ بہ آهستي چپڪي چپڪي ڳالهيون ڪندا رهندا.

مہینے وصل کی گھڑیوں میں اڑتے جاتے ہیں
مگر گھڑیاں جدائی کی گذرتی ہیں مہینوں میں

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

يَوْمَئِذٍ لَّا تَنفَعُ الشَّفَاعَةُ إِلَّا مَنْ أَذِنَ لَهُ الرَّحْمٰنُ وَ رَضِيَ لَهٗ قَوْلًا ﴿١٠٩﴾
يَعْلَمُ مَا بَيْنَ أَيْدِيهِمْ وَ مَا خَلْفَهُمْ وَ لَا يُحِيطُونَ بِهٖ عِلْمًا ﴿١١٠﴾ وَ عَنَتِ
الْوُجُوهُ لِلْحَيِّ الْقَيُّومِ ۖ وَ قَدْ خَابَ مَنْ حَمَلَ ظُلْمًا ﴿١١١﴾ وَ مَنْ يَّعْمَلْ مِنَ
الصّٰلِحٰتِ وَ هُوَ مُؤْمِنٌ فَلَا يَخٰفُ ظُلْمًا وَّ لَا هَضْمًا ﴿١١٢﴾ وَ كَذٰلِكَ أَنْزَلْنٰهُ
قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا وَّ صَرَّفْنَا فِيهِ مِنَ الْوَعِيدِ لَعَلَّهُمْ يَتَّقُونَ أَوْ يُحْدِثُ
لَهُمْ ذِكْرًا ﴿١١٣﴾ فَتَعٰلَى اللّٰهُ الْمَلِكُ الْحَقُّ ۚ وَ لَا تَعْجَلْ بِالْقُرْاٰنِ مِنْ قَبْلِ
أَنْ يُّقْضٰٓى إِلَيْكَ وَحْيُهٗ ۫ وَ قُلْ رَّبِّ زِدْنِي عِلْمًا ﴿١١٤﴾ وَ لَقَدْ عَهِدْنَآ إِلٰٓى
ع ٦/١٥ اٰدَمَ مِنْ قَبْلُ فَنَسِيَ وَ لَمْ نَجِدْ لَهٗ عَزْمًا ﴿١١٥﴾

ان ڏينهن ڪنهن جي بہ سفارش ڪو فائدو نہ ڏيندي، سواءِ ان شخص جي جنهن کي خدا اجازت ڏيڻ فرمائي جيڪو الله رحمان جي قانون مطابق پسنديده گفتگو ڪري. (109) چوتہ هو انهن جي پوين ۽ ايندڙ اعمال يعني ماضي ۽ مستقبل کان آگاهہ آهي ۽ هو پنهنجي علم سان خدا جي علم کي احاطي ۾

نثا آڻي سگهن.(110) سڀ جا چهرا ان حيّ قَيُّوم جي سامهون جهڪيل هوندا، پر جنهن بہ ظلم جو بار کنيو، اهو نامراد رهيو. (111) پر ان جي برعڪس جيڪو ايمان آڻيندو ۽ عمل صالح ڪندو، ان کي ان ڏينهن نہ ڪنهن زيادتيءَ جو يا ڪنهن حق تلفي جو انديشو هوندو.(112) ۽ هن عظيم مقصد لاءِ اسان هن قرآن کي واضح عربي زبان ۾ نازل ڪيو آهي، جنهن ۾ زندگيءَ جي غلط روش جي سخت نتيجن کان مختلف انداز ۾ ورائي ورائي پيش ڪيو آهي تہ جيئن هو غلط روش کان پاڻ بچائي رکن ۽ نصيحت حاصل ڪري پنهنجون صلاحيتون اجاگر ڪري سرفراز ڪن. (113) چو تہ هي جنهن خدا جا احڪام آهن، اهو حقيقي شهنشاهہ، وڏي عظمت ۽ ڪبريائيءَ جو مالڪ آهي. هن قرآن جي جيستائين پوري طرح وحي نہ ٿي وڃي، ان ۾ جلد حاصل ڪرڻ جي عجلت نہ هئڻ گهرجي، پر وحي جو انتظار ڪر ۽ هميشہ اها دعا گهرندو رهہ تہ منهنجا رب! منهنجي علم (قرآن فهميءَ) ۾ اضافو ڪرڻ فرمايو. (114) اسان هن سلسلي ۾ هن کان اڳ آدم ؑ سان بہ هڪ عهد ڪيو هو، پر هو ان کي پلائي وينو، اسان هن ۾ حوصلي جي پختگي، صبر ثبات نہ ڏٺو، بلڪہ هو ڪمزور ثابت ٿيو.(115)

---

هن کان اڳ آيل 108 آيت ۾ قيامت جو منظر اهڙو هو، جو بيشمار ماڻهو هڪ کلئي ميدان ۾ هلي رهيا هوندا، جن جا هوش گم شم ۽ زبانون بند هونديون، هن هولناڪ منظر ۾ سواءِ قدمن جي آهٽ جي ڪجهہ ٻڌڻ ۾ نہ ايندو. هي خاموشي دهشت ۾ وڌيڪ اضافو ڪري رهي هوندي. ان ڏينهن ڪير بہ ڪنهن جي سفارش ڪري نہ سگهندو. مگر جنهن کي الله رحمان پاران اجازت هوندي ۽ ان جي زبان کولڻ وارو عمل پسند فرمائي، قرآن ۾ ان ڏينهن جي جي منظرڪشي ڪيترن جاين تي آئي آهي. (البقره: 255/2) هن ۾ هن عقيدي جي بہ ترديد ڪئي وئي آهي تہ جن کي توهان معبود بنائي پوڄي رهيا آهيو ۽

جن کي خدا جا لاڏلا ۽ پيارا همسر سمجهي رهيا آهيو ۽ اهي ان ڏينهن اوهان جي سفارش کندا، هي سڀ خام خيالي ۽ غلط سوچ آهي. خدا جنهن کي اجازت ڏيندو، اهوئي سفارش ڪري سگهندو ۽ اها اهڙي سفارش هوندي، جيڪا خدا تعالیٰ جي پسنديده هوندي. الله عزو جل هن ڪائنات جي ذري ذري کان پوريءَ طرح آگاهه آهي. هن جي ماضيءَ جي ڪارگذاريءَ کان بہ هو واقف آهي تہ هنن جي ايندڙ منصوبن جي ڄاڻ رکي ٿو. هن کان ڪنهن جو حال بہ ڳجهو ناهي ۽ خدا جي علم کان وڌيڪ ڪنهن کي ڪنهن جي ڄاڻ نہ آهي، جو هو خدا جي علم ۾ (نعوذ باالله) ڪو اضافو ڪري سگهي ۽ الله کي اهڙي سفارش عرض رکي، جنهن کان (نعوذ بالله ) الله تعالیٰ بي خبر هيو. الله جو علم وسيع آهي، جنهن جي ڪا حد يا حساب ناهي. هن جي هن بي ڪنار بحر واري علم جو ڪو بہ احاطو نٿو ڪري سگهي. اها ذات پاڪ جيڪا حَيٌّ ۽ قَيُّوم آهي، جنهن کي هميشہ بقا ۽ دائمي حيات آهي. ”كُلُّ مَنۡ عَلَيۡهَا فَانٍ ۝ وَّ يَبۡقٰى وَجۡهُ رَبِّكَ ذُو الۡجَلٰلِ وَ الۡاِكۡرَامِ ۝“ (الرَّحمٰن: 55/ 26-27) الله جي ذات گرامي ئي حَيٌّ ۽ قَيُّوم آهي، باقي هر شيءِ کي فنا آهي. الله ذوالجلال اهڙو حَيّ يعني هميشہ زنده رهڻ وارو آهي، جنهن جي دست قدرت ۾ باقي تمام حيات ۽ زندگيون آهن، اهو الله قَيُّوم آهي، جيڪو پاڻ ئي پاڻ پرو آهي، ڪيس ڪنهن جي سهاري يا مدد جي محتاجي ناهي، اهو پوري ڪائنات کي قائم رکي رهيو آهي، ان حَيٌّ ۽ قَيُّوم الله جي آڏو جهڪيل هوندا، سندس اطاعت ۾ اهڙن اطاعت گذار فرمانبردار ٻانهن جون پوشيده صلاحيتون نکري نروار ٿينديون. ڪين ”رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُمۡ وَ رَضُوۡا عَنۡهُ ذٰلِكَ لِمَنۡ خَشِيَ رَبَّهٗ“ (البينه: 98/ 8) يعني ”رضوان“ جو محترم مقام هوندو، انهن خوشنصيب شخصن جي برعڪس ظلم ۽ زيادتي ڪرڻ وارا منحوس انسان هوندا، جيڪي هميشہ ناڪام ۽ نامراد رهندا. پر جن ماڻهن نيڪ ڪم، ايمان جي سچائين سان ڪيا هوندا، جنهن ڪري سندن مثبت صلاحيتون نکري نروار ٿيون ۽ پروان چڙهيون هونديون. اهي سدا خوش خيال نظر ايندا. ڪين ڪنهن قسم جي زيادتيءَ جو خطرو بہ نہ هوندو ۽ نہ وري اعمال جي اجر ۾ ڪميءَ جو خوف لاحق هوندو. نيڪ ڪم ايمان جي اٿاهه سچائين ۽ الله جي عين رضا مطابق هجن، جنهن ۾ اعتقادات، عبادات ۽ معاملات سڀ شامل آهن. اهڙن نيڪ انسانن سان نہ ناانصافي ٿيندي ۽ نہ حق تلفي ٿيندي، پر ظلم

يعني شرڪ جي بار هيٺ اهي دبيل هوندا جن خدائي حڪمن تي غير جي حڪمن کي ترجيح ڏني هوندي.

اي پيغمبر حق خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ ! دراصل اهو ئي عظيم مقصد آهي، جنهن جي تعليم ۽ ترويج لاءِ اسان هن قرآن کي واضح انداز ۾ نازل ڪيو آهي ۽ هن ۾ زندگيءَ جي غلط روش جي خطرن وارن نتيجن کان آگاهه ڪيو ته جيئن ماڻهو انهن مضرّ ۽ نقصان ڏيندڙ سوچن، روين ۽ ڪارگذارين کان پاڻ کي بچائي سگهن. هن ۾ جن تاريخي واقعن کي بيان ڪيو ويو آهي ته ان سان هنن جي سمجهڻ ۽ سوچڻ جي صلاحيت بيدار ٿئي ۽ ڪين سرفرازي ۽ سربلندي عطا ٿي وڃي ۽ نصيحت پذيري جي روشني نمودار ٿي وڃي. تقوىٰ، طاقت ور قوت تي ايري ۽ عصيان ۽ معاصي طرف ڌيان يا خيال به نه وڃي. ”اَللّٰهُمَّ اَرِنَا الْحَقَّ حَقًّا وَارْزُقْنَا اِتِّبَاعَهٗ وَاَرِنَا الْبَاطِلَ بَاطِلًا وَارْزُقْنَا اِجْتِنَابَهٗ“ واري تميز ڪندڙ صلاحيت نصيب ٿي وڃي. هر ماڻهو پنهنجي صلاحيت مطابق هن حقيقت کان فيضياب ٿي وڃي ته خدا جي ڏنل حڪمن جي ادائگي سان ڪيتري قوت ۽ ڪيترو غلبو حاصل ٿئي ٿو ۽ ڪيتري بلندي ۽ سرفرازيءَ جا مقام ملن ٿا، جو ته هي نظام ۽ قوانين ان الله عزو جل طرفان عنايت ٿيل آهن، جيڪو شهنشاهه حقيقي آهي ۽ جيڪو وڏي عظمت، ڪبريائي ۽ قوت جو مالڪ آهي، جنهن جي مشيت سان ئي اعلىٰ مرتبا حڪومت ۽ طاقت ملي ٿي ۽ ان جي مشيت جي روشني ۾ ئي بادشاهي ۽ اقتدار ڪسجي وڃي ٿو. (آل عمران: 26-27/3) هي هدايت نامو ۽ نصيحت جو دستاويز قرآن حڪيم تو ڏانهن آهسته آهسته وقفي وقفي سان خدا جي حڪمت هيٺ نازل ٿي رهيو آهي، ان ڪري ان جي حصول لاءِ عجلت ڪرڻ جي ضرورت ناهي. ”وَرَتِّلِ الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا ○ اِنَّا سَنُلْقِيْ عَلَيْكَ قَوْلًا ثَقِيْلًا○“ (المزمل: 4-5/73) ۽ قرآن کي ڌيري ڌيري سوچي سمجهي پڙهه، توکي عظيم ڪم ڪرڻو آهي. ان ڪري وحي جو انتظار ڪر، جلد بازي ۽ عجلت کان پرهيز ڪر ۽ هر وقت ”رَبِّ زِدْنِيْ عِلْمًا“ جي درخواست ورجائيندو رهه ته الله جي اصلي ذاتي قديم علم مان توکي عطائي عارضي ايترو ته علم نصيب ٿي ويندو، جنهن ۾ ڪائنات جا سمورا پهلو ۽ گوشا تنهنجي علم عطائي ۾ عطا ٿي ويندا ته الله جي عنايتن واري علم ۽ آگهي جي ڪمي آهي نه وري تنهنجي استطاعت ۾ گهٽتائي، رب ڏيڻ وارو تون وٺڻ وارو آهين.

بعد از خدا بزرگ توئی قصہ مختصر

(شيخ سعدي شيرازي رحمة الله عليه)

ان ڪري وحيءَ جو سلسلو جيستائين جاري رهي ۽ پورو نہ ٿي وڃي، ان سلسلي ۾ جلدي نہ ڪريو ۽ انهيءَ انتظار ۾ رهہ تہ غيب کان فيض جو بخششون ڪيستائين مالا مال ڪنديون رهن ٿيون. تنهنجي زبان تي ”رَبِّ زِدْنِيْ عِلْمًا “ جي صدا جاري رهي. يعني منهنجي تشنگي جي سيرابيءَ لاءِ علم جاري رهي، درياءِ عرفان حقيقيت سپ بارشون ڪافي نہ آهن. هتان واضح ٿي ويو تہ پيغمبر اسلام خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جي مقام علم و عرفان جي وسعت ۽ عظمت ڪيتري هئي، جنهن جي ڪا حد نہ هئي ان لاءِ ڪا زيادتي بہ زيادتي نہ هئي، هن پاران هر نعمت ۽ عطيي بعد وري عطيي جي تقاضا ”رَبِّ زِدْنِيْ عِلْمًا“ جي عرضداشت ۾ ظاهر آهي. الله تبارڪ و تعالىٰ جي ڏنل راهہ هدايت ۽ علم کان منهن موڙڻ يا تعلق ختم ڪرڻ ۽ پنهنجي جذبات ۾ عارضي مفادات پٺيان ڊوڙڻ ۾ ڪنهن قدر نقصان ۽ خسارو ٿئي ٿو، ان ڪي قرآن جي مختلف ستن جاين تي قصہ آدم تمثيلي طور بيان ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ انسان ڪي آگاهہ ڪيو ويو آهي تہ هي هڪ فرد جي داستان جي صورت ۾ انسان جي پوري سرگزشت (ڪارگذاوي) تمثيلي انداز ۾ بيان ڪئي وئي آهي. (البقره 30-38/2، الاعراف: 11-25/7) اسان آدم عليه السلام کي صاف صاف ٻڌايو هيو تہ وحيءَ جي رهنمائي ڪي ترڪ نہ ڪجاءِ پر هن ان ڪي ترڪ ڪيو. دراصل آدم عليه السلام ۾ عزم جي پختگي نہ هئي. انسان جي ڪمزورين ۾ عزم جي ناپختگي بہ شامل آهي. هي انسان جو هڪ ڪمزور پهلو آهي، اها ڪمزوري ايمان جي طاقت سان رفع ۽ مغلوب ٿي وڃي ٿي. اسان تو تي نهايت اهم ذميداري عائد ڪئي آهي. (الاحزاب: 72/33) اِنَّا سَنُلْقِيْ عَلَيْكَ قَوْلًا ثَقِيْلًا۝“ (المزمل: 5/73) ”اَلَمْ نَشْرَحْ لَكَ صَدْرَكَ۝وَوَضَعْنَا عَنْكَ وِزْرَكَ۝الَّذِيْٓ اَنْقَضَ ظَهْرَكَ۝“ (الم نشرح: 1/94 کان 3) اها عزم ۾ عدم پختگي آدم عليه السلام ۾ بہ هئي، جنهن تي هڪ ذميداري عائد ڪئي وئي هئي، جنهن کي هو وساري ويٺو، جنهن سبب جنهن کي مسجود ملائڪ بڻايو ويو هو، اهو هڪ عارضي فائدي حاصل ڪرڻ ۾ اصل عهد کي وساري ويٺو ۽ اصل مقام کان محروم ٿي ويو. ان ڪري جيترو جيترو قرآن نازل ٿي رهيو آهي ۽ جهڙو

حصو جنهن موقعي محل تي نازل ٿيڻ وارو آهي، اهو سڀ الله جي علم ۾ آهي ۽ ان جي حڪمت سان نازل ٿي رهيو آهي، جنهن جي نزول جو فيصلو بہ ان عليم خبير جي حڪمت مطابق آهي. ان ڪري ان عجلت ڪرڻ ۽ انتظار ۾ پريشان رهڻ جي ضرورت ناهي. بس الله طرفان جو ڪجهہ عنايت ٿي رهيو آهي، ان وحي واري علم جي زيادتي ۽ حصول لاءِ هميشہ طلبگار رهہ. الله جو توسان ساٿ آهي ۽ هميشہ ساٿ رهندو . ”مَا وَدَّعَكَ رَبُّكَ وَ مَا قَلٰى○ وَلَلْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لَّكَ مِنَ الْاُوْلٰى○ وَلَسَوْفَ يُعْطِيْكَ رَبُّكَ فَتَرْضٰى○ (الضحىٰ: 3/93 کان 5) ”نہ تنهنجي رب توکي ڇڏي ڏنو آهي ۽ نہ وري بيزار ٿيو آهي. بلاشڪ تنهنجي آغاز کان تنهنجو انجام گهڻو بهتر آهي. تنهنجي رضا مطابق توکي تنهنجو رب نوازيندو رهندو.“ ان ڪري عزم ۽ حوصلي سان وڌندو رهہ عجلت ۽ بي صبري کان پاڻ کي بچائي رک.

وَ اِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ اَبٰى ﴿١١٦﴾ فَقُلْنَا يٰٓاٰدَمُ
اِنَّ هٰذَا عَدُوٌّ لَّكَ وَ لِزَوْجِكَ فَلَا يُخْرِجَنَّكُمَا مِنَ الْجَنَّةِ فَتَشْقٰى ﴿١١٧﴾ اِنَّ
لَكَ اَلَّا تَجُوْعَ فِيْهَا وَ لَا تَعْرٰى ۙ﴿١١٨﴾ وَ اَنَّكَ لَا تَظْمَؤُا فِيْهَا وَ لَا تَضْحٰى ﴿١١٩﴾
فَوَسْوَسَ اِلَيْهِ الشَّيْطٰنُ قَالَ يٰٓاٰدَمُ هَلْ اَدُلُّكَ عَلٰى شَجَرَةِ الْخُلْدِ وَ
مُلْكٍ لَّا يَبْلٰى ﴿١٢٠﴾ فَاَكَلَا مِنْهَا فَبَدَتْ لَهُمَا سَوْاٰتُهُمَا وَ طَفِقَا يَخْصِفٰنِ
عَلَيْهِمَا مِنْ وَّرَقِ الْجَنَّةِ ۫ وَ عَصٰٓى اٰدَمُ رَبَّهٗ فَغَوٰى ۖ﴿١٢١﴾ ثُمَّ اجْتَبٰهُ
رَبُّهٗ فَتَابَ عَلَيْهِ وَ هَدٰى ﴿١٢٢﴾ قَالَ اهْبِطَا مِنْهَا جَمِيْعًا بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ
عَدُوٌّ ۚ فَاِمَّا يَاْتِيَنَّكُمْ مِّنِّيْ هُدًى ۙ فَمَنِ اتَّبَعَ هُدَايَ فَلَا يَضِلُّ وَ لَا
يَشْقٰى ﴿١٢٣﴾ وَ مَنْ اَعْرَضَ عَنْ ذِكْرِيْ فَاِنَّ لَهٗ مَعِيْشَةً ضَنْكًا وَّ نَحْشُرُهٗ

يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اَعْمٰى ﴿١٢٤﴾ قَالَ رَبِّ لِمَ حَشَرْتَنِيْٓ اَعْمٰى وَ قَدْ كُنْتُ
بَصِيْرًا ﴿١٢٥﴾ قَالَ كَذٰلِكَ اَتَتْكَ اٰيٰتُنَا فَنَسِيْتَهَا ۚ وَ كَذٰلِكَ الْيَوْمَ تُنْسٰى ﴿١٢٦﴾
وَ كَذٰلِكَ نَجْزِيْ مَنْ اَسْرَفَ وَ لَمْ يُؤْمِنْۢ بِاٰيٰتِ رَبِّهٖ ؕ وَ لَعَذَابُ
الْاٰخِرَةِ اَشَدُّ وَ اَبْقٰى ﴿١٢٧﴾ اَفَلَمْ يَهْدِ لَهُمْ كَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنَ
الْقُرُوْنِ يَمْشُوْنَ فِيْ مَسٰكِنِهِمْ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّاُولِي النُّهٰى ﴿١٢٨﴾ ع ٧ ١٣ ١٦

اهو واقعو ياد ڪريو، جڏهن اسان فرشتن کي حڪم ڪيو ته آدم عليه السلام کي سجدو ڪريو ته هو سڀ سجده ريز ٿي ويا، مگر ابليس نه مڃيو ۽ ان انڪار ڪيو.(116) جنهن تي اسان چيو ته اي آدم عليه السلام! يقينًا هي تنهنجو ۽ تنهنجي زوجه جو دشمن آهي، خيال ڪجو هي اوهان کي هن جنت مان ٻي دخل نه ڪرائي ڇڏي ۽ پوءِ اوهان کي تڪليف سَهڻي پوي. (117) هت يقينًا نه توکي بک ستائي ٿي ۽ نه اوگهڙ جي ضرورت آهي. (118) نه هتي اُڃ پريشان ڪري ٿي ۽ نه وري ڌپ (اُس- گرمي) جي تڪليف آهي.(119) پر پوءِ شيطان انسان کي وسوسي ۾ وڌو ۽ چيائينس ته مان توکي حياتِ ابدي واري شجره درخت جو ڏس پتو ڏيان ۽ اهڙي بادشاهي جي خبر ڏيان، جيڪا ڪڏهن به زائل نه ٿئي. (120) جنهن بعد ٻنهي (آدم ۽ ان جي زال) ان درخت جو ميوو کائي ورتو ۽ انهي ٻنهي جا ستر (پردا) انهن تي کلي ويا، جنهن تي هو باغ جا پن توڙي پنهنجي اوگهڙ ڍڪڻ لڳا. (مطلب ته آدم عليه السلام پنهنجي پروردگار جي چوڻ مطابق نه هليو، ان ڪري جنت جي زندگي کان ڀٽڪي ٻي راهه تي ويو). (121) پر پوءِ پروردگار هن کي پنهنجي (ڪارِ خاص) لاءِ منتخب ڪيو ۽ الله جي نظر

عنايت ۽ التفات وري حاصل ٿي وئي ۽ اڳتي لاءِ رهبري ۽ رهنمائي جي راهه کولي ڇڏي. (122) پوءِ حڪم صادر ڪرڻ فرمايو تہ اوهان ٻئي فريق (ڏريون) سمورا هن خوشگوار ماحول کان هيٺ هليا وڃو. توهان (يعني آدم ۽ ابليس) هڪ ٻئي جا دشمن رهندا. پوءِ منهنجي طرفان اوهان لاءِ رهنمائيءَ جي راهه کلي ۽ توهان تائين پهچي تہ ان جي پيروي ڪريو. ياد رکو جو ڪوئي منهنجي هدايت جي پيروي ڪندو، اهو نہ گمراهه ٿيندو ۽ نہ محروم رهندو. (123) پر جيڪو منهنجي ياد ڏهاني کي نظرانداز ڪندو ۽ منهن موڙيندو تہ ان لاءِ تنگيءَ واري زندگي هوندي ۽ اسان ان کي قيامت جي ڏينهن انڌو ڪري اٿارينداسون. (124) ان وقت هو چوندو تہ اي منهنجا رب! تو مون کي انڌو ڪري ڇو اٿاريو آهي، جڏهن (تہ دنياوي زندگي ۾) مان بينائي ۽ بصارت وارو هوس.(125) الله تعاليٰ جو فرمان هوندو تہ اهڙي طرح منهنجون آيتون (احڪام) تو تائين آيون ۽ تو انهن کي نظرانداز ڪيو، اهڙي طرح اڄ توکي نظرانداز ڪيو ويندو. (126) ۽ اهڙي طرح اسان ان کي اهڙو ئي بدلو ڏينداسون، جنهن حد (مقرر) کان تجاوز ڪيو ۽ پنهنجي رب ڪريم جي آيتن تي ايمان نہ آندو. (127) هن کان اڳ اسان ڪيترين ئي قرمن کي (سندن بداعماليءَ سبب) هلاڪ ڪري ڇڏيو، ڇا انهن مان هنن کي ڪا بہ رهنمائي نصيب نہ ٿي. اهي بہ هنن وانگر پنهنجن آبادين ۾ اهڙي طرح هلندا چلندا هئا، يقينًا هن ۾ عقلمند ماڻهن لاءِ (سڌرڻ جون) نشانيون موجود آهن.(128)

---

هن تمثيلي قصي جي ابتدا اتان ٿئي ٿي، جڏهن اسان فرشتن کي چيو هيو تہ آدم جي برتري قبول ڪندي ان جي آڏو سر نگون ٿي وڃو. تمام فرشتن الله جي هن حڪم کي مِنّ وَ عَنّ تسليم ڪندي آدم عليه السلام آڏو بلا چون و چرا سجده ريز ٿي ويا، مگر ابليس

الله جي هن واضح حڪم جي خلاف ورزي ڪندي آدم ؑ آڏو نہ جهڪيو. هن (ابليس) آدم ؑ جي اڳيان سندس برتري قبول ڪندي سر تسليم خم ڪرڻ کان انڪار ڪيو. تڪبر ۽ غرور ڪيو، الله جنهن کي پنهنجي دست مبارڪ سان ٺاهيو هيو ۽ پنهنجي توانائيءَ سان سرشار ڪيو هيو، جنهن کي اشرف المخلوقات جو اعلیٰ مقام عطا ڪيو هيو، جنهن ۾ خود خدائي نور يا نور ازل نمايان نظر اچي رهيو هيو، اهو شيطان جي نفرت وارين نگاهن کي نظر نہ آيو، پر هن کي هڪ مٽيءَ جو بوتو سمجهي پنهنجي برتريءَ کي ثابت رکڻ لاءِ بشريت جي هن اعلیٰ مقام کي سمجهڻ کان محروم رهيو ۽ لعنتي ٿي ويو.

تکبر عزازیل را خوار کرد
بزندانِ لعنت گرفتار کرد

(شيخ سعدي رحمة الله عليه: ڪريما)

تڪبر ابليس کي خوار ۽ تباهہ ڪري ڇڏيو ۽ هميشہ لعنت ۾ گرفتار ڪري ڇڏيو.

(وڌيڪ تفصيل قصہ آدم: سورت البقره: 30/2 ۾ ڏسو، خاص طرح سورة الاعراف: 12/7، سورة ص: 38/ 76، بني اسرائيل: 17/ 62-61)

اسان آدم ؑ کي ۽ سندس رفيق حيات کي ان وقت ئي آگاهہ ڪيو هيو تہ هي ابليس توهان جو ازلي دشمن آهي. هن جي دلاسن ۽ ڏٽن ۾ نہ اچجو، هي توهان جي قربت حاصل ڪري اوهان کي پنهنجي اعتماد ۾ آڻي، اهڙي حڪم عدولي نہ ڪرائي، جنهن ۾ اوهان کي هي جنت جي خوشگوار ۽ سدابهار زندگي ڇڏي مصيبتن ۽ مشڪلاتن جي آڙاهہ ۾ نہ اڇلائي ڇڏي، جنهن کي وري حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترا ڪشالا ڪڍڻا پوندا. هن وقت اوهان جنهن زندگيءَ جا پرمسرت ڏينهن گذاري رهيا آهيو ان ۾ نہ اوهان کي بک جي باهہ اجهائڻ لاءِ غذا جي ضرورت آهي ۽ نہ وري انگ ڍڪڻ لاءِ ڪپڙي ۽ پوشاڪ جي ضرورت آهي. اهي بئي نعمتون بلا مزدوري ۽ محنت اوهان کي هت ميسر آهن. هت نہ اوهان کي اُڃ لاءِ پاڻيءَ جي ضرورت آهي، نہ وري سج جي گرميءَ جو خطرو آهي. هت اوهان لاءِ کاڌي پيتي جو سامان ۽ بدن ڍڪڻ جي پوشاڪ، رهڻ لاءِ آرام ده مڪان جهڙيون سڀ نعمتون ميسر آهن. ليڪن شيطاني خيالن ۽ وسوسن کين گهيري ورتو ۽ پنهنجي

دام جو اسير بنائي، ڪين مشورو ڏنو ته ڇا مان اوهان کي اهڙي درخت جو پتو ٻڌايان جنهن جي ڦل (ميوي) کائڻ سان اوهان کي حيات جاويد ملي وڃي ۽ اوهان کي اهڙي مملڪت ملي وڃي، جنهن کي زوال نه آهي. (الاعراف: 20/7 کان 23) ۽ اوهان جو نام و نشان ۽ شان و مان سدا جاري رهي. انسان ته اهڙن سنهري خوابن ۽ عارضي باغ بهارين جو متمني هيو، سو شيطان جي وڇايل فريب واري ڄار جو اسير ٿي ويو ۽ هنن ٻنهي شيطان جي چوڻ مطابق ان ممنوع درخت جو ڦل کاڌو، جنهن سبب سندن شرمگاهون پڌريون ٿي پيون، ان ڪري هو باغ جي پنن سان اوگهڙ ڍڪڻ لڳا. هن عمل سبب آدم ﷺ پنهنجي رب جي نافرماني ڪئي ۽ ڀٽڪي ويو پوءِ الله آدم کي پنهنجي منصوبي جي تڪميل لاءِ منتخب ڪيو، سندس ساڳيو مقام ماڻڻ لاءِ وري هدايت تي اچڻ جي راهه کليل رکي ۽ ان جا سمورا امڪانات آسان بڻايا ۽ وري صراط مستقيم تي هلڻ لاءِ رهنمائي مهيا ڪئي. ان بعد ڪين حڪم ڏنو ته اوهان سڀ جا سڀ آدم، حوا ۽ ابليس هن جنت واري زندگي کان معطل ٿي هيٺ مقام ۽ مرتبي واري زندگي بسر ڪريو، جتي اوهان هڪ ٻئي جا ويري ۽ دشمن ٿي رهندا. هن بعد اوهان طرف بارگاهه الاهي کان هدايت ۽ رهنمائي جو سلسلو جاري رهندو، پوءِ جنهن به منهنجي هدايت جي پيروي ڪئي ۽ ان کي دل جي سچاين سان قبول ڪري زندگيءَ جي راهه بڻايو ته اهو ڪڏهن به نه ڀٽڪي بي راهه ٿي ويندو ۽ نه گمراهيءَ جي آڙاهه ۾ ڦاٿل رهندو. انسان جي اندر هڪ ايمان جي قوت هوندي آهي، جيڪا ڪيس دلي سڪون ۽ روحاني راحت عطا ڪندي آهي، جيستائين اها ايمان جي دولت دل ۾ جاءِ نه ناهي، تيستائين بي چيني ۽ بيقراريءَ جو راڄ رهندو. "اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَىِٕنُّ الْقُلُوْبُ" بي ايمان شخص پلي ڪيترا بهانا بنائي، پر اندر جو سڪون حاصل ٿي نه سگهندو.

قرآن جي هنن ٻن آيتن يعني 123 ۽ 124 ۾ اهو سڀ ڪجهه موجود آهي، جيڪو قرآن حڪم انسانن جي روحاني سعادت ۽ نفساني شقاوت بابت بيان ڪرڻ گهري ٿو. ارشاد رباني آهي ته جيڪو شخص وحيءَ جي هدايت واري واٽ تي هلندو ته اهو ڪڏهن به ڪاميابي جي حصول ۾ ناڪام ۽ غمگين (ڏکارو) نه ٿيندو. قرآن جي هدايت جو اصل مقصد به اهو آهي ته انسان کي بي راهه روي ۽ ان جي هولناڪ نتيجن کان آگاهه ڪري يعني ضلالت ۽ شقاوت کي کولي کولي بيان ڪري، جو ته انسان کي جيترين به

ٺوڪرون لڳن ٿيون، سي انهن بي راهه روي جو نتيجو آهن، ان جي برعڪس ڪاميابي ۽ سعادت جي هڪ راهه مقرر آهي، جڏهن به قدم ان سڌي راهه کان هيڏي هوڏي ٿيا، ته انسان شقاوت جي اونداهي کڏ ۾ ڪري تباهه ٿي ويو. ان ڪري فرمان الاهي واضح آهي ته جنهن به منهنجي ذڪر (يادگيري يا قرآن) کان منهن موڙيو، ان جي زندگي تنگي ۽ بي اطميناني ۽ جو شڪار ٿي ويندي. هو ظاهري طور ڪيترو ئي خوشحال ۽ مالدار نظر اچي، پر ڪيس دل جو اطمينان ۽ روح جي تازگي هرگز نصيب نه ٿيندي ۽ آخرت ۾ بينائي کان محروم يعني نپ انڌو ٿي ويندو، پر نيڪ بخت انسانن جون نگاهون روشن ۽ پرنور رهنديون، نافرمانن جون انڌيون اکيون جمال الاهي جي نظاري کان لطف اندوز ٿيڻ ۾ محروم رهنديون. هنن جي اکين تي پردا پيل هوندا. ”كَلَّآ اِنَّهُمْ عَنْ رَّبِّهِمْ يَوْمَئِذٍ لَّمَحْجُوْبُوْنَ○“ (المطففين: 83/ 15) آخرت ۾ اهو انڌو ان ڪري ٿي ويندو، جو اهو هن دنياوي زندگي جو بدلو هوندو. هن دنيا ۾ حق ڏسڻ کان اکيون انڌيون هيون، ان ڪري آخرت ۾ به انهن کي انڌو رکيو ويندو. ”وَمَنْ كَانَ فِيْ هٰذِهٖٓ اَعْمٰى فَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ اَعْمٰى وَاَضَلُّ سَبِيْلًا○“ (بني اسرائيل: 72/17)

معلوم ٿيو ته آخرت ۾ ثواب ۽ عذاب جو اهو معيار هوندو ته ثواب ۾ اکيون الله جي ديدار ۽ نظاري ڏسڻ لاءِ سرور ۽ شاداباد نظر اينديون، پر عذاب جي صورت ۾ انهن تي غلاف ۽ پردا چڙهي ويندا. ياد رهي ته هن دنيا ۾ ايمان وارن کي بي بسي ۽ ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ ڏسجي ٿو، مگر ان جي برعڪس يهودين، عيسائين ۽ ڪافرن کي وڏي شان و شوڪت ۽ مان مرتبي وارو ڏنو ويو آهي. اهو ان ڪري به آهي ته مسلمان رڳو نالي جا مسلمان آهن، سچا سرويچ مؤمن نه آهن. ”وَلَا تَحْزَنُوْا وَاَنْتُمُ الْاَعْلَوْنَ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ○“ (آل عمران: 129/3) جي معياري تي نٿا لهن. الله تعالىٰ مؤمنن کي هن دنيا جي عيش و عشرت، شباب ۽ شراب و ڪباب جي دل فريب رنگينين کان محفوظ رکيو آهي ۽ سندن زندگي جو خوشگوار بدلو آخرت ۾ ڏنو ويندو. جڏهن ته هن دنيا جي نظام مطابق ڪافرن کي خوشحالي ۽ مال متاع به آهي، جيڪا کين عارضي طور مهلت واري مدت ۾ مليل آهي. هن عارضي خوشي ۽ وقتي خوشحاليءَ کي ڪا بقا نه آهي. ان ڪري انهن تي آخرت ۾ ”وَمَنْ اَعْرَضَ عَنْ ذِكْرِيْ فَاِنَّ لَهٗ مَعِيْشَةً ضَنْكًا وَّنَحْشُرُهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اَعْمٰى“ جو قانون مڪافات عمل پذير ٿيندو. هن جي اهڙي غلط روش جو غلط انجام هن دنياوي زندگيءَ ۾ به ظهور

پذير ٿيندو تہ آخرت ۾ بہ نافذ عمل رهندو. (بني اسرائيل: 72/17، طٰهٰ: 20/ 102) جڏهن منڪر حق پاڻ کي انڌو محسوس ڪندو ۽ ڪيس ڪجهہ بہ نظر نہ ايندو تہ هو بارگاهہ الاهي ۾ عرضگذار ٿيندو تہ دنيا ۾ تہ مان انڌو ڪونہ هوس، مگر هت آخرت ۾ مون کي انڌو ڇو بڻايو ويو آهي.(الحج: 46/22) انڌي هجڻ مان هت مراد واقعي اکين جو بي نور هجڻ ۽ ڏسڻ جي صلاحيت کان محروم هجڻ آهي يا رڳو بصيرت جي محرومي مراد آهي. هن جون اکيون کليل هئڻ باوجود جمال الاهي کان لطف اندوز ٿي نہ سگهنديون. (الحديد: 13/57) الله تبارڪ و تعالىٰ طرفان ڪيس چيو ويندو تہ اسان جون آيتون تو ڏانهن آيون هيون، تو انهن آيتن تي ڌيان ڌرڻ بدران انهن کي اهڙي طرح نظرانداز ڪيو هيو، بلڪل ساڳي طرح هاڻي توکي بہ انڌو ڪيو ويندو. (ق: 22/50، ابراهيم: 43/14) ياد رهي تہ اسان حد کان گذرڻ وارن ۽ پنهنجي رب جي آيتن تي ايمان نہ آڻڻ وارن کي اهڙو ئي بدلو ڏينداسون، هي هن دنيا جو عذاب هوندو، پر آخرت ۾ هن جي اهڙي سرڪشيءَ جو عذاب تہ هن کان گهڻو سخت ۽ ديرپا هوندو. هو اتي پنهنجي حق ۾ ڪو بہ اهڙو دليل ڏئي نہ سگهندو، جنهن سان سندس رهائي يا عذاب جي ڪميءَ جو جواز بڻجي، دوزخ جو عذاب دنياوي عذاب معيشيت جي تنگي ۽ نابيني کان تمام گهڻو سخت دردناڪ هوندو ۽ اهو يڪدم غائب نہ ٿيندو، پر گهڻو وقت رهندو.

اي حبيب محترم خاتم النبيين ﷺ! ماضيءَ جا سمورا واقعا جيڪي تاريخ جي سيني تي نقش آهن ۽ هڪ حقيقت آهن، اهي مخالفن ۾ اصل حقيقت واضح ڪرڻ لاءِ ڪافي نہ آهن. خدا جو قانون مڪافات عمل يوم اول کان جاري و ساري آهي، جنهن مطابق ڪيترين ئي قومن کي سندن اعمال جي پاداش ۾ تباهہ ڪيو ويو آهي، ڇو تہ اهي قانونِ خداوندي آڏو سر تسليم خم ڪرڻ، ان کي عملي زندگي ۾ آڻڻ کان هميشہ سرڪشي ڪندا رهيا آهن. اهي قصا گهڻو پراڻا نہ آهن. هن وقت بہ هو انهن اجڙيل ۽ تباهہ ٿيل بستين ۾ گهمندا ڦرندا رهن ٿا. هن ۾ عاد ۽ ثمود جون بستيون شامل آهن، جن کي هو پنهنجي اکين سان ڏسي رهيا آهن تہ نافرمان ماڻهن ۽ قومن جو ڪهڙو حشر نشر ٿيو. هنن تاريخي شهادتن ۽ آفاقي علامتن سان حقيقت تائين رسائي ممڪن ۽ آسان آهي، بشرطيڪ انهن تي پوري صداقت سان غور و فڪر ڪيو وڃي.

وَ لَوْ لَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ لَكَانَ لِزَامًا وَّ اَجَلٌ مُّسَمًّى ﴿١٢٩﴾ فَاصْبِرْ
عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَ سَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ قَبْلَ طُلُوْعِ الشَّمْسِ وَ قَبْلَ غُرُوْبِهَا ۚ
وَ مِنْ اٰنَآئِ الَّيْلِ فَسَبِّحْ وَ اَطْرَافَ النَّهَارِ لَعَلَّكَ تَرْضٰى ﴿١٣٠﴾ وَ لَا تَمُدَّنَّ
عَيْنَيْكَ اِلٰى مَا مَتَّعْنَا بِهٖٓ اَزْوَاجًا مِّنْهُمْ زَهْرَةَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۙ لِنَفْتِنَهُمْ
فِيْهِ ؕ وَ رِزْقُ رَبِّكَ خَيْرٌ وَّ اَبْقٰى ﴿١٣١﴾ وَ اْمُرْ اَهْلَكَ بِالصَّلٰوةِ وَ اصْطَبِرْ
عَلَيْهَا ؕ لَا نَسْـَٔلُكَ رِزْقًا ؕ نَحْنُ نَرْزُقُكَ ؕ وَ الْعَاقِبَةُ لِلتَّقْوٰى ﴿١٣٢﴾ وَ قَالُوْا
لَوْ لَا يَاْتِيْنَا بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ اَوَ لَمْ تَاْتِهِمْ بَيِّنَةُ مَا فِى الصُّحُفِ الْاُوْلٰى
﴿١٣٣﴾ وَ لَوْ اَنَّآ اَهْلَكْنٰهُمْ بِعَذَابٍ مِّنْ قَبْلِهٖ لَقَالُوْا رَبَّنَا لَوْ لَآ اَرْسَلْتَ اِلَيْنَا
رَسُوْلًا فَنَتَّبِعَ اٰيٰتِكَ مِنْ قَبْلِ اَنْ نَّذِلَّ وَ نَخْزٰى ﴿١٣٤﴾ قُلْ كُلٌّ مُّتَرَبِّصٌ
فَتَرَبَّصُوْا ۚ فَسَتَعْلَمُوْنَ مَنْ اَصْحٰبُ الصِّرَاطِ السَّوِيِّ وَ مَنِ اهْتَدٰى ﴿١٣٥﴾ ع ٨ ١٧

۽ جيڪڏهن هڪ ڳالهه تنهنجي پروردگار طرفان هن کان اڳ طئي ٿي نه چڪي ها ۽ مهلت جي هڪ مدت مقرر نه هجي ها ته لازمي طور عذاب اچي وڃي ها. (129) ان ڪري جو ڪجهه بڪواس هي ڪري رهيا آهن، ان لاءِ صبر ڪيو ۽ سج ايرڻ کان اڳ ۽ سج لهڻ کان پهريان پنهنجي پروردگار جي تسبيح ۽ توحيد ڪريو ۽ رات جي پهرئين حصي ۾ ان جي تسبيح ڪريو ۽ ڏينهن جي ڪجهه حصن ٻن پهرن بعد ٻپهري (ظهر) جي وقت ۾ تسبيح جاري رکو ته توهان کي خوشيون نصيب ٿينديون ۽ سموريون آرزون پوريون ٿي وينديون.

(130) انھن مان ڪجھ ماڻھن کي ھن آزمائش ڪرڻ واسطي اسان جيڪو زيب و زينت جو سامان ڏنو آھي، ان ڏانھن توھان اک کڻي بہ نھاريو ۽ يقين ڪريو تہ توھان جي رب جو رزق ئي بھتر آھي ۽ اھو باقي رھڻ وارو آھي. (131) توھان پنھنجي ماڻھن کي نماز جي تلقين ڪريو ۽ پاڻ بہ ان جا پابند ٿيو. اسان توھان کان ھنن لاءِ ڪو رزق طلب ڪرڻ وارا نہ آھيون، رزق تہ توھان کي اسان کان ملندو، اسان توھان کان تقوىٰ جي خواھش رکون ٿا ۽ آخري فتحمندي سوڀ ۽ فيروزمندي تقوىٰ جي مرھون منت آھي. (132) ھو چون ٿا تہ الله وٽان اسان لاءِ ڪا نشاني ڇو نٿي نازل ٿئي، ڇا ھنن وٽ اھي نشانيون نہ آيون آھن، جيڪي ھن کان اڳ جي ڪتابن ۾ ھيون. (133) پر جيڪڏھن ھن قرآن جي نازل ٿيڻ کان اڳ ھنن کي عذاب سان ھلاڪ ڪري ڇڏيون ھا تہ يقينًا ھي ماڻھو چون ھا تہ تو اسان ڏانھن رسول ڇو نہ موڪليو تہ اسان ذليل و خوار ھئڻ کان اڳ اسان تنھنجي حڪمن جي پيروي ڪيون ھا. (134) ڪين چؤ تہ ھر شخص انتظار ۾ آھي پوءِ اوھان بہ انتظار ڪريو تہ پوءِ عنقريب توھان کي معلوم ٿي ويندو تہ ڪير سڌي رستي تي آھي ۽ ڪير ھدايت يافتہ آھن.(135)

ڇا مڪي جا مشرڪ ۽ دينِ حق جا منڪر اھو نٿا ڏسن تہ ھنن کان اڳ ڪيتريون امتون گذري چڪيون آھن، جن جا ھن وقت ھي جانشين آھن ۽ پنھنجي سفر دوران ھي انھن جي بستين ۽ رھائشگاھن کان اڪثر گذرندا رھن ٿا. اھي قومون بہ پنھنجي دور جون طاقتور ۽ خوشحال قومون ھيون، انھن ڏانھن بہ الله جا رسول آيا، جن ڪين الله جون آيتون بيان ڪيون، مگر ھنن ان جي تڪذيب ڪئي، جنھن ڪري ھنن کي ھلاڪ ڪيو ويو. مڪي جا قريش بہ انھن جي روشن تي ھلي رھيا آھن ۽ بار بار عذاب جي گھر ڪن ٿا، ڪين معلوم ھجي تہ گناھ ۽ سزا جي درميان زندگيءَ تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ مھلت جو وقت ھوندو آھي. جڏھن اتمام حجت ٿي ويندو ۽ مھلت جو وقت گذري ويندو آھي تہ پوءِ سندن ھلاڪت جو عذاب، جنھن جو فيصلو ٿي چڪو ھوندو، اھو انھن کي پڪڙي وٺندو ۽ تباھ

ڪري ڇڏيندو. سو اهي مشرڪ ۽ ڪافر بد شد بڪن ٿا، يا تنهنجي مخالفت ڪن ٿا. ان تي صبر اختيار ڪريو ۽ پنهنجي پروردگار جي حمد ۽ تسبيح ڪندا رهو. اوهان تہ ڪافرن لاءِ سندن گهر مطابق عذاب جي گهر ڪريو ۽ نہ پنهنجي بيقراريءَ ۾ اضافو آڻيو، پر صبر صلواة جو سهارو وٺو سج جي اڀرڻ ۽ سج جي لهڻ کان اڳ ۽ رات جي پهر ۾ تسبيح جاري رکو ۽ ڏينهن جو ٻنهي حصن جي شروع ۽ آخر ۾ تسبيح ڪندا رهو (بني اسرائيل: 79/17) تہ جيئن توهان کي سڀ خوشيون نصيب ٿين ۽ توهان جون تمام اميدون آرزون پوريون ٿي وڃن. تسبيح ۾ تنزيه غالب آهي، يعني الله کي انهن ڳالهين کان پاڪ ۽ مبرا قرار ڏيڻ، جيڪي هن جي شان جي منافي آهن، پر حمد ۾ اثبات جو پهلو غالب آهي. يعني الله کي اهڙين صفتن سان متصف قرار ڏيڻ جيڪي سندس شايان شان آهن. هي نفي ۽ اثبات ٻئي ملي الله جو صحيح تصور دل ۾ راسخ ڪن ٿا. هت سج اڀرڻ کان ۽ سج لهڻ کان مان فجر ۽ عصر مراد آهي ۽ رات جي تسبيح مان مغرب ۽ عشاء جي نماز مراد آهي ۽ ڏينهن جي ٻنهي حصن شروع ۽ آخر وارن حصن ۾ جنهن ۾ چاشت جي نماز ظهر جي نماز بہ آهي. هت پنج وقت فرض ۽ ٽي وقت نفلي نماز جو حڪم آهي، يعني اشراق، چاشت ۽ تهجد جي نماز. اها تسبيح ۽ حمد جاري رک تہ توکي خوشيون نصيب ٿين ۽ تنهنجي رضا ۽ آرزو پوري ٿي ويندي.

خودی کو کر بلند اتنا کہ ہر تقدیر سے پہلے
خدا بندے سے خود پوچھے بتا تیری رضا کیا ہے

(اقبال رحمة الله عليه)

جهڙيءَ طرح ٻج پوکڻ ۽ فصل لڻڻ ۾ وقفو آهي، اهڙي طرح گناهہ سرزد ٿيڻ ۽ ان جي بدلي عذاب ملڻ ۾ مهلت جو وقت آهي، جيڪو الله طرفان انسان کي ڇوٽ ڏني وئي آهي تہ هو ان ۾ پنهنجي اصلاح ڪري ۽ پاڻ کي متوقع عذاب کان محفوظ ڪري وٺي، پر جڏهن ماڻهو ان مهلت جي وقت جو فائدو بہ نٿا وٺن ۽ انبياءَ سڳورن طرفان هدايت جي اتمام حجت بہ ٿي وڃي ٿو تہ پوءِ ان گناهہ جو ٽائي ٽيل عذاب ڇهٽي وڃي ٿو ۽ تباهہ ڪري ڇڏي ٿو. اهو ساڳيو حڪم "وَاسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوةِ" (البقره: 153/2) ۾ آيو آهي. اي خدا جا رسول خاتم النبيين صلي الله عليه وآله وسلم! تون هنن ڪافرن، مشرڪن جي حق ۾ منڪرن جي دنياوي ۽ ظاهري

ناٽ باٽ، عيش و عشرت، مال و دولت ۽ سماجي شهرت ۽ سڪون طرف پنهنجي نگاهہ کڻي بہ نہ ڏس. (الحجر: 88/15) ۽ اهو خيال بہ تنهنجي دل ۾ نہ اچي تہ غلط روش ۽ راهہ تي هلڻ وارا هن قدر خوشحال ڇو آهن ۽ اسان يعني مسلمان ۽ مؤمن مشقتن ۽ محنتن ۾ مبتلا ڇو آهيون. دراصل دنيا جي هي سادي چمڪ دمڪ ان لاءِ آهي تہ اسان ڪين آزمائش جي ڪوري ۾ پچائي ڏسون. دنيا جو هي مال متاع، ڌن دولت، اختيار اقتدار سڀ عارضي ۽ فاني آهن. (آل عمران: 14/3) "اِنَّا جَعَلۡنَا مَا عَلَى الۡاَرۡضِ زِيۡنَةً لَّهَا لِنَبۡلُوَهُمۡ اَيُّهُمۡ اَحۡسَنُ عَمَلًا۝" ( الکهف: 7/18) اسان زمين تي دنيا ڪي موجود پرڪشش ۽ سهڻو بڻايو آهي تہ اسان آزمايون تہ انهن مان ڪير بهتر آهي. انهن ڪي هن فتني جي بدلي اهڙي باهہ جي ڪاهيءَ ۾ اڇلايو ويندو، جيڪا هنن ڪي ساڙي بسم ڪري ڇڏيندي. (الهمزه: 104/7-6) پر جو ڪجهہ رزق الله جي ربوبيت ۽ رحمت واري بحر بي ڪران وٽان ملڻ وارو آهي، اهو سڀ کان بهتر آهي. "اَلَّذِىۡ خَلَقَ الۡمَوۡتَ وَ الۡحَيٰوةَ لِيَبۡلُوَكُمۡ اَيُّكُمۡ اَحۡسَنُ عَمَلًا۝" (الملک: 2/67) (زندگي) حيات ۽ موت بہ آزمائش لاءِ آهن تہ ڪير چڱا ڪم ڪري رهيو آهي.

هن آزمائش ۽ امتحان واري دنيا ۽ مومن جي مضبوط هٿيار صبر ۽ نماز ۾ آهي جنهن سان حوصلو، استقلال، دلي سڪون ۾ قرار ملي ٿو. تون گهر وارن ڪي بہ نماز جو پابند بناءِ ۽ تون پاڻ بہ ان تي مضبوطيءَ سان ثابت قدم رهہ. توهان هر مشڪل جو مقابلو صبر ۽ صلوات سان ڪيو ۽ انهن جي روحاني ڪيفيت سان معمور ٿي وڃو. هي ٻئي اهڙا آزمايل نسخا آهن، جن سان ڪامراني ۽ فتح جا بند دروازا ڪلي وڃن ٿا. هت "اَهۡلَكَ" مان مراد صرف گهر وارا نہ آهن، پر مؤمنن جي ان وقت موجود پوري جماعت مراد آهي. عربي زبان ۾ اهو لفظ انهيءَ وسعت سان استعمال ٿيندو آهي، جهڙي طرح آل فرعون ۾ فرعون جو گهراڻو نہ، پر سمورو فرعوني ٽولو مراد آهي. اسان اوهان ڪي نماز ۽ صبر جو ڏس انهيءَ ڪري ڏيون ٿا تہ اوهان جو الله سان رابطو رهي. حديث شريف ۾ آهي تہ نبي ڪريم خَاتَمُ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّم تي جڏهن ڏکيو وقت ايندو هو تہ هو نماز جو اهتمام ڪندا هئا. (صحيحين) اوهان کان اسان رزق يا معاش جو مطالبو نٿا ڪريون. اوهان معاش ۾ مسڪينيءَ جو فڪر نہ ڪريو. معاش ۽ رزق جو اسان ذمو ڪنيو آهي. "وَ مَا مِنۡ دَآبَّةٍ فِى الۡاَرۡضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزۡقُهَا" (هود: 6/11، الانعام: 6/151-99، العنڪبوت: 60/29، يٰس: 147/36، حٰم السجده:

10/41) اسان توهان کي رڳو عمل صالح جو مڪلف (ادا ڪرڻ وارو) بنايو آهي، باقي رزق ۽ ان جا وسيلا سڀ رب العالمين جي قانون ربوبيت ۽ فيضان رحمت جو مظهر آهن. اهي بنا محنت جي مهيا آهن. ان جو اوهان ڪان مطالبو نٿا ڪريون. اوهان کي اهو خوف به نه هئڻ گهرجي ته قريش مڪه سان تعلقات ڪشيده ٿيڻ ۾ غرباء و مساڪين مؤمنن جو ڇا ٿيندو، جڏهن ڪافر سخا جو دروازو بند ڪندا، رزق جو ذمو الله جو آهي، اهو وسائل پيدا ڪندو، اوهان لاءِ ان کي انتظام رکڻو آهي. اوهان کي خدا طرفان عطا ٿيل رزق جي صحيح استعمال جو تقاضا آهي ۽ جيڪي ماڻهو هن ٻڌايل پروگرام صبر، نماز ۽ معيشت جي نظام جي پوري طرح نگهداشت ڪندا ته هر قسم جون خوشگواريون، مسرتون، سهولتون ۽ نوازشون اهڙن مخلص ۽ متقي ماڻهن لاءِ مخصوص هونديون.

هي مخالف بار بار چون ٿا ته هي رسول پنهنجي رب جي طرفان اهڙيون واضح نشانيون ڇو نٿو ڪڍي اچي، جن کي ڏسي اسان کي هن جي دعوىٰ تي يقين اچي وڃي ۽ اسان سڀ ان تي بنا حيلي ۽ حجت جي ايمان آڻيون. هنن کان پڇو ته ڇا اوهان وٽ اڳين قومن ۽ رسولن جو ذڪر اوهان جي آسماني ڪتابن ۾ نه آيو آهي، جنهن ۾ خدا جي نبين الله جون آيتون به پيش ڪيون، پر انهن جي سخت مخالفت ڪئي وئي ۽ ڪيترن جو ناحق قتل ڪيو. توهان جي انهن آسماني ڪتابن ۾ آيل آيتن جو هن قرآن ۾ به ذڪر آهي، جيڪو انهن واقعن جي تصديق ڪري ٿو. ڇا قرآن جو اهو اعجاز آيات الاهي نه آهي، جو هو اهڙي واضح ۽ روشن دليل باوجود ڪنهن نئين آيت ۽ نشاني جا درخواستگذار آهن. هنن جا اهي سوال حق ۽ حقيقت پروڙڻ لاءِ نه آهن، پر ضد ۽ هٽ ۾ اچي مخالفت برائي مخالفت جي علامت آهن. اسان جيڪڏهن هنن جي ڪارنامن تي وجون ها، جيڪو هو ماضي بعيد ڪان ڪندا اچن ٿا ۽ انهن جي بدلي ۾ ڪين عذاب جو مزو چکايون ها ته يقينًا اهو چون ها ته اسان جا رب! اسان جي لاءِ هدايت ۽ رهبري واسطي ڪو رسول يا نبي نه آيو آهي ۽ نه اسان تائين تنهنجو پيغام صحيح طور پهتو آهي. اسان تي اتمام حجت ڪانسواءِ اسان کي عذاب جو نشانو بنايو ويو آهي، جو درست ناهي. اوهان طرفان رسول اچڻ گهرجي ته پوءِ اسان ان جي اطاعت ۽ پيروي ڪريون ۽ جيڪڏهن ان پيروي ڪرڻ ۾ ڏوهاري ثابت ٿيون ته پوءِ پلي عذاب اچي، باقي اتمام حجت ۽ وحيءَ جي رسائي ملڻ ڪان

اڳ اسان کي ذليل ۽ رسوا ڪرڻ بي سبب آهي. باقي اسان ڏي نبي اچن ها ته اسان ضرور ايمان آڻيون ها، توهان کي هن لايعني بحث کي بند ڪرڻ لاءِ ٻڌايو ٿو وڃي ته خدا جو رسول ﷺ به اچي چڪو آهي ۽ الله طرفان آخري هدايت نامو قرآن به موجود آهي، حضور ﷺ جي پاڪيزه زندگي ۽ قرآن جي تاثير واري تعليم ٻئي اهڙا معجزا يا آيات الاهي آهن، جن جو مدمقابل نه آهي.

اي نبي محترم ﷺ ! هنن بيوقوفن سان بحث و مباحثي ۾ الجهڻ ۽ سندن ڪج فهمي ۽ ڪم عقليءَ جو مقابلو ڪرڻ جي ضرورت ناهي. تون الله جو آخري نبي ۽ آخري رسول ﷺ آهين، تو تي آخري ڪتاب نازل ٿي چڪو آهي، جنهن ۾ ”اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَرَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا“ (المائده: 3/5) تڪميل دين، اتمامِ نعمت ۽ اسلام کي دين سمجهڻ جو تاريخ انساني جي ابتدا کان هدايت ۽ رشد جي سلسلي جو ذڪر اختتام پذير آهي. تنهنجو فرض رسالت هنن تائين الله جي پيغام کي ڪماحقه پهچائڻ آهي، باقي ان هدايت کي قبول ڪرڻ يا قبول نه ڪرڻ هنن جي ارادي ۽ اختيار تي ڇڏيل آهي. اي پيغمبر حق ﷺ ! هنن کي چئي ڇڏ هاڻي هت هر هڪ کي نتائج جو انتظار ڪرڻو آهي. ان ڪري اوهان به انتظار ڪريو، عنقريب اوهان کي معلوم ٿي ويندو ته ڪير سڌي رستي تي آهي ۽ ڪير منزل تي پهچي ويو آهي. قرآن جو هي انداز بيان سخت وعيد ۽ شديد عتاب جي غمازي ڪري رهيو آهي. مون پنهنجي منصبي فرض پوري طرح ادا ڪيو آهي ۽ اوهان تائين پهچايو آهي. پر اوهان ان کي مڃڻ لاءِ تيار نه آهيو.

---

الحمد لله اڄ تاريخ 28 رمضان المبارڪ1444ھ بمطابق 19 اپريل 2023ع بروز اربع سورة طٰهٰ جو شرح بيان ۽معاني پورو ٿيو. وما توفيقي الا بالله العلي العظيم. بارڪ الله لي ولڪم في القرآن العظيم ونفعني واياڪم بالآيات والذڪر الحڪيم.

گلاسڪو، برطانيه (بيت السعد)